فارغ ٿيا هئا. اهو به ٻي ذي الحجه فقط رمي جمرات ڪرڻ لاءِ ۽ انهن ڏينهن ۾ منيٰ ۾ رهڻ
آهي پيو ڪو ڪم حج جو ڪونه آهي. تنهن ڪري ١٢ تاريخ تائين رهڻ ۽ رمي ڪرڻ ته واجب آهي
هاڻي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪري حاجي ١٢ تاريخ بعد از زوال رمي ڪري مڪه ڏانهن ڪوچ
ڪندا آهن پر ياد رکڻ گهرجي ته تاريخ زوال کان اڳي رمي ڪرڻ ۽ صبح جو
سوير و تعجيل ڪري نڪرڻ درست نه آهي. باقي ١٣ تاريخ جي انهن ڏينهن منيٰ ۾
رهندو ۽ بعد از زوال رمي ڪري ويندا ته بهتر آهي جيڪڏهن اهڙا ت انهن ۾
رمي پيا پنجين اهه ذي الحجه جي رمي بيان ٿو هاڻي واجب ٿي پوندي. جيڪڏهن
اڳيون نه ڪري ته بيا ته قضيو.

حضرت سرور ڪائنات عليه الصلوٰة والسلام حجة الوداع جي موقعي تي ١٣ تاريخ جو
رمي ڪري بعد از زوال مڪه شريف ڏانهن روانا ٿيا - ابطح جنهن کي وادي محصب به
چوندا آهن ظهر جي ادا ڪيائون ۽ آرام ڪيائون عصر جي وقت مڪه شريف ۾ داخل ٿيا
هئا. حاجي متابعت سنت جي واسطي هو ٿوري دير وادي محصب ۾ قيام ۽ آرام ڪري
پوءِ مڪه مڪرمه ويندا ته بهتر آهي. مُحَصَّب نالو ڪشادي ميدان جو آهي مڪه شريف
جي ڀرسان جي ۾ جنة المعلیٰ جي نزديڪ ٻن جبلن جي وچ آهي جنهن کي بطحا ۽ ابطح
به چوندو آهي. هجرة کان اڳي مڪه جي قريش جن هن حضور جن جي مخالفت ۾ اتفاق
ڪري سندن سڀني بني هاشم سان قطع تعلقات جو فيصلو ڪيو جنهن کي پنهنجي شهر مان
ٻاهر ڪيو ته هن حضرت جن پنهنجي اهل ۽ عيال عزيزن قريبن سميت شهر جي ڀرسان ٽي
سال اتي جي رهيا هوا تنهن ڪري سندن نسبت الله تعاليٰ ڪري البطحي جي نبي ﷺ

بعضي مسائل واحڪام حج.

حج جا فرائض ٽي آهن: احرام ٻڌڻ - عرفات ۾ وقوف ڪرڻ -
طواف زيارت جو ڪرڻ - واجبات حج ٻي پنجن يا ڇهن شمار
ڪيا ويا جن مان ميقات کان احرام ٻڌڻ - صفا مروه جي
وچ ۾ ڊوڙڻ - عرفات ۾ سج لٿي تائين رهڻ - مزدلفه ۾ وقوف ڪرڻ - رمي جمار
ڪرڻ - منڊي ڪرائڻ يا ڪترائڻ - ترتيب سان اعمال حج ڪرڻ - طواف قدوم جو
طواف صدر جو - قارن ۽ متمتع لاءِ دم شڪرانو جو ذبح ڪرڻ - طواف جي وقت وضوءِ

[illegible]

مستحبات ۽ مڪروهات بيشمار آهن. بعض جو بيان مختلف جاين تي هن ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي.

مسئله وجوب دم جي سبب ڪري ٿئي ٿو يا ترڪ واجبات سان يا ارتڪاب ممنوعات سان سو ياد رکڻ گهرجي ته ترڪ واجب جو لاچاري عذر ڪري ٿيو هجي ته اهو معاف آهي تنهن تي ڪو ڏنڊ ڪونه آهي يعني دم نه آهي عيوضو انهيءَ جاءِ وارن ڪندو ته ضرور دم پريندو ۽ ارتڪاب ممنوعات جهڙوڪ ڪپڙا ڍڪڻ - خوشبوءِ لڳائڻ وغيره وغيره جيڪي احرام ۾ منع آهن انهيءَ ڪرڻ سان دم پورو ٿيو سو اهڙي ڪم جيڪڏهن عذر سان ڪندو خواه بغير عذر جي ڪندو ته دم ڏيندو ۽ پيو ڪو عيوضو انهيءَ ۾ نه گهرندو ۽ جيڪڏهن اهو ڪم عذر جي ڪري ڪيائين ته انهيءَ اختيار آهي جيڪو دم ڏئي يا دم جو عيوضو يعني دم جو عيوضو جيڪو آهي سو ٽي ڏينهن روزا يا انهيءَ جي ڇهن مسڪينن کي ڏئي - ڇهن جڻن کان گهٽ ماڻهن کي ڏيندو ته باقي رهيل کي پيو ڏئي عدد پورو ڪندو - مسڪين خواه حرم جا هجن يا ٻي پاسي جا ۽ ٽي روزا رکي لاڳو لاڳ رکي يا جدا جدا اڪٺا به رکي جتي هجن وٽين تڏهن رکي مگر دم جيڪو ڪهندو سو ضرور ڪري ڍڪندو حرم ۾ ڪهندو.

مسئله حج جي رڪنن مان ڪنهن به واجب جي ترڪ ڪرڻ سان جو دم پورو ٿيو تنهن ۾ ٻڪري يا دنبو يا ٻي گهٽ جي ستين ڀيڱي ڪافي آهي مگر ٻه صورتون آهن جنهن ۾ سڄو اٺ يا ڏڳو ڪهڻ لازم ٿئي ٿو تنهن کان گهٽ جائز نه ٿيندو.

هڪ ته طواف زيارت جو جنب سان يا ڪا عورت حيض نفاس سان ڪري ٻيو ته وقوف کان بعد منڊڻ کان اڳي جماع ڪري ته انهن ٻن صورتن ۾ ٻڪري يا دنبو ڪافي نه آهي سڄو اٺ يا ڏڳو ڪهندو. ۽ جيڪڏهن وقوف عرفات کان اڳي ڪو ماڻهو جماع ڪندو ته انهيءَ جو حج فاسد ٿيندو ۽ انهيءَ لازم آهي ته اهو حج به پورو ڪري يعني باقي مناسڪ حج جا بجاءِ آڻي ۽ ٻي سال انهيءَ فاسد حج جي قضا به ڪري اهو مسئلو اڳي به دم جي مسئلن ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي - تنذڪر.

ايام اقامت مڪه مڪرمه | مڪه مڪرمه ۾ رهڻ جا ڏينهن وڏي غنيمت جاڻي

واجبن جي ترڪ ۽ ارتڪاب ممنوعن جو بيان

متبرڪات ۽ نيڪ عمل

جيترو ٿي سگهي اتي قسمت رهڻ جي ٿئي ته هر قسم طاقت ۾ هر طرح عبادت ۾ ڪوشش ڪري. نماز، روزو، تلاوت، خيرات، صدقات، متبرڪات جي زيارت ۾ هميشه مشغول رهي. خصوصاً عمرو بجاءِ آڻڻ ۾ گهڻو طواف ڪرڻ جو ته خاص خيال رکي جو ته اهي عبادتون خاص انهيءَ جاءِ سان آهن جي هند ٻئي نه ٿيون سگهن. هي وقت ڪمائڻ جو آهي، پنهنجو وقت بيڪار نه گذاري. لهو و لعب ۾ پنهنجي عمر عزيز صرف نه ڪري، هن وقت جي ڪمائي وڏي نفع واري آهي. ٿوري عمل جو ثواب گهڻو ۽ ٿوري محنت جو اجر وڏو آهي.

مڪه شريف ۾ هر هڪ ڪار خير يا عمل ثواب ڪنهن وقت انهيءَ هيڪڙي ڪار وانگي برابر هڪ سؤ هزار ڪارن جي اجر ملڻ واري موقعه وري هٿ ڪونه ايندو، تنهنڪري اڳي وانگي پنهنجي سستي ۽ ڪاهلي ڇڏي جوهمت جي بدي پنهنجي آخرت لاءِ توشو گڏ ڪري ۽ هميشه رهڻ واري گهر آباد ڪري جنگل ۾ مال سان سنگهار ٿئي. مگر ياد رکڻ گهرجي ته جيئن مڪه شريف ۾ تزايد حسنات ۽ تضاعف مثوبات ٿئي ٿو تيئن بدعملن جي قباحت به اشد ۽ عقوبت انهيءَ جي مضاعف آهي. حتيٰ ڪه حضرت عبدالله ابن مسعود جيو آهي ته ڪنهن ٻئي شهر ۾ بدعمل جي فقط نيت ڪرڻ سان ماڻهون نٿو جهلجي مگر مڪه شريف ۾ جيڪڏهن بدعمل جو گناهه جو فقط دل ۾ ارادو ڪندو ته انهيءَ کي عذاب ٿيندو، جيئن خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي وَمَنْ يُرِدْ فِيهِ بِإِلْحَادٍ بِظُلْمٍ نُذِقْهُ مِنْ عَذَابٍ أَلِيمٍ.

انهيءَ سبب ڪري احتياط وارن بزرگن حرمين شريفين ۾ گهڻو رهڻ ۽ مجاورت ڪرڻ پسند نه ڪئي آهي.

حضرت امير عمر رضي الله تعاليٰ عنه حج ڪرڻ کان پوءِ ته زور زبردستي سان ماڻهن کي پنهنجي ملڪ روانو ڪندو هو ۽ چوندو هو يا اهل اليمن يمنڪم يا اهل الشام شامڪم ويا اهل العراق عراقڪم يعني ڏيو سڀئي پنهنجي ملڪ هليا وڃو جو ته گهڻو رهڻ سان ماڻهو بي ادب ۽ گستاخ ٿيو پوي پوءِ اها ڳالهه عجب اهو ادب ۽ احترام باقي نٿو رهي انهن ڪري عالمن جيو آهي ته ٻين شهرن جي ڀيٽ ۾ دل پنهنجي بيت الله سان تنگيل

حرمين شريفين ۾ احتياط سان رهڻ گهرجي نه ته پنهنجي ملڪ هليو وڃي

جي ائو جيئن آهي ڪنهن جي جو تون مڪه شريف ۾ هجين ۽ دل تنهنجي ٻئي
پاسي لڳل هجي. حضرت سفيان ثوري کان نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن تنهن
اصحابن کي چيائين ته قسم آهي الله تعاليٰ جو آئون نٿو ڄاڻان ته ڪهڙي ملڪ ۾ سڪونت
اختيار ڪريان. تڏهن حاضرين مان ڪنهن عرض ڪيو ته خراسان ۾ چيائين ته اتي مذاهب
مختلف ۽ عقائد فاسد گهڻا آهن. چيائون ته شام ۾ چيائين ته اتي مشهور ٿيندس
۽ ماڻهون مون تي وري ويندا اهو به مون لاءِ چڱو نه آهي. چيائون مڪه ۾ چيائين
مڪه شريف ڪيسه کي ٻه ڳاري ٿو ۽ بدن کي ٻه ڳاري ٿو. يعني جنهن کي مالي ۽ جسماني طاقت
۽ قوت هجي سو مڪه شريف ۾ رهي نه ته مال ۽ حال ٻئي اتي رهڻ سان کٽي. مطلب
ته جنهن کي مالي طاقت ۽ جاني قوت هجي يعني انهي ملڪ ۾ ڪو حلال وجه معاش جو ڪري
سگهي يا هن ملڪ مان ڪا مستقل آمدني هجيس ۽ اتي با ادب با حيا ظاهراً و باطناً
صبر ۽ تقويٰ سان رهي سگهي ته بهتر نه ته پنهنجي ملڪ ۾ وڃي الله تعاليٰ جي درگاه
۾ بي ادب ۽ گستاخ ٿيڻ ڏر هي.

حضرت امام اعظم ۽ حضرت امام مالڪ ۽ ٻين بزرگن اهڙن ماڻهن جو مڪه شريف
۾ رهڻ مڪروه چيو آهي تنهن ڪري شيخ علي قاري شرح مناسڪ ۾ لکي ٿو ته
جيڪڏهن هن زماني جي ماڻهن جا احوال اماڻ سگهون ته ڪن جي علوم جي ڄاڻڻ جي دعويٰ
توڪل جي ڪري ويٺا آهن في الحقيقت منهن ۾ نظر مخلوقن جي مالن ۾ آهي ۽ دولتمند
محتاج جي خير خيرات ۾ طمع ڪري ويٺا آهن يا انهي سان گڏ ريا ۽ خود نمائي جي ڪري
آهن ته بيشڪ انهن لاءِ فتويٰ حرمت جي ڏين ها فلا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم.

مسئله نماز جي هي مسئلو انهن کي معلوم هوند ته مسافر جڏهن شهر ۾ اقامت
جي نيت ڪندو يعني پندرهن ڏينهن جي يا انهن کان زياده ته اهو مقيم ٿيندو ۽ نماز
پنهنجي پوري پڙهندو بشرطيڪ هڪڙي شهر ۾ لاڳيتو رهندو جيڪڏهن ڏهه
ڏينهن مثلاً هڪڙي شهر ۾ رهي ۽ پنج ڏينهن ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي پوءِ ٻيهر
ڏهه ڏينهن اتي اچي ٽڪي ته اهو مقيم نه ٿيندو. اگرچه انهن شهرن ۾ جملي پندرهن
ڏينهن ٽڪي ويٺو هجي. هاڻي حاجي کي نئين تاريخ ضرور مني ۾ ۽ عرفات ۾ وڃڻو

آهي سو جيڪڏهن ايترو وقت اڳي مڪه شريف ۾ آيو آهي جو اٺين تاريخ تائين هنکي مڪه ۾ لاڳيتا پندرهن ڏينهن گذري ٿا وڃن ته اهو مقيم آهي نماز پوري چار رڪعتون ڪري پڙهندو ۽ جيڪڏهن پندرهن ڏينهن کان اڳي هنکي منيٰ ۽ عرفات ڏانهن نڪرڻو آهي ته اهو مسافر ٿي رهندو ۽ ٻه رڪعتون پڙهندو رهندو ڇو ته جو منيٰ ۽ عرفات کان موٽي اچڻ واري سندس نيت معتبر آهي جيڪڏهن مڪه شريف ۾ نيت اقامت جي ڪيائين ته مقيم آهي نه مسافر.

مسئله داخل ڪعبه شريف جي وڏي سعادت ۽ خوش نصيبي آهي موجب رفع درجات ۽ ڪفاره سيئات آهي ڪمال خضوع ۽ خشوع سان تمام طهارت ۽ نظافت سان داخل ڪرڻ اندر نفل نمازون پڙهڻ ۽ دعائون گهرڻ مستحب آهن مگر جو نڪ حاجين جي اجتماع ۾ حج جي موسم جائز ۽ مستحب طريقه سان اها نعمت حاصل ڪرڻ مشڪل آهي تنهنڪري ڪنهن ٻي وقت فرصت ۽ ايام اقامت ۾ اها دولت حاصل ٿئي ته غنيمت ڄاڻي مگر اهڙي حالت ۾ وڃڻ گهرجي جو ماڻهن کي ايذاء ڏجي ۽ نالائق ماڻهن گڏ وڌڻ ٿئي جيئن ته دخول مستحب ۽ هي فعل حرام آهن ۽ اهڙي طرح اجرت اهڙي ڏيڻ حرام آهي ڪما صرح به العلماء الاعلام.

مسئله استلام حجر اسود جو مسئلو به اهڙي طرح سمجهڻ گهرجي جو حج جي موسم ۾ بغير ايذاء ڏيڻ مسلمان جي ۽ زور زبردستي ڪرڻ جي ممڪن نه ٿو ٿئي تنهنڪري پري کان حجر اسود جي مقابل بيهي هٿن سان اهڙو اشارو ڪري هٿن جون تريون چمي اڳتي طواف جو دور شروع ڪرڻ گهرجي ڪما ذڪرنا سابقا. جاهلن ۽ عام ماڻهن وانگي خواه مخواه حجر اسود کي چمي ڏيڻ لاء زور زبردستي نه ڪري بلڪ حج جي سڀني مناسڪ ۾ صفا مروه تي سعي. مزدلفه. عرفات تي هر جاء اهو اصول ياد رکجي تنهن واسطي مختصر حديث شريف رواني ٿي اچون ٿا جا سمجهڻ ۽ نصيحت وٺڻ لاء ڪافي آهي.

صحيح ابن ماجه ۾ عبدالله بن عمر کان رضي الله تعالى عنهما روايت ڪيل آهي ته موٽ رسول خدا جيڪي صلى الله تعالى عليه وسلم ڏٺو جو طواف خانه ڪعبه پيو ڪيائون ۽ ڪعبه کي

خطاب ڪري) چيائون ڪيڏي نه تنهنجي خوشبوءِ آهي ۽ ڪيڏي نه تنهنجي سرهاڻ آهي؟ ڪعبا ڪيڏو نه وڏو درجو تنهنجو آهي ۽ ڪيڏي نه وڏي عزت تنهنجي آهي. قسم آهي خدا تعالى جي جنهن جي هٿ ۾ محمد جو ساهه آهي ته الٻته مومن جي عزت خدا تعالى وٽ تنهنجي عزت کان وڌيڪ آهي. خواه انهيءَ مال جي خواه انهيءَ دم جي. ۽ ٻي روايت ۾ مال ۽ جان سان آبرو انهيءَ ۾ مذڪور آهي. كذا في الزواجر للشيخ ابن حجر الهيتمي المكي في مواضع متعددة من كتابه. پر خيال ڪرڻ گهرجي ته سو نه جيڪي ماڻهون ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ مومن کي ڏکائي ۽ استلام ڪن انهيءَ ڪري ثواب نه ٿيندو. انهيءَ ڪري مولاناءِ روم چيو آهي ته ۔

دل بدست آور که حج اکبر است — از هزاران کعبه یک دل بهتر است

مسئله ايام اقامت مڪه مڪرمه جي وقت فرصت ۾ گهرجي ته مڪه شريف جي آس پاس جيڪي متبرڪ جايون ۽ مسجدون ۽ مقام آهن انهيءَ جي زيارت ڪري ۽ راحت روح ۽ دل جو سرور حاصل ڪري. شهر جي اندر زيارت گاهون ۽ قابل ديد يادگار رهيا جو موجوده حڪومت انهيءَ کي ويران ڪري ڇڏيو آهي خصوصًا گهر بي بي خديجة الكبرىٰ جو، جو باتفاق علماء ڪرام مڪه شريف جو افضل المواضع آهي بعد مسجد الحرام. ۽ مولد النبي ۽ مولد سيدنا علي ۽ سيدنا حضرت ابابڪر صديق جو گهر ويران ڪيا ويا آهن. باقي ٻيون زيارت گاهون مثلاً جنت المعلىٰ ۽ جبل ثور ۽ جبل نور جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.

عمره: عمره جي معنيٰ آهي احرام ٻڌي طواف ڪري، صفا مروه جي ڊوڙ ڪري مٿو ڪوڙائي انهن اعمال جا آداب ۽ شرائط بجا آڻي احرام ڇوڙي ڇڏي جي بعد آهي "عمرو" عمره جو ثواب به حج جيترو آهي گويا سال ۾ هر وقت حج ڪري سگهي ٿو. عمر ۾ هڪڙي دفعه ڪرڻ ته سنت مؤڪده آهي بلڪ واجب آهي لقوله تعالى وَأَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ۽ زياده نفل عمرا جيترا ڪندو اوترو ثواب آهي خصوصًا رمضان شريف جي مهيني ۾ عمرو ڪرڻ جو وڏو درجو آهي. حديث شريف ۾ آهي عمرة في رمضان تعدل حجة يعني رمضان شريف ۾ عمرو ڪرڻ برابر آهي حج سان جو

موڪلائڻ وقت گڏ ڪري ۽ ٻاهر نڪري سگهي ٿو. فرمايو آهي ته حج ۽ عمرو هڪ ٻئي پٺيان ڪريو ڇو ته اهي ٻئي گناهن کان ائين صاف ڪن ٿا جيئن ڪوري واهڻ جي لوهه کان ڪٽ کي صاف ڪري ٿي.

عمري جي ترتيب هيءَ آهي:- ته ماڻهو حرم شريف جي حد کان ٻاهر نڪري نيت عمري جي ڪري احرام ٻڌي ۽ افضل هي آهي (۽ هينئر معمول طريقو به اهو آهي) ته حاجي مڪه شريف کان نڪري تنعيم "۾ وڃي احرام ٻڌي" تنعيم "نالو هڪڙي مڪان جو آهي جو مڪه کان ٽي ٣ ميل پري اتر پاسي حل جي حد ۾ آهي - اتي اُمّا مسجد آهي جتان بي بي عائشه بعد حجة الوداع جي احرام عمري جو ٻڌو هو - ٻاهر جي حوض ۽ کوهه بنائي آهي جا جي عام طرح ٻڌا ويا آهي هتي وڃي وضو يا غسل ڪري احرام ٻڌي مسجد ۾ نفل پڙهي موٽي اچي مڪه ۾ عمرو پورو ڪندا آهن - احرام ٻڌڻ سان لبيڪ چوڻ شروع ڪري ۽ احرام جا حڪم سڀ اهي آهن جيڪي حج ۾ بيان ڪيا ويا آهن ۽ مڪه شريف ۾ اچي باب السلام کان يا باب العمره کان مسجد الحرام ۾ داخل ٿي "تنعيم" کان باب العمره ڏانهن سڌو رستو آهي تنهنڪري حاجي هاڻي باب العمره کان داخل ٿيندا آهن مسجد ۾ داخل ٿي بدستور معلوم طواف ڪري (انهيءَ طواف ۾ رمل ۽ ڪلهو اُگهاڙو به ڪجي) بعد نماز طواف جو ٻيهر استلام حجر اسود جو ڪري باب الصفا کان نڪري صفا مروه کان ڊوڙي طرح حج ۾ ڪيو آهي سو ڪري ۽ مٿو ڪوڙائيندو ۽ احرام جي ترتيب حلال ٿيندو طواف شروع ڪرڻ سان لبيڪ چوڻ بند ڪندو.

عمري جي احرام جا. طواف جا. سعي جا. طرح جا سڀ اهي حڪم سڀ گهرجي فرائض واجبات. سنتون ۽ مستحبات ممنوعات ۽ مڪروهات آهن جيڪي حج جا آهن.

حج ۽ عمري جو فرق ڪن ڳالهين ۾ آهي مثلاً عمري ۾ ڪي ڏاهڻ جيتون نه آهي وقوف عرفات جو ۽ مزدلفه جو ڪونهي. رمي جمرات جو ڪونه ڪجي. طواف قدوم جي ۽ طواف وداع جو ڪونهي. ٻيو ته حج لاءِ خاص ڏينهن ۽ تاريخون مقرر آهن. عمري جي واسطي خاص وقت ۽ تاريخ مقرر نه آهي. سڄو سال هر وقت رات جو خواهه ڏينهن جو ڪري سگهجي ٿو. مگر پنج ڏينهن حج جا يعني ٩-١٠-١١-١٢-١٣ عمري ڪرڻ مڪروهه آهي.

مسئلو: اهل مڪه کي حج جي مهينن يعني شوال ذي القعد ۽ ذي الحج جي ١٠ تاريخ
تائين عمرو ڪرڻ جائز نه آهي. جو ته الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو آهي ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ
أَهْلُهُ حَاضِرِي الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ انهيءَ سبب ڪري انهن کي تمتع ۽ قِران ڪرڻ منع آهي
جو انهن ٻنهي صورتن ۾ عمرو ضرور انهن مهينن ۾ ٿيندو.

مسئلو: جيڪو ماڻهو ميقات جي اندر رهندڙ آهي يا جيڪو ماڻهو حج جي مهينن
کان اڳ ۾ مڪه ۾ مقيم ٿي آيو آهي سو اهل مڪه جي حڪم ۾ آهي يعني انهن کي به
انهن مهينن ۾ عمرو ڪرڻ ڪراهت آهي. مگر جيڪڏهن اهل مڪه کي انهيءَ سال حج ڪرڻو
نه آهي ته انهن کي عمرو ڪرڻ جو منع نه آهي ۽ آفاقي لاءِ پنجن مذڪوره ڏينهن کان
سواءِ هر وقت جائز آهي.

مسئلو: عمري فاسد ڪرڻ سان يعني قبل طواف جي جماع ڪرڻ سان يا عمري جو
طواف جنابت سان ڪرڻ ڪري فقط ٻڪري جو دم ڏيڻي پوندي برخلاف حج جي جو انهيءَ
صورت ۾ انهن کي ٻڌنه يعني اٺ يا ڏڳو ڪهڻ ضروري ٿئي ٿو.

مسئلو: ڪو ماڻهو عمره کي فاسد ڪري ته اهو ساڳيو پورو ڪرڻ گهرجي
سو نئون احرام ٻڌي ٻيهر قضا ڪرڻ مٿس لازم آهي.

زالن ۽ مردن جي حج ۾ فرق

زالن ۽ مردن جي حج ۾ فرق

حج جي ترتيب زالن لاءِ اها ساڳي آهي جيڪا مردن لاءِ آهي
فرائض ۽ واجبات، ممنوعات ۽ مڪروهات آداب ۽ نوافل
اهي ساڳيا آهن. مگر ڪن ڳالهين ۾ فرق آهي جنهن جو بيان
اڳتي هر هڪ مسئلي جي پنهنجي جاءِ تي ڪري آيا آهيون. هاڻي هتي به اهي مسئلا گڏ
ڪري مختصر طور لکون ٿا ته سمجهڻ ۾ ۽ ياد ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ۽ انهيءَ فائدي
جي ڪري تڪرار جي پرواهه نه ڪريون.

(١) هڪ ته زال کي بغير محرم جي حج تي وڃڻ منع آهي.

(٢) ٻيو ته احرام ۾ زالن کي سبيل ڪپڙا پائڻ درست آهن خواه رنگين هجن خواه اڇا
يا سوٽي ملڪ زيور پائڻ به درست آهن. باقي سر ڍڪڻ جو منع آهي جيڪو مردن
کي منع آهي. موزا جوراب دستانا پائڻ به زالن کي درست آهن.

(٣) ٽيون ته احرام ۾ زالن کي مٿو ڍڪڻ ضروري آهي بخلاف مردن جي. مگر زالون منهن کليل رکنديون يا اهڙو نقاب لڳائينديون جو منهن کان پري بيٺو هجي ڇاڪاڻ ته زالن جو احرام منهن ۾ مردن جو مٿي ۾ آهي.

(٤) چوٿون ته زال لبيڪ بلند آواز سان نه چوندي آهستي چوندي.

(٥) پنجون ته زال طواف ۾ رمل ۽ اضطباع نه ڪندي سمورو طواف هميشه آهستگي سان ڪندي.

(٦) ڇهون ته زالون حجر اسود جو استلام ازدحام جي وقت ترڪ ڪنديون ۽ مردن سان مزاحمت نه ڪنديون.

(٧) ستون ته ٻه رڪعتون واجب طواف جيهن بازدحام جي وقت ۾ مقام ابراهيم تي خواهه مخواهه نه پڙهي بلڪ پاسي مسجد ۾ خلاصه هنڌ پڙهي ۽ جيڪڏهن مقام ابراهيم خالي هجي ته اتي پڙهي.

(٨) اٺون ته صفا مروه تي جيڪڏهن ازدحام ماڻهن جو هجي ته مٿي نه چڙهي هيٺين جاءِ تي بيهي دعا گهري.

(٩) نائون ته صفا مروه جي وچ زالن کي ڊوڙڻ جو حڪم نه آهي بخلاف مردن جي جو ميلين اخضرين جي وچ ڊوڙي هلندا زالون سمورو پنڌ وقار ۽ آهستگي سان ڪنديون.

(١٠) ڏهون ته زال احرام کولڻ جي وقت فقط قصر ڪنديون يعني ڪينچي سان ڪجهه وار ڪٽي ڇڏينديون مٿو ڪوڙائڻ زالن کي جائز نه آهي بخلاف مردن جي.

مسئله عذر واري زال حيض ۽ نفاس ۾ سڀ اعمال حج جا بجاءِ آڻي سگهي ٿي مثلاً احرام ٻڌڻ. صفا مروه تي ڊوڙڻ. عرفات تي بيهڻ. رمي جمار ڪرڻ وغيره وغيره مگر فقط طواف ڪري نه ٿي سگهي ڇو ته مسجد الحرام ۾ وڃڻ جي منع آهي سو به طواف زيارت يا نفلي جي ٿيون سگهي ته ڪين مسجد الحرام ۾ اينديون سو ٻيا طواف نفلي ته ڦيو باقي جيڪي ٻه فرض واجبي طواف آهن تن جو حڪم هي آهي ته طواف زيارت جو ڏهه ايام نحر ۾ ادا ڪرڻ فرض آهي) اهي ڏينهن طواف زيارت جي ڪرڻ کان اڳ زال عذر واري

ڦري پوي ته ان کي درست آهي جو صبر ڪري ۽ پاڪ ٿئي کان پوءِ طواف زيارت جو ڪري جيڪڏهن اگرچه ايام نحر جا گذري وڃن ۽ دم به مٿس ڪونه ٿيندو مگر جيڪڏهن ايام نحر ۾ پاڪ ٿي وئي ۽ ايترو وقت به آهي جا اڪثر طواف جو ڪري سگهي ٿي پوءِ به پاڻ واٽ سستي ڪري دير ڪيائين ته دم مٿس لازم ٿيندو.

ٽيون آهي طواف وداع جو. سو جيڪڏهن وقوف عرفات ۽ طواف زيارت کان پوءِ عذر واري ٿي پوي ۽ رفيق سندس ملڪ وڃڻ لاءِ تيار ٿيا آهن ته ان طواف جو ڇڏڻ معاف آهي ۽ دم به مٿس ڪونهي پر پنهنجي ملڪ هلي وڃي مگر ٿي سگهي ته پاڪ ٿيڻ ۽ طواف وداع ڪرڻ تائين صبر ڪري پوءِ وڃي ته بهتر آهي پر جيڪڏهن شهر مان نڪري وڃڻ کان اڳ پاڪ ٿي يا ان شهر جي حد ۾ آهي ته طواف ڪرڻ مٿس لازم ٿيندو. ضروري آهي ته اچي طواف ڪري پوءِ پنهنجي ملڪ وڃي. بغير طهارت جي ڪا به ڪو طواف نه ڪيو آهي ته ان جو طواف نفل قائم مقام طواف وداع جي ٿي سگهندو.

طواف وداع

وَدِّعْ هُرَيْرَةَ إِنَّ الرَّكْبَ مُرْتَحِلُ ۔ وَهَلْ تُطِيقُ وَدَاعًا أَيُّهَا الرَّجُلُ

نفلي طواف ته حاجي هر هميشه ڪندو رهيو آهي. هاڻي هي پويون طواف موڪلائڻ جو ۽ پنهنجي محبوب کان جدائي جو آهي سو ته مٿس واجب آهي. طواف جو طريقو ته ساڳيو اهو آهي جو معلوم آهي. هن ۾ رمل ۽ اضطباع ڪونه آهي باقي هر ڪا ڳالهه پوءِ سعي ڪرڻ آهي ڀيا آداب ۽ شرائط لوازم ۽ مستحبات جي رعايت پڻ بجا آڻي جي جيترو ٿي سگهي هن طواف ۾ زياده ڪوشش ڪري. خبر ناهي ته وري اهڙي سعادت وصال جي خوش نصيبي ديدار فائض الانوار جي پنهنجي زندگاني ۾ اعتبار حياتي ۾ نصيب ٿئي يا نه ٿئي؟ شايد هي طواف هيئن آخري طواف هجي ۽ وري هن کان اهڙو موقعو نه ملي.

شايد همين نفس نفس آخرين بود

مستحب طريقو طواف وداع جو هي آهي ته مسجد الحرام ۾ بطريق مسنون داخل ٿي حجر اسود جو استلام ڪري ست ڦيرا طواف جا بغير رمل ۽ اضطباع جي ڪري ۽ ٻه رڪعتون طواف جيون مقام ابراهيم جي پويان يا ٻي جاءِ تي مسجد الحرام ۾ پڙهي پوءِ طريقي سان زمزم ڏي ڪري پيئي ۽ ڪجهه پاڻي پنهنجي منهن ۽ مٿي تي تبرڪ لاءِ وجهي ملتزم وٽ

اچي التزام ڪري موقعه ۽ ڄاڻي پنهنجي ديوار ڪعبه سان لڳائي سڄو هٿ پنهنجو مٿي
ڪري ڪعبه جي ڇانئون تي رکي ۽ غلاف کي چنبڙي ڪجهه وقت حمد ۽ ثنا تڪبير ۽
تهليل سان مشغول ٿئي درود شريف ۽ ماثوره دعائون پڙهي گريه ۽ زاري سان
استغفار ڪري پنهنجي واسطي ۽ پنهنجي والدين ۽ مشائخن ۽ سڀني مسلمانن لاءِ
خضوع ۽ خشوع سان خلوص قلب سان دعا گهري ۽ هيئنئن چوي اَلسَّائِلُ بِبَابِكَ
يَسْئَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ وَمَعْرُوْفِكَ وَيَرْجُوْ رَحْمَتَكَ پوءِ باديده تر ۽ دل بريان
پوئين پيرين هلندو هلندو باب الوداع مان نڪري اچي اهڙي طرح پوئين
پيرين ابو هلي نڪرڻ افضل آهي ڪن عالمن لکيو آهي ته بطريق معمول دروازي ڏانهن منهن
ڪري سنئون هلندو وڃي مگر بار بار پٺيان موڙي پنهنجو منهن ڏانهن ڦيرائي حسرت سان نگاه
فراق جي ڪري پوري ڪعبه اڳتي وڃي ۽ روئندو رهي اهڙي طرح التفات ڪندو
نڪري وڃي ۽ نڪرڻ وقت چوي اَللّٰهُمَّ لَا تَجْعَلْهُ اٰخِرَ الْعَهْدِ مِنْ بَيْتِكَ الْحَرَامِ
وَاِنْ جَعَلْتَ فَعَوِّضْنِيْ مِنْهُ الْجَنَّةَ -

مسئلو طواف وداع جو مختصر آهي ته طواف ڪري پوءِ نفل پڙهي زمزم پيئي
پوءِ التزام اختيار ڪري ٻاهر نڪري وڃي بخلاف ٻين طوافن جي جا سان حقيقي
وقت افضل ترتيب الحيم هي آهي جو طواف کان پوءِ پهرين التزام ڪري پوءِ
نفل پڙهي پوءِ زمزم پيئي يعني هن پوئين طواف ۾ التزام پوءِ ڪري ۽ ڪم جو ٻاڪ
آخرين عمل پنهنجو ڪعبه شريف کان موڪلائڻ جو ٿئي ٻزال جيڪڏهن عذر وارو
هجي ته اختياري طواف وداع جو ڪوڏ آهي پر جيئن آهي ته ٻاڪا ڦي ناهي ترسي طواف ڪري پهچي
وڃي پيو ته نقط در وٽ ٻاهران بيهي موڪلائي ڪري وڃي جيئن آڳي چيو آيا سين.

مسئلو طواف زيارت ڪرڻ کانپوءِ ڪوبه نفلي طواف حاجي ڪيو ته اهو طواف وداع
جي قائم مقام ٿي سگهندو ۽ واجب هن تان لهي ويندو مگر افضل آهي ته اهو طواف بالڪل
آخرين وقت روانگي جي ڪري ڇوڪ امام صاحب جن آهي ته جيڪڏهن روانگي جي
ڏينهن طواف وداع جو ڪيو مگر نڪرڻ ۾ هنڪي پر ڪي ڏني ۽ رات پنجي وئي ته بهتر آهي
جو نڪرڻ وقت ٻيهر طواف نيت وداع جي سان ڪري ڇو ته ٿئي ۽ مستحب آهي ته نڪرڻ

وقت حرم شريف جي مسڪينن کي پنهنجي طاقت سارو ڪجھه خيرات ڏئي ۽ هي پڙهي
وقت هي دعا پڙهي آئِبُوْنَ تَائِبُوْنَ عَابِدُوْنَ لِرَبِّنَا حَامِدُوْنَ وَلِرَحْمَتِهٖ
قَاصِدُوْنَ صَدَقَ اللّٰهُ وَعْدَهٗ وَنَصَرَ عَبْدَهٗ وَهَزَمَ الْاَحْزَابَ وَحْدَهٗ
وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ.

مختصر ترتيب حج جي.

جڏهن حاجي ميقات، يعني احرام ٻڌڻ جي جاءِ کي پهچي بلڪ بهتر آهي تہ ان کان به اڳ ۾ احرام ٻڌي، احرام ٻڌڻ جي ترتيب هي آهي جو غسل ڪري يا وضو ڪري ۽ سبيل هجي ته پنهنجي بدن تان لاهي احرام جي ٻن چادرن يعني هڪڙي سان گوڏ ڪري ٻي سان ڪلهن تي ويڙهي تنهن سان پنهنجو پيٽ ۽ ٻانهون ڍڪي مگر مٿو اگهاڙو رکي ڪجھه تيل ۽ خوشبوءِ به پنهنجي بدن کي مکي ته بهتر. ٻه رڪعتون نفل پڙهي ۽ دل ۾ حج جي نيت ڪري ۽ زبان سان هي الفاظ پڙهي اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُرِيْدُ الْحَجَّ فَيَسِّرْهُ لِيْ وَتَقَبَّلْهُ مِنِّيْ يَا اللّٰهُ. آءٌ تنهن حج جي نيت ڪريان ٿو تون مونکي سولو ڪري ڏين ۽ قبول ڪرين پوءِ لبيڪ جي دعا بلند آواز سان پڙهي - لبيڪ جي دعا هي آهي

لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ.

احرام ٻڌڻ سان حج جي احڪامن ۾ داخل ٿيو هاڻي رفث سان جهيڙو جهگڙو وڙهڻ يعني شهوت انگيز ڳالهين ۽ سڀني گناهن ۽ ممنوعات عمل کان پرهيز ڪري. جهنگلي جانورن جو شڪار ڪرڻ يا ٻين مارڻ کي ڏسڻ ۽ اشارو ڪرڻ سبيل هجي ته ڍڪڻ ۽ مونهن مٿو ڍڪڻ خوشبوءِ مکڻ يا ڪاٽڻ وار ڪوتارڻ ۽ پٽڻ اهي سڀ ڪم احرام ۾ ممنوع ۽ حرام آهن باقي غسل ڪرڻ يا پاڇلي ۾ رهڻ يا هيائي چيڪلي ٻڌڻ درست آهي پوءِ جڏهن مڪه شريف کي ڏسجي ته مستحب آهي ته غسل ڪري ۽ ضرور ... ڪرڻ با ترس ڪان سوا ڏهن حرم شريف ۾ باب السلام کان وٺي داخل ٿئي. دل ۾ عزت ۽ هيبت بيت الله جي قائم ڪري ڪمال ادب ۽ نهايت خضوع ۽ خشوع سان حمد ۽ ثنا ۽ چونڊ دعائون پڙهندو دربار الٰهي ۾ حاضر ٿئي خصوصاً ڪعبة الله شريف تي پهرين نظر

نظر پوندي دعا جي قبوليت جو مبارڪ ۽ مقبول وقت آهي تنهنڪري دين دنيا جي ڀلائي
۽ سعادت لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهري ۽ مطاف ۾ وڃي حجراسود جي سامهون
بيهي تڪبير ۽ تهليل چئي ٻنهي هٿن پنهنجا مٿي کڻي حجراسود تي رکي ۽ پنهنجي آواز جي
چمي ڏئي ۽ جيڪڏهن ماڻهن جو هجوم هجي ته ڪنهن کي ايذاءُ ڏئي پري کان بيهي اشارو
ڪري. طواف شروع ڪري ۽ ڪلهن واري چادر ساڄي ڪلهي کان هيٺان بغل مان
ڪڍي مٿي کٻي پاسي چادر جا ڪنڊ ڪلهي تي وجهي - ٽن پهرين ڦيرن ۾ ڪلهن کي
لوڏيندو ننڍو ننڍو قدم کڻندو پنهنجي خوشي ۽ قوت جو اظهار ڪندو هلي. پوئين
چئن ڦيرن ۾ ڌيري آهستگي سان آرام سان هلي ست ڦيرا طواف جا پورا ڪري.
هر هڪ ڦيري ۾ حجراسود جي استلام مذڪور طريقي سان ڪندو وڃي شروع ۽
حجراسود کان ڪري ۽ ختم به حجراسود تي ڪري پوءِ ٻه رڪعتون طواف جون مقام
ابراهيم وٽ يا مسجد ۾ جتي جاءِ ملي سو وڃي پڙهي - نفل پڙهي پوءِ وري به اچي
حجراسود جو استلام ڪري. صفا مروه ڊوڙڻ لاءِ باب الصفا کان نڪري پهرين صفا جي
ٽڪري تي چاڙهي تي چڙهي بيهي ۽ ڪعبة الله شريف جي سامهون ٿي تڪبير ۽ تهليل
۽ صلواتون پڙهي هٿ مٿي ڪري دعائون گهري پوءِ لهي اچي ۽ مروه ڏانهن وڃي ۽
آهستگي سان هلي مگر جڏهن ٽڪرين جي وچ ۾ پهچي تڏهن ڊوڙي وڃي ٽڪر جي ٻئي پاسي
تي چڙهي (اها نشاني هاڻي ڏيکاري ڏني آهي مگر اڳتي پاسن کان ساوا ٿنڀ نشانن
لڳل آهن اهي ٻن ٿنڀن جي وچ ۾ ڊوڙڻ گهرجي) پوءِ آهستگي سان هلي مروه جي
ٽڪري تي بيهي ۽ اتي به چاڙهي تي چڙهي مذڪوره طريقي سان دعائون ڪندو. اهو
ٿيو هڪڙو ڦيرو وري مروه کان صفا ڏانهن ايندو ۽ انهن ساڳين ٿنڀن جي وچ
ڊوڙندو صفا تي اچي چڙهندو ۽ پهرين ڦيري وانگي دعائون گهرندو ۽ اذڪار پڙهندو
اهو ٿيو ٻيو ڦيرو. مطلب ته اهڙي طرح ست ڦيرا اهي ڏي ڪندو شروع صفا
کان ختم مروه تي ڪندو. هاڻي آهي ته سعي کان پوءِ وري مسجد الحرام ۾ اچي ٻه رڪعتون
نفل پڙهي پنهنجي جاءِ تي وڃي ۽ تلبيه جي دعا هر وقت ورد زبان رکي حرم شريف
۾ هر وقت رهي ۽ نفل طواف ڪرڻ غنيمت سمجهي.

جڏهن اٺين تاريخ ذي الحج جي ٿئي تڏهن صبح سان منيٰ ڏانهن وڃڻ جي
تياري ڪري ۽ سج اڀرڻ کان پوءِ منيٰ ڏانهن روانو ٿئي مطلب ته جيئن نماز ظهر
جي ويلي منيٰ ۾ پڙهي ۽ مسجد خيف جي پاسي ۾ رهي وڃي رهي پنج نمازون ظهر
عصر، مغرب، عشا، صبح با جماعت پڙهي - نائين تاريخ فجر کان بعد سج اڀرڻ کان پوءِ
عرفات ڏانهن روانو ٿئي ۽ جبل رحمت جي پاسي وڃي رهي - زوال جي وقت
ڏسجي ته مسجد نمره ۾ وڃي ظهر جي نماز ۽ عصر جي نماز گڏ جماعت سان پڙهي
مگر ياد رکڻ گهرجي ته انهن ٻن نمازن جي گڏ پڙهڻ لاءِ ٻه شرط ضروري آهن -
هڪڙو وقت احرام ۾ هجڻ ٻيو ته مسجد نمره ۾ وڏي امام جي جماعت سان نماز پڙهي
جيڪڏهن ڪو ملڪي ماڻهون بغير حج جي ڪم سان عرفات تي آيو هوندو يا حاجي
نه پهچي سگهي ته "جلدي ڪري يا بغير جماعت جي" نماز پڙهندو ته انهن کي گڏ ڪرڻ درست نه
آهي بلڪه هر ڪا نماز پنهنجي وقت تي جدا جدا پڙهندو . نماز پڙهڻ کان بعد جبل رحمت جي
ويجهو بيهي حمد ۽ ثنا تڪبير ۽ تهليل صلواتون ۽ سلام چئي بيهي يڪ ڪشي هٿ جوڙي
ڪري عاجزي ۽ نياز مندي سان گريه ۽ زاري سان درگاه رب العالمين جن ۾ پنهنجي
واسطي پنهنجي والدين ۽ عزيزن قريبن واسطي رحمت ۽ مغفرت جيون دعائون گهري
۽ دعائن جي قبول ٿيڻ جي وڏي اميد واري رکي (جنهن ماثوره دعائون جو تين
باب ۾ مذڪور ٿينديون) اهڙي طرح شام تائين استغفار ۽ دعائن ۾ وقت گذاري
جيڪڏهن امام خطبو پڙهي ته ڪوشش ڪري انهي پاسي ۾ بيهي خطبو ٻڌي جيڪڏهن
ٻڌي نه سگهي ته هن به انهي ثواب ۾ شامل ٿي وڃي ٿي "مگر اڄ ڪلهه نجدي حڪومت
۾ خطبو پڙهڻ ۾ نٿو اچي"

غير سج لهڻ کان بعد عرفات کان ڪوچ ڪري مزدلفه ڏانهن روانو ٿئي ۽ مغرب
جي نماز انهي وقت نه پڙهي جڏهن مزدلفه ۾ اچي پهچي ته ٿيڻ ۽ عشا جو وقت به اچي داخل ٿيو
هوندو تڏهن مغرب ۽ عشا جون نمازون گڏ ڪري پڙهي هن جمع ۾ مسجد ۽ امام وڏي جو شرط
نه آهي بلڪه جو پنهنجي جاءِ تي جماعت ڪري اول مغرب پڙهي پوءِ عشا پڙهي - مزدلفه جي
منطقه منزل ڪرڻ ۽ رات ٽڪڻ مسنون آهي ان جاءِ تي مبارڪ ۽ مقام مشعر الحرام محل اجابت

دعا جيھو آھي - تنھن جي رات جاڳڻ يا جيترو وقت ٿي سگھي مناجات ۽ استغفار ۽
دعائن ۾ گذارڻ بہ ھن حج جو خاص ڪم ڪرڻو آھي - شيطان جي چٽڻ لاءِ مستحب آھي
تہ انھي وادي مان ستر پٿريون چونڊي پاڻ سان کڻي صبح جي نماز اونداھي ۾
سوير پڙھي چلڻ جو سعيو ڪري ايتان ڄڃ نہ اپڙيو ھجي تہ منيٰ ڏانھن روانو ٿئي
۽ پھرين سنئون سنئون جمرة العقبہ تي اچي جنھن کي وڏو شيطان چوندا آھن
۽ اھو جمرو ٽين جمرن کان پوءِ ٿئي ٿو مڪہ شريف جي طرف آھي - پھريون
جمرو جيڪو مزدلفہ ڏانھن مسجد خيف وٽ آھي اھو ننڍو آھي ٻيو جيڪو وچ ۾ آھي
اھو بہ ننڍو آھي ڏيو فقط انھن ھڪڙي ڏينھن جمرہ کي چٽڻ جا رد ڏانھن عليحده ڏيو ۽ لبيڪ
جي دعا بہ ختم ٿي وڃي ٿي جيڪا مزدلفہ ۾ ھميشہ پڙھندا آيا آھيو ساھ شيطان جي پھرين
پيري جڏھن سان بند ڪرڻو. پوءِ قرباني ڪجي ۽ پوءِ مونن ڪجي - اھا قرباني ڪرڻ
مفرد لاءِ مستحب آھي - قارن ۽ متمتع تي واجب آھي - جي قرباني ڪري ڇڏي تہ ھجي تہ مٿو ڪوڙائي
ڪوڙائڻ ڪري احرام جون ٿيون شيون حلال ٿي ويون - بس آھي تنھن کان پوءِ مڪہ شريف
ڏانھن طواف زيارت لاءِ وڃي طواف زيارت جو ڪري شام جو ورڻ منيٰ ۾ اچي ۽
ٽي ڏينھن شيطانن کي چٽڻ لاءِ منيٰ ۾ رھو ٻئي ڏينھن يعني ١١ تاريخ ذي الحج جي زوال
کان پوءِ ٽنھي شيطانن کي ترتيب سان چٽيو جو پھرين مسجد خيف واري ننڍي شيطان
کان شروع ڪريو ۽ وچين شيطان تي اچي چٽيو پوءِ ٽئين شيطان کي جنھن کي ھڪ
جنھن اتان چٽيو - پھرين ٻن شيطانن کي چٽڻ کان پوءِ مسنون آھي تہ ھجوم کان پاسيرو
ٿي قبلہ ڏانھن منهن ڪري بيھي گھڻي وقت تائين دعائون گھري ٽئين شيطان جي چٽڻ کان پوءِ
دعا لاءِ بيھڻ نہ گھرجي بلڪ واپس ھليو اچي - ١٢ تاريخ بہ انھي طريقي سان
زوال کان پوءِ ٽنھي شيطانن کي چٽجي -

ھاڻي حاجي کي وس وارو آھي چاھي تہ انھي ڏينھن ١٢ تاريخ زوال کان پوءِ مڪہ شريف
ڏانھن ڪوچ ڪري چاھي تہ ١٣ تاريخ بہ منيٰ ۾ رھي زوال کان پوءِ جيئن مٿي معلوم ٿيو ڪڪريون ھڻي
پوءِ مڪہ ڏانھن وڃي ۽ اھو طريقو افضل آھي - مگر اڄ ڪلھ حاجي ١٢ تاريخ کي ھنڌ
ڪن ١٣ تاريخ جمعو ڪري مڪہ شريف ڏانھن روانا ٿيندا آھن -

مڪه شريف اچڻ وقت مستحب آهي ته وادي محصب ۾ ڪجهه قيام ۽ آرام ڪري
پوءِ مڪه ۾ داخل ٿئي ڇو ته حضرت جن پاڪ سڳورن اللهم صل وسلم عليه حجة
الوداع واري آرام ڪري پوءِ مڪه آيا هئا - مڪه ۾ اچي پوءِ طواف وداع جو
آفاقي ٿيڻي واجب آهي بغير رمل ۽ اضطباع جي ڪري - صفا مروه جو سعيو ته اڳي ڪري آهي
سو هاڻي منٿر واجب نه آهي پر جي ڪنهن نه ڪيو هجي ته اهو هاڻي ڪري صفا مروه ڪري طواف
صفا مروه منجهه عرفات - مزدلفه ۽ احرام جا مسئلا ۽ احڪام اڳي مفصل بيان آيا
آهن - تفصيلوار بيان هر هڪ جو پنهنجي موقعي تي معلوم ڪريو - هتي فقط حج مفرد
جي ترتيب مختصر طور بيان ڪئي وئي -

باقي متمتع يعني جيڪو ماهه نقطع عمرو جا احرام ميقات کان ٻڌي آيو هجي سو
مڪه شريف ۾ اچي پهرين طواف قدوم جو رمل ۽ اضطباع سان ڪري - صفا مروه ۾ ڊوڙي
مٿو ڪوڙائي - احرام ڇوڙي - ڪپڙا پائيندو ۽ لبيڪ جو طواف شروع ڪرڻ
سان بند ڪندو - پوءِ ويهي مدينه شريف وڃي زيارت ڪري جو لاءِ اچي پاڪ مڪه
۾ رهي جڏهن ۸ تاريخ حج جي ٿئي پوءِ مٿي ذڪر ڪئي وانگي وڃي حج ڪري -

ٽيون قسم آهي قارن يعني جنهن احرام حج ۽ عمري جو گڏ نيت ڪري ٻڌو هجي انهي قسم
ثواب جو سڀ کان افضل آهي سو مڪه شريف ۾ اچي طواف عمري جو رمل ۽ اضطباع سان
ڪري صفا مروه ۾ ڊوڙندو صفا مروه ۾ ڊوڙي نه مٿو ڪوڙائيندو نه احرام ڇوڙيندو
بلڪ انهي احرام سان رهندو ۽ پيو طواف قدوم حج جو سعي ڪري عرم تي مڪه
شريف ۾ رهندو تان جو اٺين تاريخ سان گڏ احرام سان منيٰ - عرفات تائين وڃي پيو
سابق حج جا اعمال پورا ڪري ايندو - مگر متمتع ۽ قارن تي شڪرانو جو دم جي صورت
واجب آهي سو منيٰ ۾ ورڻي ڪهندو - جيڪڏهن ڪو ماڻهو غريب مسڪين آهي ورڻي
ڪهڻ جي هيج نه آهي ته ڏهه روزا رکندو ڏنهن روزا حج کان اڳي يعني ۷-۸-۹ تاريخ
تائين ۽ ست روزا حج ڪرڻ کان بعد جڏهن وطن ڏهن ڪي - پر جيڪڏهن حج کان
اڳي اهي ٽي روزا نه رکيا ته اهنجي دم واجب ۽ لازم ٿي ويندو - روزن رکڻ سان
نه ڇٽندو جڏهن هيج وارو ٿئي تڏهن دم ادا ڪري - روزن سان انهي عوض ڪي نه سگهندو

حجة الوداع جو بيان

۽ ٻيو فرق به ياد رکڻ گھرجي ته قارن کي جيڪڏهن ڪو دم جنايت جو ڏيڻو پوي ته هن کي ٻه دم ڏيڻا پوندا. هڪڙو حج جو ۽ ٻيو عمري جو.

مسئله :- عورتون ٽنهي قسمن جي حج ۾ مردن سان برابر آهن مگر جن مسئلن ۾ مردن سان فرق آهي سو اڳي بيان ڪري آيا آهيون اتي ڏسي ياد ڪريو.

حجة الوداع هي هڪ عظيم القدر ۽ جليل الشان حج آهي جو حضرت سرور ڪائنات فخر موجودات صلی الله تعالیٰ عليه وسلم هجرت ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي دفعي آخري دفعه اهو حج ڪيو آهي. پاڻ سڳورا "بهترين انبيا" يعني "بهترين امت" سان گڏجي آيا آهن ۽ فالحقيقت هيئت ۾ مناسڪ حج جا ادا ڪيا اتي مخلوق خدا تعالیٰ کي آخري پيغام رسالت ۽ نبوت جو پهچائي هدايت ۽ نصيحت جو حق ادا ڪري يعني منزل نبوت ۾ استحڪام لاءِ هن ڪائنات ڏينهن قيامت جي جو ابدالآباد لاءِ شهادت ورتي اٿن ۽ حق سبحانه وتعالیٰ کي انهيءَ شاهد ڪيو اٿن.

هي مبارڪ ڏينهن آهي جنهن ۾ سڀ فضيلتون زماني ۽ مڪاني ۽ الله تعالیٰ جون مرحمتون نعمتون ۽ برڪتون ديني خواه دنيوي جمع ٿيون آهن. حضور جن جو جمال جهان آرا عرفات جو ميدان. جمعي جو ڏينهن سه

عيدٌ وعيدٌ وعيدٌ صرن مجتمعه   وجه الحبيب ويوم العيد والجمعه

انهيءَ ڏينهن الله تبارڪ وتعالیٰ پنهنجو دين اسلام ڪامل ۽ مڪمل ڪري هيءَ آيت سڳوري نازل فرمائي آهي: اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا - نقل آهي ته هڪڙي يهودي حضرت عبدالله بن عباس کي چيو ته اوهان جي ڪتاب "قرآن مجيد" ۾ اهڙي بشارت واري آيت نازل ٿي آهي جيڪڏهن اسان جي دين ۽ ڪتاب ۾ نازل ٿئي ها ته جيڪر اهو ڏينهن اسين عيد جو ڪري وٺون ها. حضرت عبدالله بن عباس جواب ۾ فرمايائون ته "مگر تو کي خبر آهي ته اهو ڏينهن اسان وٽ هڪ نه بلڪ ٻن عيدن جو هو ڏينهن عرفه جو ۽ ڏينهن جمعي جو. ۽ واقعي اهو حج هو به جمعي جي ڏينهن جنهن کي ماڻهن حج اڪبري چوندا آهن. ۽ حديث شريف ۾ آهي ته جڏهن ڏينهن عرفه جو جمعي جي ڏينهن سان برابر ٿيندو ته اهو سيلو ٻڌو آهي ڪنا ستر حجن جي جو بنا ڏينهن جمعه

جيئي محبين. الغرض حج جي باري ۾ سڀ سربستي اصحابن کان موڪلائي ۽ پنهنجي رحلت
جي پيشگوئي ڪئي ۽ پنهنجن اصحابن کي زباني توڙي عملي احڪام ۽ مناسڪ حج جا چڱي
طرح سيکاري ڇڏيا. شايد هن حج کان پوءِ (آئون پنهنجي جاءِ تي) هي حج ڪونه ڪريان
تنهنڪري انهي جو نالو "حجة الوداع" سڏ آهي - حجة الوداع جو قصو تفصيل سان
بيشمار حديثن ۾ مذڪور ٿيو آهي پر سڀني کان مفصل ۽ جامع روايت حضرت جابر بن
عبدالله انصاري جي آهي جا حضرت امام جعفر صادق ۽ حضرت امام محمد باقر
عليهما وعلى آبائهما السلام جي سند سان صحيح امام مسلم ۾ مروي آهي. اسين انهي مضمون
سنڌي زبان ۾ لکي هديه ناظرين ڪريون ٿا. مسلمانن کي گهرجي ته خيال ڪري
پنهنجي حج ۾ حضور جن جي قدم بقدم هلي، نشست برخاست هلڻ چلڻ چرڻ ڦرڻ ۾ هو بهو
حضور جن جي تابعداري ڪري جو هو سنت ۽ سنت جي متابعت الله تعالى وٽ سڀني عبادتن کان
محبوب ترين مقبول تر آهي بقوله تعالى قُلْ إِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّونَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ
الله متابعت سنت ۾ اگر جي ٿورو عمل ڪجي ته ان جو ثواب برڪت ۽ نورانيت انهي عمل
کان زياده افضل ۽ اعلى ۽ اڪمل آهي ڪا گهڻين عمل جي جو خلاف سنت هجي
مثلا رات جي ننڊ جا متابعت سنت واسطي ڪجي بهتر آهي هزارن راتين جاڳڻ
جي جو بغير متابعت سنت جي هجي. كما حققه الامام الرباني في مكتوباته الشريفة
كَرَّةً وَمَرَّةً عَدِيدَةً.

حضرت جابر بن عبدالله روايت ڪري ٿو ته رسول خدا صلى الله تعالى عليه وسلم
نَوَ سال مدينه شريف ۾ رهيو جنهن مدت ۾ حج نه ڪيائون پوءِ ڏهين سال
حج جو ٿيو ماڻهن ۾ عام اعلان ڪيو ويو ته هن سال رسول ڪريم عليه الصلوة والسلام
حج جو ارادو ڪري ٿو. پوءِ تمام گهڻي خلق مدينه شريف ۾ آئي (جنهن جو شمار ڪي ڪوئي
ڪن روايتن ۾ آهي ته مڪي ۾ لڳ ڀڳ لک هزار هوا) پوءِ اسين اصحاب رسول ڪريم عليه الصلوة
والسلام سان (هم رڪاب) ٿي نڪتاسين تان جو ذوالحليفه وٽ (جنهن کي هينئر بير علي چوندا
آهن) آياسين. اتفاقا اتي بي بي اسماء بنت عميس حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالى
عنه جي زال کي انهي منزل تي پٽ (محمد بن ابي بڪر) ڄائو. تنهن حضرت جن جي خدمت ۾ ماڻهو

موڪلي احوال معلوم ڪيو ۽ شريعت جو حڪم پهچايو. آئون ڇا ڪريان (يعني حج عمره
ڪريان ۽ احرام ڪيئن ٻڌان) پاڻ سڳورن فرمايو ته (پهرين) غسل ڪري لانگوٽ ٻڌي
۽ احرام ٻڌي (ههڙي طرح ڪري) پوءِ پاڻ سڳورن ٻه رڪعتون نفل احرام جون
مسجد ذوالحليفه ۾ پڙهيون پوءِ ڏاچي تي چڙهي نڪتا "قصواء" تي سوار ٿيا تان جو سندن
ڏاچي بيداء (تي نالو مڪان جو آهي) چڙهي تڏهن پاڻ سڳورن آواز لبيڪ جو بلند
ڪيو ۽ چيائون لبيڪ اللهم لبيڪ لبيڪ لاشريڪ لڪ لبيڪ ان الحمد والنعمة
لڪ والملڪ لاشريڪ لڪ. حضرت جابر فرمائي ٿو ته اسان نيت حج جي ڪئي هئي عمره
جي نه ڄاڻندا هئاسين ساڻ مڪه شريف پهتاسين ۽ حضرت جن بيت الله ۾ حجر اسود کي
هٿ لاتو ۽ طواف ڪيو پهرين ٽن ڦيرن ۾ رمل ڪيائون ۽ چئن ۾ آهستي هليا پوءِ مقام
ابراهيم وٽ آيا ۽ هي آيت شريف پڙهيائون وَاتَّخِذُوا مِنْ مَّقَامِ اِبْرَاهِيْمَ مُصَلًّى
پوءِ ٻه رڪعتون (واجب طواف جو) پڙهيائون جنهن ۾ بيت الله شريف جي
وچ ۾ مقام ابراهيم ڪيائون (يعني مقام ابراهيم جي پويان بيهي نماز پڙهيون ڪن
روايتن ۾ آهي ته هڪڙي ٻه رڪعت ۾ قل هو الله احد. ٻي رڪعت قل يا ايها الڪافرون
پڙهيائون. پوءِ ورڻي موٽي حجر اسود جو استلام ڪيائون پوءِ "باب الصفا" کان
نڪري "صفا" تي آيا جڏهن صفا کي ويجها آيا تڏهن هي آيت پڙهيائون ان الصفا
والمروة من شعائر الله ۽ چيائون شروع ٿو ڪريان ساڳي انهي جنهسان خدا تعالى
شروع ڪيو آهي پوءِ (سعي) جو شروع صفا کان ڪيائون ۽ (انهي ڪري ٿي) مٿي
چڙهيا تان جو بيت الله شريف کين ڏٺائون پوءِ قبله ڏي سامهون ٿي ڪلمه توحيد ۽
تڪبير چيائون لا اله الا الله وحده لاشريڪ له له الملڪ وله الحمد وهو على ڪل شيء
قدير لا اله الا الله وحده وَاَنْجَزَ وَعْدَهٗ وَنَصَرَ عَبْدَهٗ وَهَزَمَ الْاَحْزَابَ وَحْدَهٗ
پڙهي تنهن وچ دعا گهريائون. وري اهڙي طرح ذڪر ۽ دعا ڪري يعني ٽي ڀيرا ذڪر ۽
انهي وچ ۾ ٻه دعائون گهري لهي آيا ۽ مروه ڏانهن روانا ٿيا تان جو سندن پير مبارڪ
وادي ۾ لٿا اتي تکا هليا وري جڏهن وادي کان مٿي چڙهيا آهستي هليا تان جو مروه
کي پهتا اتي به اهڙي طرح ذڪر ۽ دعائون ڪيائون ۽ آخرين دور ۾ جو مروه تي

پوءِ ورڪيا ٿوَن ته پوءِ آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام اِيان مروه تي ڇهوات ته اُ
ڪري ماڻهن کي چيائون ته جيڪڏهن اڳي مونکي اهڙي خبر هجي ها ته جا پوءِ سڀي
ته جيڪر آئون پاڻ سان هديو نه ڪاهيان ها ۽ حج کي ڦيرائي عمرو ڪريان ها
(مگر مون پاڻ سان هديو ڪاهيو آهي) تنهنڪري انهن مان جنهن هديو نه ڪاهيو
هجي سو احرام ڇوڙي عمرو ڪري ۽ پوءِ ذي الحج لاءِ احرام ٻڌي-

(مولف گويد) هن ڳالهه جو مطلب آنحضرت جن پاڻ سان هديو لاهي اُٺ
آندا هئا ۽ احرام حج جو ٻڌو هوائون پنهنجي اصحابن کي حڪم ڪيائون ته جنهن پاڻ سان
هديو نه آندو هجي سو عمرو ڪري پوءِ ورڪري احرام ڇوڙي ڇڏي ذي الحج
لاءِ پوءِ سو احرام ٻڌي ۽ پاڻ پنهنجي احرام تي قائم رهيا سا ڳالهه اصحابن جي منشا
جي برخلاف هئي ڇو ته آنحضرت صلى الله تعالىٰ عليه وسلم احرام ۾ رهن ۽ پاڻ ترڪ
موافقت جي ڪري احرام ڇوڙي ڇڏين. ڇو ته زمانه جاهليت ۾ حج جي مهينن
۾ عمرو ڪرڻ سخت معيوب ۽ ممنوع هو تنهنڪري آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام
سندن دلجاءِ منديءَ کي ڏسي فرمايو ته جيڪڏهن مونکي اڳي هن ڳجهي جي خبر
پوي ها ته آئون به پاڻ سان هديو نه آڻيان ها ۽ احرام ڇوڙيان ها ۽ حج کي
عمري سان بدلايان ها مگر جا ۽ حڪم الله تبارڪ وتعالىٰ جو اهين آهي ۽ هي باطل رسم
جاهليت جي ڇڏائڻ منظور آهي انهي ڪري ضرور احرام ڇوڙڻ آهي انهي") پوءِ سراقه
بن مالڪ بن جعشم اٿيو ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله هي حڪم خاص هن سال لاءِ آهي يا
هميشه لاءِ ۽ پاڻ سڳورن پنهنجي هٿن جون آڱريون هڪ ٻئي ۾ وجهي (مثال طور) فرمايو
ته هائو عمرو حج ۾ داخل ٿيو. عمرو حج ۾ داخل ٿيو ۽ ٻيهر؛ هيئن نه آهي جو فقط هن
سال لاءِ اهو حڪم آهي بلڪ هميشه لاءِ اهو حڪم آهي" ته حج جي مهينن ۾ عمرو
جائز آهي" انهيءَ وقت حضرت علي شاه ڪرم الله وجهه (جو حضرت جن يمن ڏانهن قاضي ڪري
موڪليو هو) سو به يمن کان اچي پهتو ۽ جيڪي اٺ رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جا
قرباني لاءِ پاڻ سان ڪاهي آيو هو آنداءِ پاڻ سڳورن سڀ جيئي ته تو ڪهڙي قسم جي حج جي
هن طرح نيت ڪئي آهي؟ چيائين مون چيو آهي ته اي خدا آئون ڪن احرام تي ڀيڻ ته پنهنجي نيت تو

ڪري ان سان انهن نون ڄڻن جي حج سان تمتع جي سوا احرام ٻڌو ۽ جي تي من پاڻ سڳورن
جيئو " چنگو ت"، مومنن سان هدي کو آهي اهو احرام نه کو ڇوڙيان تون به نه ڇوڙ -
جابر راوي هن حديث جو چوي ٿو ته سواءِ ان جيڪي حضرت علي ۽ ٻين مان
آندا هوا ۽ جيڪي پاڻ سڳورن پاڻ سان مدينه مان آندا هوا سڀ هوا. پوءِ
حضرت جن جي حڪم موجب ٻين سڀني اصحابن احرام ڇڏي ڇڏيو ۽ وار ڪترايون مگر رسول
ڪريم عليه الصلوٰة والسلام ۽ جن پاڻ سان هدي آندو هو سي احرام ۾ رهيا - پوءِ
جڏهن اٺين تاريخ ذي الحجه جي ٿي تڏهن منیٰ ڏانهن روانا ٿيا ۽ حج جا احرام ٻڌائون. پاڻ سڳورا
۽ ٻيا سڀ منیٰ ڏانهن روانا ٿيا ۽ منیٰ ۾ ظهر جي نماز ۽ عصر جي ۽ شام جي ۽ عشا جي
صبح جي پنجئي نمازون منیٰ ۾ پڙهيائون. صبح جي نماز کان بعد ٿوري دير ڪيائون
تانجو سج اڀريو ۽ امر ڪيائون ته قبو (تنبو) سندن جو ڪري جي وار مان ٺهيل
هو " وادي نمره" ۾ لڳايو وڃي (اها وادي عرفات کي ويجهي حرم جي حد جي ڇيڙي
تي آهي) پوءِ پاڻ سڳورا عرفات ڏانهن روانا ٿيا ۽ قريش کي پڪ هئي ته پاڻ سڳورا
مشعر الحرام ۾ " مزدلفه" ۾ وقوف ڪندا جيئن جو قريش زمانه جاهليت ۾ ڪندا هوا -
يعني پاڻ ٻين قومن جي برخلاف فقط " مزدلفه " ۾ وقوف ڪري موٽندا هوا ۽ ٻيا ماڻهون
عرفات تي ويندا هوا. پوءِ رسول خدا صلي الله تعالیٰ عليه وسلم مزدلفه کان لنگهي عرفات
ڏانهن ويا ۽ ڏٺو جيڪو حضور جن لاءِ نمره ۾ لڳايو ويو هوائون ان ۾ نزول فرمايون
تانجو سج لڙي ويو پوءِ امر ڪيائون ته سندن ڏاچي تيار ڪئي وڃي ۽ پاڻ سڳورا
چڙهي وادي جي پيٽ ۾ بيهي خطبو پڙهيائون ۽ فرمايون ته (اي مسلمانو!) تحقيق رت
انهن جا ۽ مال انهن جا " تنهن حق جي " هڪ ٻئي تي حرام آهن جهڙي ريت حرمت هن ڏينهن
عرفه" جي ۽ هن مهيني " ذي الحج " جي ۽ هن شهر انهن جي " مڪه" جي آهي (جو ته عرب
جي سڀني قومن ۽ قبيلن وٽ انهن ڏينهن جي ۽ انهن مهينن جي ۽ انهن شهر جي عزت ۽ حرمت
بالاتفاق مسلم هئي)
(مسلمانو!) هر ڪا رسم جاهليت جي منهنجي پيرن هيٺان پائمال آهي يعني ذليل ۽ نابود آهي
۽ خون جاهليت جا متروڪ ۽ باطل ڪيا ويا (عرب ۾ دستور هو ته خون جو وير ضرور وٺندا

هوا. ڪيترو ديرءَ سوگنڌ رهندو هو ته هڪڙو قبيلو ٻئي کان ويرُ ڇڏيندو هو (هو
۽ عيوض ۾ ٻيون خون جي آنءُ سڀ باطل ڪريان ٿو سو پهرين سوٽ جي پٽ ابن ربيعه بن الحارث
جو باطل ٿو ڪريان (جو قبيلي بني سعد ۾ ننڍي وهار ڪيترا ڏينهن هو جنهن کي قبيلي هذيل
قتل ڪيو هو پنهنجي ويرُ ۾ عوض ڪونه ورتو) ۽ وياج جاهليت جا رد ٿو ڪريان
سو جهان وياج ورتا پنهنجي چاچي عباس بن عبدالمطلب جا رد ٿو ڪريان (جنهن گهڻو مال
وياج طور سود تي ماڻهن ۾ چالو ڪيو هو سو سڀ رد ڪيو ويو.

(مؤلف گويد. منهنجا پيارا ڀائرو! هي آهي سچو سچي هدايت ۽ اصلاح امت جو جو امر ڪيم پهرين
ماڻهون پاڻ پنهنجي نفس سان ڪري ڏيکاري پوءِ ٻين کي تعميل جو امر ڪري ته عين زماني
جي ليڊر ۽ مقرر ۽ واعظ نه جو پاڻ انهيءَ عمل نه ڪن ۽ ٻين کي انهيءَ لاءِ امر ڪن (انتهى)

مسلمانو! خدا تعاليٰ ڪهان زالن جي حق جيڪي ڏيڻ جو حڪم تعميق انهن ۾ ڪو آهي
زالن کي سان امانت ۾ ورتو خدا تعاليٰ جو حلال ڪري ورتو آهي شرمگاه انهن سان
حڪم خدا تعاليٰ جي. انهن جي حق توهان تي هي آهي جو جيڪي "اجنبي" ماڻهون کي جنهن کي
انهين پسند نه ڪريو ۽ منهي پاڻون تهڪي انهن مجو هند لٽارڻ نه ڏين (يعني اجنبي
ماڻهن کي پاڻ وٽ اچڻ وڃڻ نه ڏين ۽ انهن سان رابطو نه رکن) جيڪڏهن اهڙين
ڪن ته انهن کي حق آهي ته انهن کي تنبيه ڪريو ۽ مار ٻيون مارڻ جهڙي ڪان زياده
تکليف نه ڏيو ۽ انهن جو حق آهي انهن ته انهن کي کاڌو پيتو گندي ڪپڙو و
واجبي طرح ڏيو.

مسلمانو! اعلان انهن انهن ڏانهن ۾ ڇڏيان ٿو جو اهڙيءَ شيءِ هوندي انهن هرگز
گمراه نه ٿيندا البته انهين هڪڙي شيءِ وٺندا ۽ انهيءَ عمل ڪندا سو جا آهي
قرآن مجيد ڪتاب خدا تعاليٰ جو.

مسلمانو! انهن کي پڇيو ويندو ڏينهن قيامت جي منهنجي بابت ته آيا تبليغ پوري ڪيائين يا نه
پوءِ انهن کي ڪهڙو جواب ڏيندا خدا تعاليٰ کي؟ چيائون اسين شاهدي ٿا ڏيون ته
تو برابر تبليغ ڪئي ۽ حق تبليغ ۽ هدايت جا ادا ڪيئي ۽ امت کي نصيحت ڪئي پوءِ پاڻ گهوڙي
پنهنجي شاهد آڱر آسمان ڏانهن مٿي ڪري ماڻهن ڏانهن موڙي اشارو ڪري چيائون اللهم اشهد

اللّٰھم اشھد ڦ پڙھيائين يعني اي ڌڻي سڀني تون شاھد ھج هن ڳالھ ڦي تون شاھد ھج ـ پوءِ
حضرت بلال بانگ ظهر جي ڏني ۽ تڪبير چئي پوءِ پاڻ سڳورن ظهر نماز پڙهي
پوءِ وري ھن تڪبير چئي ۽ نماز عصر جي پڙهي ورتي ۽ انهن ٻنهي نمازن ظهر ۽ عصر جي
وچ ۾ ٻي ڪا نماز سنت يا نفل نه پڙهيائون پوءِ پاڻ سڳورا جڏهن موقف ڦي آيا
۽ پنهنجي ڏاچي جو منھ انهن ڪارن پٿرن ڏانهن ڪيو جي جبل رحمت جي پاسي آهن
۽ "جبل المشاة کي" يعني وارين جي دڙن کي پنهنجي اڳيان ڪري سامهون ڦي منھ پنهنجو قبله
طرف ڪري بيٺا ذڪر ۽ دعائون ڪندي ڪندي بيٺا رهيا تانجو سج جي ٽڪي غائب
ٿي ويئي ۽ زرد رنگ ٻاھر ويو پوءِ اسامه بن زيد کي پاڻ سان پٺيان چاڙهي تڪڙا
روانا ٿيا تانجو مزدلفه کي پهتا پوءِ اتي مغرب ۽ عشا ٻئي گڏ ڪري بانگ ۽ ٻن تڪبيرن
سان پڙهيائون ۽ انهن جي وچ ۾ ڪو نفل ڪو نه پڙهيائون ـ پوءِ ليٽي آرام ڪيائون
تانجو صبح ٿيو پوءِ نماز فجر جي پڙهيائون اهڙي وقت ۾ جو پاڻ ته ڦجر معلوم ڪيائون
۽ ماڻهن کي اجا ڦجر ته ڦجر معلوم نه ٿي هئي يعني سوير وڏي اونداهي ۾ بانگ ۽ تڪبير سان
نماز پڙهيون پوءِ ڦصوا تي سوار ٿي "مشعر الحرام" وٽ آيا ۽ قبله کي سامهون ڪري دعا
گهريون تڪبير ۽ تهليل ۽ توحيد چيائون ۽ بيٺا رهيا تانجو خوب روشني صبح جي
ظاهر ٿي پوءِ روانا ٿي آيا ۽ اڃا تو سج اڀرڻ کان اڳ پٺيان چاڙهيون پاڻ سان پنهنجي
سوٽ فضل بن عباس کي تانجو آيا وادي "محسر" جي وچ ۾ پوءِ ٿورو هڪليون پنهنجي
سواري کي ۽ وچين رستي يعني ماڻهن جي "جمره ڪبرى" کان لنگهي ويا تانجو
جمره العقبه وٽ آيا پوءِ انهي کي ست پٿريون ساڻ هنيون ۽ تڪبير چوندا هر هڪ
پٿري سان ـ اهي پٿريون جو مقدار ننڍين ٽڪرين پٿرين جيڏو هو جو آڱرين ۾ جهلي هڻجن ـ
۽ اهي ماريون وادي جي وچ مان بيهي ڪيائون پوءِ موٽي آيا قربانيءَ جي ڪوس
ڪرڻ واري جاءِ تي پوءِ ڦي هڪ سؤ اُٺ پنهنجي هٿ سان ڪٺائون پوءِ ڪاتي ڏنائون حضرت
علي شاه کي جنھ باقي اٺ قرباني جا ڪٺي پورا ڪيا ۽ پنهنجي قرباني ۾ حضرت علي شاھ
کي پاڻ سان شريڪ ۽ شامل ڪيائون ـ پوءِ امر ڪيائون ته هر هڪ اٺ مان گوشت
جو ٽڪر وڍي ديگڙي ۾ چاڙهي رڌائون پوءِ پاڻ انهي گوشت مان کاڌائون ۽ شوربو

انھن کي پيتو ٿي . پوءِ سوار ٿيا رسول خدا صلى الله تعالى عليه وسلم ۽ بيت الله شريف
ڏانهن هلڪيا ٿي ۽ مڪي ۾ ظهر جي نماز ورجي پڙهيائون . پوءِ کوهه زمزم وٽ
آيا جتي عبدالمطلب جي اولاد زمزم جو پاڻي ڪڍي ماڻهن کي پياريو ٿي . پاڻ فرمايائون
اي بني عبدالمطلب! بيشڪ ڪڍو اوهين پاڻي زمزم جو جيڪڏهن نه هجي ها مون کي خوف
هن ڳالهه جو ته ماڻهون اوهان تي غلبو ڪري وٺندا (۽ هي منصب پاڻي پيارڻ جو اوهان
کان کسي وٺندا) ته جيڪر آئون پاڻ زمزم جي کوهه مان پاڻي ڪڍي ها . پوءِ هنن کيس
پاڻي جو ڪڍيو ڏنو ۽ آنحضرت صلى الله عليه وسلم نوش جان فرمايو . روايت ڪئي آهي هن
حديث شريف جي امام مسلم پنهنجي صحيح ۾ . ڪذا في مشكوٰة المصابيح .

هاڻي موٽڪي ته انهيءَ ڪري آهي اها هستي جا ڳڻ قرباني ڪرڻ تي اعتراض ٿي وڃي
پالهه کي فضول خرچي ۽ باعث ڪم ٿي سمجهي ٿي جا آهي رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام کان
زياده امت جا همدرد ۽ غمخوار پيدا ٿيا آهن يا پنهنجو عقل ۽ تدبير زياده آهي جو
برخلاف سنت قولي ۽ فعلي آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام جي ماڻهن کي نصيحت ڪري رهيا
آهن ته گهٽايو قربانيون ڪرڻ عبث آهن .

سنت فعلي هي آهي جو خود حضور جن ٻڪرن جي قرباني هڪڙي ئي وقت ۾ هن حديث
شريف مان اوهان معلوم ڪيو ۽ قولي آنحضرت جو عليه الصلوٰة والسلام ته افضل الحج
العج والثج اوهين اڳي پڙهي آيا آهيو . ۽ پڻ حديث شريف ۾ آهي ته ڪو به عمل بني آدم
جو ڏينهن عيد جي زياده محبوب ته الله تعالى وٽ ڪنهن رت جي نه آهي هاڻي
انهن مان جي مرضي جو آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام جي قول وفعل تي عمل ڪريو ۽ ايمان
آڻيو پاڻ کي ناصح مشفق، انگريزي خدمه جي قول ۽ عمل تي عمل ڪريو ۽ تنهنجي مصلحت
وٺو اسين ته جيئن ته الو هي قربانيون کهي بيڪار ڪري اجائي ڇڏيو يا ڪڏهن
ڪونه پوري ڇڏيو بيشڪ کائو پيئو . ڏيو وٺو . فقط هذا گهڻا . پوءِ گوشت
کڻ . واپرائيو کم آڻيو . جي ته آسوده اهي انهن جي غفلت آهي يا حڪومت جي بدنظمي
شريعت جو انهن ۾ ڪو قصور ڪونه آهي اوهين پنهنجي اصلاح ڪريو نه شريعت جي جيڪا
اسين پنهنجي عقل ۽ تدبير جي زماني جي تقاضا ۽ مصلحت تي هلائڻ سين ۽ اهڙي طرح شريعت جي

احڪامن ۾ تغير ترميم ۽ تنسيخ ڪندا آهن - روز بروز هڪڙا اصول جيڪي هڪڙي
هڪڙي ٻاڙ ۾ به اصلاح لائق ڀانئيندا آهن ته سڳوري دين ۽ اسلام جو ڇا حال ڪندا آهن
منهنجي راءِ ۾ يهود ۽ نصارا وانگي تغير ڪري اصلوڪي دين جي صورت ۽ سيرت باقي
نه ڇڏيندا آهن - هن مضمون تي دل گهري ٿي ته دل کولي بحث ڪجي مگر هن مسئله
جا فروع ۽ نظير ٻيا ۾ گهڻا آهن مثلاً وياج خوري ۽ تغير اشتي - لباس نصارا ۽ ترڪي
سنوارڻ وغيره وغيره جنکي خود مسلمان في مسلمان اڄ موافق تقاضائي وقت جي
جائز بلڪ ضروري موجب ترقي اسلام و مسلمانان ڪري ٿا سمجهن - جيڪڏهن هر هڪ تي
بحث ڪندا آهيون ته مضمون ڊگهو ٿي ويندو في الحال ايترو اشارو ڪافي آهي -

در خانه اگر کس است یک حرف بس است

ور صد باب حکمت پیش نادان بخوانی آیدش بازیچه در گوش

احصار احصار جي معني لغةً بند ڪرڻ آهي ۽ شريعت ۾ احصار انکي چئبو آهي جو
ماڻهن جي يا عمره جو احرام ٻڌي پوءِ بتقدير الٰهي انکي اهڙو مانع پيش اچي جو حج يا عمرو
ڪرڻ کان انکي روڪي ڇڏي خواه اهو مانع ظاهري هجي مثلاً بادشاه انکي قيد ڪري
يا اهڙو سخت بيمار ٿي پوي جو منزل ڪري وڃي نه سگهي . سواري تان ڪري ٽنگ ياهٿ
ڀڄي پوي يا پير ڀڄي پوي يا دشمن جو خوف هجي ۽ واٽ ڦرجي پوي - يا خرچ ۽ مال چوري ٿي
وڃي يا ڪي بچي سگهي ته ڇا ٻي وڃي يا ڪنهن کي سان ضائع ٿي وڃي وغير ذالڪ - خواه اهو
مانع شرعي هجي مثلاً عورت جو محرم مري وڃي سفر جي وچ ۾ ، هڪ جاءِ تان سفر جو ٿيندو هجي
يا زال جو مڙس مري وڃي ۽ انهي عدة ۾ رهڻ لازم ٿئي يا طلاق ڏيکري عدة ۾ رهڻ
لازم ٿئي يا مرد زال کي يا سردار ٻانهي يا ٻانهن کي حج ڪرڻ کان روڪي ۽ اجازت نه ڏئي
تنا هو ضرور شرعًا محصر آهي -

هاڻي انکي ڇا ڪرڻ کپي جو احرام کان حلال ٿئي ؟ سو هڪ ٻڪري يا ڍڳي يا ڏنبو يا ڳئون
يا ڳئون جو يا ستون حصو انهن ڪنهن معتبر ماڻهون هٿ حرم شريف ۾ موڪليندو يا هديه
وٺڻ جا پيسا ڏياري موڪليندو ۽ جا انهن سان هدي ٿو وڃي ته ڪهندو ۽ انهي ڏينهن ۽ ڪهڻ
جي تاريخ ۽ وقت ٻاڌ ۾ معلوم ڪندا - جڏهن اهو ماڻهون اچي وڃي پوءِ ڪهندو ته ذبح

۽ ماڻهون احرام کان حلال ٿيندو ۽ جيڪڏهن محصر قارن هوندو ته انهيءَ تي ٻه
هديا يا انهن ٻنهي جا پيسا موڪلڻ گهرجن جن سان ٻه ٻڪريون وٺي ذبح ڪري جيڪڏهن
مڪي وارو هديو ڏنائين يا انجي قيمت سان مڪي ۾ وٺي ذبح ڪيا ته انهيءَ سان حلال
نه ٿيندو ڇو ته حرم جي حدن اندر انهيءَ حيوان ذبح ڪرڻ فرض آهي جيڪڏهن حرم جي حدن
کان ٻاهر ڪٿي ڪهندو ته جائز نه ٿيندو - انهيءَ ماڻهون محصر بغير ذبح هديه جي احرام کان
ٻي ڪنهن شيءِ سان يعني مٿي ڪوڙائڻ وغيره سان حلال نه ٿي سگهي هميشه احرام ۾
رهندو ڇو ته خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ فان احصرتم فما استيسر من الهدي و لا
تحلقوا رؤسكم حتى يبلغ الهدي محله مٿيان حڪم فرمايو آهي - سو جيڪڏهن هديو
نه موڪلي احرام ۾ خوشي سان رهي سگهي ته ڀلي احرام ۾ رهي ۽ صبر ڪري جڏهن جو
مانع هٽي وڃي پوءِ پاڻ وڃي حج ڪري جيڪي حج جو زمانو گذري ويو هجي ته عمرو ڪري
حلال ٿئي ۽ جيڪڏهن احرام ۾ رهي نه سگهي ته هديو موڪلي حلال ٿئي - پر جيڪڏهن
خدا تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان سندس مانع هٽجي وڃي پوءِ حج جو وقت برابر باقي آهي ته غنيمت
ڄاڻي وڃي ۽ سندس حج ادا ڪري ۽ جيڪڏهن حج جو وقت گذري ويو آهي ته ٻئي سال قضا
ڪرڻ مٿس واجب آهي خواه حج فرض هجي خواه نفلي خواه سندس هجي خواه حج عن الغير هجي
جيڪڏهن حج قران کان روڪجي ويو ته ٻئي سال هڪ حج ۽ ٻه عمرا قضا ڪرڻ
لازم آهن ۽ جيڪڏهن حج افراد کان روڪجي ويو ته ٻئي سال حج ۽ هڪ عمرو قضا ڪندو
۽ جيڪڏهن عمره کان روڪجي ويو آهي ته فقط عمره جو قضا ڪرڻ واجب آهي
مسئله هڪڙي شخص هديو موڪليو پوءِ سندس عذر هٽي ويو حالانڪ هن مسئلي
۾ چار صورتون آهن هڪ ته اهڙي وقت ۾ عذر هٽي ويو جو هو وڃي حج کي به پهچي
سگهي ٿو ۽ سندس هديه جي ڪهڻ کان اڳي به پهچي سگهي ٿو هن صورت ۾ هن تي وڃڻ
لازم آهي احرام جي ڪري حلال ٿيڻ درست نه آهي ۽ سندس هديه کي جنهن وقت ڪري
پاڻ وٽ رکي يا وڪڻي يا ڪنهن ٻي ڪم ۾ خرچ ڪري -
ٻي صورت ته سندس حج کي ته پهچي نه سگهي هديه کي ته پهچي سگهي ته وڃڻ لازم نه آهي
۽ حلال ٿيڻ بالاتفاق درست آهي -

ٻنهي صورت ۾ هديه کي به سگهي ته حج کي به نه سگهي تب وري مٿس لازم نه آهي
چوٿين صورت ته حج کي به سگهي ته مگر هديه کي نه به سگهي ته هنگري وڃڻ افضل آهي
استحساناً مگر امام صاحب جي قول تي لازم نه آهي جي نه وڃڻ ۾ حرڪت نه آهي. پنهنجي حج
قضا ڪري. جي چار ئي صورتون آهن. هديه موڪل کان پوءِ جڏهن هديه
موڪلڻ کان پوءِ انهيءَ عذر ٿيو هجي ته هنئين هنتي وڃڻ لازم ٿيو حج يا عمره کان اڳ
احرام ڇڏڻ ناجائز آهي وَهُوَ ظَاهِرٌ -

مسئله حج جي احصار جو وقت آهي وقوف عرفه کان اڳ ٿيڻ وقوف عرفه کان
اڳي ڪڏهن ٿيو ته اهو محصر جيڪو عرفات ڪرڻ کان پوءِ روڪيو ويو ته انهيءَ محصر
جيڪو چوته آهي ڇو ته حج ٿيو سو باقي طواف زيارت لاءِ وڃي جيترو وقت پيو آهي سو
احصار کان پوءِ طواف زيارت جو ڪري ۽ ايام نحر کان تاخير واقع ٿيڻ ڪري دم
تاخير جو ڏيندو.

مسئله وقوف عرفات کان پوءِ باقي ٻين اعمالن کان مثلاً وقوف مزدلفه کان
رمي کان طواف زيارت کان حلق کان روڪيو ويو ته انهيءَ ۾ ٻه قول آهن هڪ ته هر هڪ
ترڪ واجب لاءِ هڪ هڪ دم ڏيندو ۽ ٻيو قول آهي ته عذر جي ڪري ترڪ واجب
جو ٿيو آهي تنهنڪري دم اصلاً واجب نه ٿيندو. وهو الصحيح -

مسئله حلق ڪرڻ کان اڳي روڪيو ويو ته حلق ڪرڻ کان سواءِ احرام مان حلال
نه ٿيندو احرام ۾ رهندو. جڏهن حلق ڪري ته کان پوءِ روڪيو ويو ته احرام
مان حلال ٿيو پر سڀ ممنوعات مٿس روا ٿيا مگر زالون جي طواف زيارت ڪرڻ
کان پوءِ مٿس حلال ٿينديون.

باب الحج عن الغير يعني ٻئي طرفان حج ڪرڻ. جاڻڻ گهرجي ته اهل السنة
والجماعت وٽ پنهنجي عمل جو ثواب ٻئي کي بخشڻ درست آهي. خدا تعالى پنهنجي فضل
وڪرم سان تنهنجو ثواب انهيءَ کي پهچائيندو. بخشيندڙ کي به انهيءَ جو اجر ملي ٿو بلڪ خدا تعالى
جي رحمت وسيع آهي ۽ حديث ۾ آيل آهي ته هڪ نيڪ عمل جو ثواب هزارن ماڻهن کي
بخشيندو ته سڀني کي انهيءَ پورو ثواب ملندو ۽ ڪنهن جي اجر ۽ ثواب ۾ ڪمي ڪا نه پوندي

انھيءَ سبب ڪري لکيو اٿن ته پنهنجي عمل جو ثواب سڀني مومنن ۽ مومنات کي بخشڻ
بهتر آهي جو ته هنن سڀني کي ثواب پهچندو ۽ هن کي به پورو ثواب ملندو. هر قسم
نفلي عبادتون نماز، روزو ۽ خيرات ۽ صدقات حج عمرو ۽ تلاوت قرآن شريف صلوات
سڳوري ۽ ٻيا اوراد ۽ وظائف ۽ سڀني خيري ڪمن جا مومن سگهي حڪم آهي جيئن جي
ثواب ٻئي کي بخشي سگهي ٿو. هي مسئلو تحقيق وڏن ڪتابن ۾ لکيل آهي اسين هت
نفقا ج جي متعلق ٻين احڪام ۽ مسئلا لکون ٿا ته جيڪو حج يا عمرو يا طواف ڪري تنهن جو ثواب
پنهنجي ماءُ پيءُ کي مرشد يا استاد کي يا ڪنهن ٻئي دوست يا آشنا کي بخشيندو خواه اهو اهل حيات
جو هجي خواه اهل ممات جو ته صحيح آهي.

حضرت انس کان روايت آهي ته مون آنحضرت عليه الصلوٰة والسلام کان پڇيو ته اسين
پنهنجي مئن لاءِ صدقو ڏيون ٿا، حج ڪريون ٿا يا دعا گهرون ٿا ڇا اهو انهن کي پهچي ٿو؟
پاڻ سڳورن فرمايو ته ها تحقيق اهو انهن کي پهچي ٿو ۽ تحقيق اهي انهيءَ ڪري اهڙا خوش
ٿين ٿا جهڙي طرح انهن کي ڪو ٻيو طبق هديه ڪري ڏئي.
هڪ حديث ۾ آهي ته هڪ ماڻهو حضور جن کان پڇيو ته اسان پنهنجي ماءُ پيءُ سان حال
حياتيءَ ۾ نيڪي ڪندا هئاسين هاڻي اهي مري ويا آهن انهن سان ڪهڙي طرح انهن سان
نيڪي ڪري سگهون ٿا؟ پاڻ سڳورن "اللهم صل وسلم عليه" فرمايو ته هاڻي مرڻ کانپوءِ
هنن سان نيڪي هيءَ ٿيندي جو پنهنجي نماز سان هنن لاءِ نماز پڙهو ۽ پنهنجي روزن
سان هنن لاءِ روزا رکيو.

حضرت حنش راوي روايت ٿو ڪري ته حضرت علي شاه ڪرم الله وجهه اڳهين ٻه ڍڳا واسطي
۽ دنيا حلال ڪيا ته هن مون پڇيو ته هي ٻه اڳهين ڇا لاءِ ٿا ذبح ڪريو؟ فرمايائين ته
مون کي رسول الله صلي الله تعالیٰ عليه وسلم وصيت ڪئي آهي ته مون لاءِ قرباني ڪندو رهه
تنهن ڪري هڪڙي اڳهين حضور جن لاءِ ڪريان ٿو ۽ ٻي پاڻ لاءِ. خود پاڻ سڳورن
اللهم صل وسلم عليه ٻه اڳهيون ڪيون ٻه وڏا اسڱن وارا رڍا ڪارا دنيا حلال ڪرڻ
فرمايائون ته هڪ پنهنجي ۽ ٻيو پنهنجي امت جي اڳهين آهي. خيال ڪريو ته سونهن جا امت اڃا پيدا
نه ٿي آهي تنهن لاءِ به پاڻ سڳورن اڳهين ڪئي آهي. ته هن جڳهي ماڻهون پيدا ٿي مري ويا

آهي انهيءَ روح کي ثواب بخشڻ ته مطريقو اول جائز ۽ صحيح ٿيندو.
ثواب بخشڻ جيڪو واقعو ته آهي يا ابتداءً عمل جي شروع ۾ موهوب له جي فلاڻي ۽
نيت ڪري مثلاً جيڪي ته حج يا عمرو يا طواف يا صدقو فلاڻي جي نيت ڪريان ٿو. يا ته
ابتداءً پنهنجي واسطي نيت ڪري پوءِ انهيءَ ثواب ٻئي کي بخشي ٻئي واقعن صحيح
۽ درست آهن هتي هڪڙو ٻيو وڏو سوال تحقيق طلب آهي ته پيسا يا اجرت وٺي ڪنهن عمل
ڏئي ڪنهن عمل ثواب پنهنجي واسطي ڪرائڻ جي باءِ ۾ تنهن ۾ گهڻن بحث آهي محقق عالمن
مثلاً علامه ابن عابدين شامي وارن ۽ ٻين عالمن وارن جيڪو فيصلو ڪيو آهي سو هي آهي
ته متقدمين وٽ طاعت ۽ عبادت تي اجرت وٺڻ ۽ اجرت ڏيڻ اصلاً جائز نه آهي متأخرين
فتويٰ ڪيو آهي جو اهڙن جن ڪمن دين اسلام ۾ ضروري آهن جهڙو تعليم قرآن. امامت
ڪرڻ. بانگ ڏيڻ تن تي اجرت وٺڻ ۽ ڏيڻ ضرورت جي ڪري درست آهي جو ته هن
ماڻهن ۾ مادو ۾ بيت المال مان ديه معاش جو ملي سو جيڪڏهن اجرت تي
اهي ڪم نه ڪرائبا ته دين اسلام جي ضائع ٿيڻ جو وڏو امڪان آهي. باقي جيڪي ڪم
شريعت ۾ ضروري لازمي نه آهن مثلاً امام تي قرآن شريف پڙهائڻ تسبيح يا ڪلمه طيبه
پڙهائڻ يا نفلي حج ڪرائڻ تن تي اجرت وٺڻ ۽ ڏيڻ ۽ مزدوري تي اهڙا اعمال ڪرائڻ
درست نه آهن. هاڻوڪو ماڻهون يا هڪ جائي ڪو خير جو ڪم ڪري پي ڪنهن کي بخشيندو
ته اها ڳالهه جدا آهي.
هاڻي اڄ ڪلهه مان صاف صاف معلوم ٿيو ته جيڪي ماڻهون عربستان ۾ مڪه شريف
مان اجرت تي حج بدل ڪرائيندا آهن پيسا ڏئي پنهنجي واسطي يا ٻئي پنهنجي عزيز قريب
واسطي نفلي حج ڪرائيندا آهن. اهو شريعت موجب جائز نه آهي نڪو انهيءَ ثواب
ملندو. بالعزم والنقد ۾ مشڪل مان... اگر اهڙن شيءِ ته ڪو ماڻهون ڪنهن جو ٿي خدا
ڪارڻ بنا اجرت جي حج ڪري هن کي بخشي پوءِ هن کي به درست آهي ته جيترو وڌيڪ اوڙي
تبرعاً هن کي بخشڻ طور ڏئي هل جزاء الاحسان الا الاحسان تي عمل ڪري.
هي ته بيان هو نفلي عبادتن جو. هاڻي جاءِ ڳالهه ته فرض عبادت جا ٻه قسم آهن.
هڪڙي عبادت آهي بدني جهڙو روزو ۽ نماز تنهن ۾ ڪنهن نيابت اصلاً درست

آهي يعني ڪنهن ٻئي ڪرڻ سان هن تان فرض هرگز ڪونه لهندو. مگر جڏهن عذر جي حالت ۾
نه ڪري قدرت جي حالت ۾ ٻيو شخص هن جي قائم مقام ٿي سگهي ٿو.

(۲) ٻي عبادت آهي خالص مالي مثلاً زڪوٰة ڏيڻ، فطرو ڏيڻ، ڪفارو ڏيڻ. تنهن ۾ ٻئي جي
نيابت يعني وڪالت درست آهي خواهه اصل ڪي پاڻ ڪرڻ جي قدرت هجي تڏهن جائز آهي
جي نه هجي تڏهن جائز آهي.

(۳) ٽي عبادت آهي مرڪب مالي بدني کان جهڙو حج. سو قدرت جي حالت ۾ ٻئي کان
ڪرائڻ درست نه آهي مگر عذر ۾ ضرورت جي وقت جائز ٿي سگهي ٿو پر اصل تان فرض لهي
وڃي ٿو. مگر ڪن شرطن ۽ خاص صورتن سان جنهن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

هڪ ته هو شخص پاڻ حج ادا ڪرڻ کان معذور هجي ۽ عذر به دائمي هجي جنهن ڪري هجي
هن ۾ هجڻ جو امڪان نه هجي مثلاً بيماري يا ٻڍاپو دائمي يا ضعيف پيري جو. پر جيڪڏهن
حج ڪرائڻ کان پوءِ اهو عذر لهي وڃي ته اهو حج نفل ٿيو، خود مٿس وري حج واجب
ٿيندو. ٻيو ته اهو عذر حج ڪرائڻ کان اڳي موجود هجي. جيڪڏهن اڳ ۾ اهو عذر
موجود ڪونه هو ۽ آهي تنهن کان اڳي حج ڪرايائين پوءِ وري عذر دائمي پيو ته اهو بيان
حج فرض ادا ڪونه ٿيندو. ٽيون ته حج به اڳي مٿس فرض ٿي چڪو هجي. پر جو هو غلطي
ٿي جي جيڪڏهن حج مٿس اڃان فرض ڪونه ٿيو هو تنهن کان به اڳي حج ڪرايائين پوءِ حج
مٿس فرض ٿيو ته اهو بيان فرض نه لهندو. چوٿون ته اهو شخص اهو جي خرچ سان ۽ پنهنجي
سان وڃي حج ڪري يا اهو وصيت ڪري مري ويو هجي ته اهڙي وارث جي خرچ سان وڃي
حج ڪري. جيڪڏهن ٻين نيت جو ۽ امر ڪرڻ اهڙي پاڻ ئي جائي ان ۾ خود وڃي حج ڪندو
ته هن تان ڪونه لهندو.

مسئلہ: جنهن تي حج فرض ٿي چڪو هجي ۽ ما للهه جي منهن لازم آهي ته مرڻ
مهل حج ڪرائڻ جي وارثن کي وصيت ڪري ته وارثن تي لازم ٿيندو ته هن جي ثلث مال
مان ضرور حج ڪرائين ته هن تان فرض لهي وڃي. پر جيڪڏهن هن وصيت نه ڪئي ته وارثن
تي لازم نه آهي مگر جيڪڏهن ڪو وارث يا اجنبي هن جي پاران تبرعاً حج ڪرائيندو ته چڱو
آهي. اميد ته خدا تعاليٰ هن جو حج قبول ڪندو. ان شاء الله تعاليٰ. ڇهون ته

مامور امر جي خرچ سان حج ڪري جيڪڏهن مامور پنهنجي خرچ سان حج ڪندو ته صحيح
ڪونه ٿيندو - جهڙوئن ته حج تي اجرو جو شرط نه رکندا پر امر ڪرڻ وقت اجره جي
صفائي يا تصريح "عقد اجاره" جي نه ڪندا ڇو ته عبادتن جو اجارو صحيح نه آهي
جيئن متي ذڪر ٿيو آيا سين باقي سفر جو خرچ نه ڏيڻ وٺڻ جائز بلڪ ضروري
آهي مسئون ته احرام ٻڌڻ وقت امر جي طرفان نيت حج جي ڪري پر جوڻي احرمت
عن فلان يا لبيڪ عن فلان زبان سان نه چوي ته دل ۾ اهڙي نيت ڪري جيڪڏهن
اعمال حج جا شروع ڪرڻ وقت اهڙي نيت نه ڪيائين پنهنجي واسطي يا اهان پي جي واسطي
نيت ڪيائين ته صحيح نه آهي - خرچ واپس امر کي ڀري ڏيندو - اهڙيءَ طرح جيڪڏهن حج
فاسد ڪيائين تب خرچ ڀري ڏيندو - آٺون ته جهڙي حج جو امر ڪيو ٿو جيس
اهڙو حج ڪندو ان ۾ مخالفت نه ڪندو مثلاً حج افراد جو امر ڪيو هجيس ته تمتع
يا قران نه ڪندو - نائون ته مامور پاڻ ئي حج ڪري جيڪڏهن مرض وغيره ڪنهن ڪي
پنهنجو نائب ڪري حج ڪرائيندو ته صحيح نه آهي مگر جنهن صورت ۾ اصل سڀ اجازت
ڏني هجيس ته پوءِ به موڪلڻ جائز آهي - ڏهون ته امر ۽ مامور ٻئي اهل حج
۽ عبادت جا هجن يعني مسلم - عاقل - بالغ - انهن سواءِ ٻيا به ڪي شرائط ۽ احڪام آهن
جي ڪتابن ۾ مفصل طور مذڪور آهن -

مسئلو امر شرط اسان وقت ڪنهن ته مامور کي پنهنجو حج ڪيو هجي پنهنجو حج نه ڪيو
آهي ته تڏهن به ٻي جي پاران حج ڪري سگهي ٿو اگرچه اهڙيءَ ڪرڻ مڪروه آهي ۽
امام شافعي جي نزديڪ اصل جائز ڪونه ٿيندو - ٻي جي پاران احرام ٻڌي ته اهو پنهنجو
ٿيندو - بهتر آهي ته پاڻ جيڪو حج ڪيو هجيس بلڪ اهو ماڻهو عالم ۽ حج جي احڪامن کان
واقف هجي ته جيئن حج ۾ عوام الناس جا مثلاً نازڪ آهن تن ۾ ڪا غلطي يا مخالفت ڪري
حج صحيح ٿيندو ۽ امر تان فرض نه لهندو.

مسئلو مامور جي پيسا امر جا امانت ۾ اضافت سان ڪاٽي ڪي واپس ڪيا ويندو
يعني جيڪي ضروري خرچ حج جا هجن العتيم ضرور وفت آهي غير ضروري ڪمن ۾
پراوا پيسا خرچ ڪرڻ درست نه آهي مثلاً ڪا ڏو ويٽو ٻاڻ جا ڪپڙا احرام جيون جا ڏيئي

حاجيءَ جي مسواڙ - اُٺ جو ڀاڙو ۽ ٽيڪل - تمبن جي ڪيڙندڙ ۽ ٽلاءِ ڪا اُجرت -
امر اهم مناسب مال انهن ۾ پيسن مان ڪري سگهي ٿو - باقي ڪنهن کي خيرات ڏيڻ يا
قرض طور ڏيڻ يا انهن جي طعام ۾ ڪنهن کي سڏڻ جو ڪاراڻ درست نه آهي مگر جي صريحا
امر اجازت ڏئي ڇڏي ته پوءِ اهو ڪم به جائز آهي بلڪ انهن جي دادا ۽ جو خرچ
به ڀاڙي انهن مان ڪندو ۽ جيڪڏهن دم شڪرانه جو يا جنايت جو ڏيڻو پوندس ته
سو به انهن جي مال مان ڏيندو - مڪه شريف ۾ دستوري رواج کان زياده نه ڪندو
ته انهن جو خرچ پاڻ ڪندو ۽ حج ڪرائڻ کان پوءِ جيڪو خرچ ۽ سامان سفر جو بچيس
سو به انهن جي سوا مرڪي ۾ موٽائي ڏيندو - مگر جيڪڏهن امر ڪنهن کي بخشي ڇڏيندو
ته پوءِ ڪنهن کي درست ٿيندو -

باب پنجون تاريخي حالات شهر مڪه مڪرمه ۽ مسجد الحرام ۽ ٻين مقامات مقدسه جي ۽ بيان فضائل ۽ مناقب انهن جي وما يتعلق بذالك من المعلومات الرائقة والمفهومات الفائقة.

شهر مڪّه مڪرّمه جو بيان!

حجاز جي ملڪ ۾ وڏي مان وڏو شهر مڪه مڪرمه آهي جو سو برس کان ٻيڻو
۾ ترقي ڪندو آهي تقريباً ۾ لک انهن جي آدم شماري ميلي وڃي ٿي -
حضرت ابراهيم جي دعا ته رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ
الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ جي مقبوليت جو هي ظاهر ظهور اثر آهي جو اهي وقت
کان دنيا ۾ ذڪر ته پو اڄاڙ رهندو وقت جي ۽ قيامت تائين آباد رهندو - ورنه بظاهر
جيڪڏهن مقامات متبرڪه نه هجن ها ته سندس آبادي ۽ سرسبزي جو ڪو به نظر نه ٿو
اچي - آب ۽ هوا تمام گرم - ٻوٽڪو ۽ پيداوار معدوم - صنعت ۽ حرفت نالي ماتر جبل خشڪ
پاڻي ٻي جو بري ڪا نه نهر زبيده ۾ مراجي ضرورت پوري ٿئي ٿي ٻيا اسباب زندگي جا ٻين ملڪن

ماڻ اڃڻ مگر قدرت الله تعالیٰ جي آهي جو روئي زمين جي ڪا بہ شي خواه رخت ۽
ڪپڙا خواه اناج ۽ ميوو خواه ڪهڙو تعيش جو سامان سڀ مان سنوا نوهان کي مڪه
شريف ۾ ملي سگهندو.

مڪه شريف جو شهر جبلن جي وچ ۾ هڪڙي وادي ۾ آهي جنهن کي هر طرف کان وڏا
وڏا جبل قريب آيا آهن باهران ڪو ماڻهو ايندو ته شهر جو آثار پري کان معلوم
ڪونه ٿيندو. اچي اچي جڏهن شهر ۾ داخل ٿيندو تڏهن شهر جيون جايون ۽
عمارتون نظر اينديون. شهر ۾ عاليشان پڪيون ۽ پڪيون عمارتون آهن. چار چار
طبقا پنج پنج طبقا گهٽ ۾ گهٽ ٽي طبقا ضرور هوندا. اڏاوتون گهڻو ڪري مضبوط
ڪاري سخت پٿر ۽ پڪين سرن جيون آهن جنهن لڪڙي جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر ۽
نقش نگار رسان تمام سهڻو ۽ خوشنما ٿيل هوندو. شهر تمام گهڻو سوڙهو هوڪ جي
ٻي ڳنڍيل آهي. جنهن صورت ۾ شهر جي هر پهلو کان جبل آهي ۽ پکڙلاءِ سنئون پٽ
يا ميدان ڪونه آهي ٿوري لاءِ جبل جو پاسو ٻنهي سان جايون جاڙ هي جاڙ هي
وهي جبل جي چوٽي سان لڳايون اٿن هيٺان ماڻهن سيمي پٿر نگاهه ڪندو ته تعجب
ڪاٿيندو ته هي ماڻهون هيتري اعجائب ٿا ڪه هروقت ڪيئن لهندا چڙهندا هوندا. ٻيو
پيرين جو خواه ٻيو اسباب ۽ سامان زندگي جو ڪيئن لاهيندا چاڙهيندا هوندا ۽ هي
ته آهي نقش شهر جو. احوال ۾ شهر جي پسگردائي ۾ ٻي غريبن ماڻهن ۽ بدوين جون
جهوپڙيون کپڻ جي ٺهيل جيون ياڪرسن جيون يا ٽوڪريون ٺهيل آهن. ان
۾ ڪاسني ۽ معتبر عمارت آهي تن جي ٿڪڻ مان ٺهيل آهي. ڪاسليت جاديا
کولي سنواکري ۽ هڪ ٻئي سان ملائي پائيو ۾ وڌائين. ترتيب ڪانن جي توڙين
سان ڪوڪا ميخون مضبوط ڪن. ڇت ۾ ڪجهه وانگي تني مان ڪاهي ٺاهين جي
پوءِ ٿڌي اهڙو رستگ لڳايو ويندو گويا ڪه تمام ڪاسني ٻيجي اوطاق ٺهيل آهي.
شهر جا باشندا گهڻو ڪري پرين ملڪن جا اصلي ماڻهون آهن جو نسلاً بعد نسل ٿي رهي
عرب ٿي ويا آهن. اڪثر جاوي. بخاري. چيني. هندي ۽ سنڌي آهن جو پنهنجي وطن
کي ڇڏي هتي ٻڌين ويا آهن. عمارت. هن. دعا ندارئي انهيءَ قسمي ۾ آهي جو بدوي

ڏيکاري ٿي عجائبات قدرتي ۽ ٻڪريون ۽ جهرڻا لڳي آهن ٿا آهي ٻئي - نه آهي والارين نه آهي
هنر - نه آهي ٻي روزگار - تنهن هوندي به هوا فقار هاڻي ته آهن به ولايت ۾ لاچار.

مختلف اقوامن جي باهمي اختلاط ۽ ارتباط ڪري شهر جي رهاڪن جيون عادتون ۽ اخلاق
ٻه مختلف آهن. عجيب شيخ. سخت طبيعت. تنگ دامان شريف. سخت دل. مهمان نواز - ٻيا ڪي
اخلاق ۽ ميان منصف آهن. باغ ۾ گل آهن ته خار به آهن. بلبل آهن ته زاغ به آهن. مڪو ته خانه خدا
"ام القرىٰ" آهي هتي ته ضرور هر قسم ۽ رنگ مخلوقات هوندا گهرجن. جيئن انسان ۾ تمدن
ڪنان - مثال جهڙو ڪار سارو هوندو گهرجي سڀني جي مادي تعلقات اها آهي - سڀ مخلوقات مڪ
جهڙي به جي عادت جنهن جي جڳهه ۾ بيهي ٿو جي بعثت اُن جي ضرورت ڪانه ٿيندي عالم ۾ اڪيلي
تعريف باصنا داها مطلب ته ان سان جيڪو هي نکو ۽ مڪي شرعي ۽ سخت ڪلامي ڪري
تو صبر ۽ سانت سان تحمل ڪريو جيئن ته "جواب تلخ مي زيبد لب لعل شڪر خا را"

شهر ۾ وڏيون بازاريون ڪشاده، تنگ سان ۽ شيل آهن جيئن هميشه دڪاندار
واپاري ٻاهر هوني ويٺا آهن - مگر حاجين جي موسم ۾ ته ڇو ته هر دڪان ۾ دڪاندار نظر
ٿا اچن. هر طرف سودي سلوف جي بازار گرم ٿيندي آهي شهر مڪه ۾ سڀ ملڪن جا سڪا
يعني روپيا گنيون ۽ نوٽ رائج ۽ چالو آهن بازار ۾ جيتري قيمت سان ونيا آهن انهن جي
مختلف ملڪن جا سڪا مٽائي سعودي ريال ۽ قرش سان مٽائي ڏيندا مگر شهر کان ٻاهر
منزلن تي البت مٽيءَ ملڪي سڪا غير رائج آهن تنهن ڪري وات خرچ لاءِ ڪجهه نوٽ يا
گنيون شهر مان مٽائي ريز ۽ سعودي سڪه جو ٻاڻ سان ڪيو ته واٽ تي انهن کي خريد
فروخت ۾ سولائي ٿيندي - ارض حجاز ۾ سعودي سڪو رائج ريال آهي ۽ نصف ريال
۽ ربع ريال - ريال ٻه آنا ڪلدار، ويهه جي ۽ نصف ريال ٻه آنا آنا آهي ۽ ربع ريال
ٻه آنا جي آنا جو آهي - ويهه قرش گويا آنا آهي ۽ هللو جيسو مگر فرق به آهي سنه
ريال اساسي سو ويهن ڪانٽي حصه ونڊ آهن ۽ ويهن ۾ آهن ويه قرش ته ريال ۾ آهن ويه قرش
قرش ته ڪانٽي حصه گهٽ آهي جو ته روپئي ۾ آهن سوله آنا ۽ قرش آهن ويه پاڻي
مٿان ٿيا پورا سينج قرش

اناج جو ذڪر جيتري عربستان ۾ سان شي مهانگو ته تو رمان - ماڻ اتي جو مشهور

"صحيح" ۾ اگهه قيمتن جو ڀاڱو ڏنو آهي" آهي اُگهه جو ونت مڪ سڀو ٻاهر
تولا آهي يعني ساڍا اٺين ٻاءِ ۾ هي تولا هن ملڪ جا تنهن ڪري "نصف اقه" ۽ ٽيون
حصه "ربع اقه" ۽ اٺون حصو "ثمن اقه". تنيا اماڻ آهن جهڙيءَ طرح ملڪن ۾ ٽوپيو
باقي جهڙا ڀي وغيره. ڪيلي ۾ ميوي جا اُگها آهن جا ڪيلا ٿين تا ملڪ ۾
۽ ڪپڙ ۽ مڇي ۽ وڏن جو حساب سان ملڻ تي وال ڪي هتي "ارشون" چوندا آهن جو هن
ملڪ جي وال ڪان جو ٽيون حصو گهٽ يعني ١٢ اگرا آهي تنهن خيال رکجو.

[illegible]

حجوڏ بازار جي بازار کي "سوق الحراج" چوندا آهن. مڪه شريف خواه مدينه شريف ۾
جوڏ بازار جدا جدا بازار آهي جنهن ۾ اڪثر ڪارآمد شيون هر قسم جون نيم ڪري جو سامان
۽ مرادي عجائب شيون نيون پراڻيون کڻي اچي سان ملن. ٿيون مڪه شريف ۾
بن ٽن جاين تي ۽ مدينه شريف ۾ ٺاهر خانه جو بازار آهي. خصوصاً اقف مانڊون کي
بازار مان وٺي وڃي تنهن جي دل سهندي تي خريد وفروخت ڪريو. غير ملڪي شين جي
هنگامي ضرور آهي جو ته هن ملڪ ۾ صنعت ۽ حرفت ڪانه آهي. اڪثر اسباب ٻين ملڪن
مان اچي ٿو ۽ نفيس تمام گران آهن. ڇو جو موقعه ۾ مهانگائي جو آهي باقي اتي جيڪي
پيدا وار شيون مثلاً پاڻي ترڪاري وغيره سستيون آهن. مصري مطبع جا ڪتاب
هن ملڪ جي ڪري اتي تمام سستا آهن.

ٽپال جو انتظام

ٽپال جو انتظام بغداد ۽ مصر آهي هڪ ڪمپني ۽ ٻين ملڪن سان خط ڪتابت ڪري
سگهو ٿا. چين، جاپان، جاوا، هندستان، خراسان، ايران، ترڪستان، مصر، شام،
سوڊان، افريقه ۽ يورپ جي ملڪن مثلاً انگلنڊ، جرمني، روس، فرانس سان
ٽپال جو سلسلو ڳنڍيل آهي. خط، لفافو، رجسٽري وغيره جدا جدا موڪلڻ جا لوازم آهن. مگر
ڪاڏي مرهون مطلع ۾ مفتو هلي هندستان جو لفافو مڪي جي هنڌ ۾ شهر جو مڪليوته
ساڍي ڏهن ڪلين ٽڪليون لفافي تي لڳائي ڏيو. انڊين ملڪت جي شهرن ۾
هڪ ٻي ڪرڻ سان خط جي سگهي ٿو مگر تخفيف اها آهي جو ٽڪلو الا لفافي ٻوٽي
ناسگهن ۽ انهي جي گجرات وغيره ٻارڻ وٺي رکو بلڪ لفافو ڪني بهشت ۾ ڪني ڏينا
اتي پهچي وڃي انهي ڪي ٽڪليون هڻي ڏيندا.

مڪه کان جده ۽ طائف هر روز موٽر ۾ ٽپال اچي وڃي ٿي ۽ مدينه شريف ڏانهن
هفتي ۾ ٻه ڀيرا. علىٰ هذا القياس تار برقي جو سلسلو به سڀني خارجي ملڪن سان
جاري آهي. ٻئي قسم تارون الرجنٽ ۽ غير ارجنٽ ڪري سگهو ٿا.
مڪه شريف جده، طائف ۽ مدينه شريف ۾ فون تي ڳالهائي سگهو ٿا. اڪثر معلمن
۽ تاجرن ۾ جا انن تي ۽ خانگي ٽيليفون موجود آهن جو گهر ويٺي انهن سان حال احوال
ڪري سگهو ٿا البت سرڪاري ٽيليفون تي محصول ني ڏيڻي پوي ٿي.
مطلب ته هيءَ سڀ ممدن شهر جا لوازمات جيڪي هن زماني ۾ موڪ گهرجن سي سڀ موجود
آهن مگر منهنجي خيال ۾ اهي ئي هن جاءِ جڳن

آب و رنگ خال و خط چه حاجت روی زیبا را

اهڙا ڪي ٻيا ۾ منهنجي خيال ۾ اعتراض وٽ جو حق نه آهي وَلِلنَّاسِ فِيمَا يَعْشَقُونَ مَذَاهِبُ ۽
موڪ اصلي وضع سادگي جي پسند آهي. حرم شريف جي روشني لاءِ بجلي جا قمقما اميرا
آهن جنهن سان شان ٿي ڪونهي سا جهڙي ڪانه پيو ٿيو حرم شريف بقعهٔ نور بڻيو وڃي.
دڪانن تي اڪثر بجليون نه پر بتيون ٻرن ٿيون ۽ بعضي وقت متمدن ماڻهن جي بنگلن تي ۽ بجليون
آهن. اسپتالون ۽ دوا خانا به مڪمل موجود آهن سرڪاري اسپتالن ۾ دوادارو
۽ بيمارن جي خدمت مفت ٿئي وڃي ٿي دوا نون اڪثري جا پاڻي ۽ مرهم پٽي جو
ڪم اچي ٿيون. هڪڙو يوناني دواخانو مرڪبات جو باب العمرة ڪان المندي ۾ پاسي
حڪيم هندستاني جو آهي جنهن وٽ ٻي بيمار تي يوناني مرڪبات معجونون. خميرا عرق
شربت وغيره دهلي دواخانه وانگي شاندار دڪان ۾ موجود آهن مگر تمام گران.

مڪاتب و مدارس بفضله تعالىٰ حرمين شريفين ۾ علوم شرعيه جا ايلان
دريا وهندڙ آهن مشرق ۽ مغرب تائين انهن جو فيض جاري آهي. شهر ۾ مدرسن جا عالي شوق
قرآن جا قاري صحاح سته جا صحت موجود آهن. مڪه شريف جي حرم جي متصل باب
ابراهيم وٽ مدرسه فخريه آهي جنهن جا مرطرح قرآن شريف جي تعليم ٿيندي رهي ٿي ۽ مهتمم انهيءَ
قاري محمد اسماعيل هندستاني آهي. ٻيو مدرسه صولتيه، وڏو شاندار مدرسو آهي جنهن
عاليشان تعمير ٽه منزله ماڻي نئين ٺهي آهي ۽ جنهن جو مهتمم مولوي محمد سليم ولد مولوي محمد سعيد

تار ۽ ٽيليفون

حرم شريف جي روشني

اسپتالون

اسڪول ۽ مدرسا

آهي انهي مدرسي ۾ جملہ علوم باقاعده پڙهيا وڃن ٿا ۽ سندس خرچ ۽ انتظام ڏي
ڀيانڌي آهي. اصل باني انهيءَ مدرسي جو شيخ رحمة الله مها جرمڪي آهي جنهن ڪمال
ڪتاب تصنيف ڪيل آهي ۽ مشهور مناظر نصارن جو آهي. اسان جي حضرت والد صاحب
مد ظله العالي بزرگ وٽ سندس مدرسي ۾ گهڻو وقت پڙهيا آهن. هر سال اسين
جڏهن مدرسن جي ساليانه احتفال ۾ حاضر ٿيا هوا سين ۽ شاگردن جيون تقريرون
۽ ساليانه رپورٽ خصوصاً ننڍن ٻارن جي قرآن خواني ۽ پاڻ ۾ سندن مصنوعي
مناظره ۽ سوال جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا سين. ٻه مدرسن جي ساليانه رپورٽ
جا ڇپايل ڪتاب موجود آهن جنهن ۾ مدرسن جي مفصل ڪيفيت حساب ڪتاب وغيره
سڀ حقيقتون درج آهن.

علاوه براں ٻيا مدرسا به حڪومت جي امداد سان وغيره جاري آهن ۽ حرم شريف ۾
جا بجا علما سڳورا وٽي درس پڙهائيندا آهن.

اهڙيءَ طرح مدينه منوره زادها الله تعالى شرفاً و تعظيماً مسجد نبوي جي باب النسا
کان ڏکڻ ڏي طرف صاحبن ”مدرسه علوم شرعيه“ خيراتي فنڊ سان سيد
احمد صاحب فيض آبادي جي اهتمام سان هلي ٿو ۽ ٻيو مشهور ”دار الايتام“ آهي جنهن ۾ غريب
يتيمن کي تعليم ڏجي ٿي ۽ قرآن شريف پاڙهجي ٿو ۽ علاوه براں صنعت و حرفت سيکارجي
ٿي ته ٻيهر هنر سکي جيئن ڪو وجه معاش جو پيدا ڪن مثلاً سلائي جو ڪم ڪشيده ڪاري
جتي جو ڪم - نقاشي نجاري لڪڙي تي تمام نفيس ڪم مثلاً ٽيبل ڪٻاٽ - آئينه داني
۽ گلاس داني ۽ ٻيون اهڙيون ڪار آمد ۽ مفيد ۽ ديده زيب شيون تيار ٿيو ڪري
دڪانن تي فروخت لاءِ رکيون وڃن ٿيون. نه فقط ايترو بلڪ ٻيا مدرسا ايا جي اندر ۽
مثلاً عمر موافق حال جي ديني خواه دنيوي تعليم خيراتي ڏيڻ ما جي ٿي - الغرض خير
جو باني سيٺ عثمان يادا مرحوم هو جو سنه ١٣٥٦ھ ۾ وفات ڪري ويو آهي - هندستان جي
مسلمانن ۽ دولتمند نه ڄاڻن ڪهڙي ڪم جي ته آهن. اسلامي مدرسن جي همت افزائي ڪن ۽
اهڙن ته اهڙي خير خيرات ڪرڻ جي جيڪي عمده خيرات جو آهي ۽ اصلي ڪار خير اهو آهي
ته هن ملڪ جي اسڪولن ۽ انگريزي تعليم کي مدد ڏيڻ جا غلامي جو طوق ڳچي ۾ پائڻ ڪين

کري نقصان رسائڻ- اخلاق کي خراب ڪرڻ ۽ روح اسلامي کي وڃائڻ جو ذريعو آهي
ضرور آهي جو انهن ۾ پاڙي رهڻ رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام کي پاڻ لاءِ جوڙيو ڪن
غريبن ۽ مسڪينن جي دل شاد ڪري ۽ تنهنجي دين جو گهر آباد ڪريو.

دوستان را باحسان ياد ڪردن همت است ورنه هر نخل بار خود بثمر مي انگند

شايد ڪنهن نيڪ بخت اهل خير جي دل گهري ته جيئن آءُ تون پنهنجي خير ڪار طرح اوڏانهن
موڪليان؟ تنهنجي جواب ۾ عرض ته سال بسال حاجي وحي ڪنهن معتبر حاجي جو هٿان پيسا
موڪلي مدرسي جي مدرس ۽ مهتمم جي صحيح سان نڪي پهچائي گهرائي ولو- يا نه هروقت پيسا
مني آرڊر ڪري شهر دهلي ۾ نئين سڙڪ ڪوچي مرحوم عثمان جي پتي تي موڪليو ۽ مني آرڊر
جو فارم ۾ لکونه هي پيسا مڪه ۾ يا مدينه ۾ فلاڻه مدرسه کي پهچائجو ۽ رسيد اسان
ڏانهن موڪليو- هو پاڻهي پهچائي موڪلي جي رسيد اوهانکي موڪليندا- بهتر ٿيندو جيڪڏهن
اوهين- تپال رستي اهڙي اطلاع پاڻ مهتمم مدرسه کي لکي موڪليو ته اسان هيڏا پيسا
ڪوڙي عثمان جي معرفت موڪليا-

حڪومت جا احوال مٿي اسانکي مذهبي بحث ڪرڻ جو خيال نه آهي ليڪن
حاجين جي متعلق مفيد ۽ ڪار آمد معلومات حاصل ڪرڻ مدنظر آهي سو معلوم هجي ته موجوده
حڪومت جو صاحب بطور پنهنجي ملڪ ۾ نور رهي رهو آهي پنهنجي قلمرو ۾ هر طرح آزاد ۽ خود مختيار
آهي- داب ۽ رعب حڪومت جو رعايا جي دلين تي اهڙو ويٺل آهي جو ڪنهن ماڻهوءَ کي
مخالفت يا سرڪشي ڪرڻ جي مجال نه آهي-

خيال ڪري ته سمورن هر هڪ محڪمي في شعبه ۾ ملڪي ڪاٿ ته تمام حڪومت جو توجه ۽ خيال گهڻو
آهي مثلاً تعليم کاتو- انجنيري کاتو- تپال کاتو- ڊاڪٽري کاتو وغيره ذالڪ هر هڪ
جي سڌارڻ ۾ ترقي ڏيارڻ کان حڪومت غافل نه آهي- مگر جيترو خرچ جي پورائي نه
هوڻ ڪري ڪيترا ڪم ڪيا ويا پر ترقي نه ٿي سگهيا آهن ۽ اڪثري ناقص يا نامڪمل رهيا آهن- خصوصاً
رستن جي سڌارڻ جو ڪم باوجود جلدن ۽ وعدن مواعيدن جي اجا اڻ رهيو آهي
محڪمه عدالت جو انتظام نهايت گهڻو ساهڙ ڪان بهتر آهي- هر هڪ بدمعاش جي هٿي
دال نٿي ڳري سخت سزائون جاري آهن- بعض شرعي حدون مثلاً قصاص وغيره ماڻهن جي

عيوض ماڻهن کي بچوڙڻ جو حق ڪيائون عمل ۾ اچڻ نٿيو ـ فيصلو به ڪو هجي
يا نه هجي، جيڪو به ٿي سگهي واجبي سمجهي ڪيو سو جلد جلد ڪرڻ ۾ اچي ته هر هڪ مصري
مصيبت کان آهي جو دير ڪرڻ سان وڌيڪ گهڻي ڏکي ٿيندي آهي ڪو ڏکيو ڪم هجي ته
ڪي سچ پچ ڪي ڪوڙ ٻڌائي ـ ڏٺو ويندو ته حاجين جي حمايت جو خيال گهٽ ڪرڻ ۾ اچي ٿو
۽ منهنجي راءِ ته اهڙين ڳالهين ۽ شڪايات جو انتظام جلد ڪيو وڃي ته جيترو وقت هو خيال
ڪري ڏنو ته پنهنجي عايا ۽ شهروارن کان ٻاهر گهرجي ته هنن ماڻهن جي حاجين
جي مرضيات بخاطر زياده رکي وڃي ٿي مثلاً مڪي جهڙي بدوي يا شهرواري جي مخالفت ۾
جهيڙو جهڳڙو ٿئي هي بيان ڏئي ٿي پنهنجي ملڪي ماڻهن جو لحاظ ڪري رکندا جيترو
حاجي جو ـ باقي جيڪڏهن حڪومت طرفان ڳالهه ٿي ته ٻاهريان حاجي ڪي هيسي ويا ته
سا ڳالهه عجب آهي ـ اهڙا مثال گهٽ ڏسڻ ۾ آيا جنهن ڳالهين مثال
ملور ڪجهه ٿيو نا ـ

هڪڙو واقعو اسان جي ملا عبدالرحمان اسانجو دوست ڪوئيٽا وارو ـ مڪي ۾ ۱۵ يا ۱۶
تاريخ ذوالحج جي اسانکي مليو ـ احوال ڪيائين ته اگهوٽ ۾ منهنجي مرتي وٽ سهاسيا هوا
اسانجي معلم جي ايجنٽ اسانکي چيو ته مونکي هتي اگهوٽ ۾ پيسا ڪپن جو آئون حاجين
کي ڦي ڦي پارت عالمن ڏيندو ڪنهن تي هينئر پيسا مونکي ڏيو جده پهچي معلم کان
وٺجو اسان به پارت پيسا ڪري مناسب سمجهيا ته سؤ ڏيڍ سؤ ـ جيا ٿو ڏنا اسانت
ڏيڍ سيد ڪي شاهدن جي روبرو ڏنا ـ جده ۾ جيا ٿون ته تڪرار ڪري آسي مڪه ۾ هلي
اهمانکي ڏيندس هتي ته هيترا ڏيهه گذريا آهن جو اسانکي نه ٿو ڏئي هاڻي اسين
مدينه شريف وڃڻ لاءِ بيٺا آهيون مگر هو اسانکي پيسا نٿو ڏئي نه اوهين ڪري ته ڏئي
مرگهو هاڻي لکندو ٿي ـ اسانکي هت پئي نٿو اچي ـ مون صلاح ڏني ته حڪومت ۾
وڃي دعويٰ ڪريو ۽ هو سيد سندر وڃي ڏيکاريو ـ جيا ٿون اسين پهتو ڪان سواءِ
ٻي ٻولي نه جا ڻون نه اسانکي حڪومت جي خبر آهي ـ مونکي جي حال تي رحم آيو ۽ پنهنجو همراه
"داد" ساڻن گڏ ڏئي ته هو جهڪ جو ڪجهه واقف ۽ اردو ٻولي جا سمجهندڙ هو ـ محڪمي
اسيوٽ ويا هڪڙو ٻه پارت گڏ ڪري پيرا لو ـ سلام عليڪ ڪري بيٺا مون پنهنجي ويٺل

اميرَ ٻيءَ ماڻھوءَ سان گفتگو ڪري رھيو ھو، تنھنڪري ھن ڏانھن التفات ڪري
خبر ورتي. چار روپيا ٻچيا، ۽ پرس سڀ پڙھي ڏنائين، سپاھيءَ کي حڪم ڪيائين ته وڃي فلاڻي معلم
کي يڪدم وٺي اچ. ھن اچي ڇيڙ ڇنو ڪيو. ھو اڄ صبوح جو جده ڏانھن ڪري حاجين
کي اماڻڻ ويٺو آھي جو شام جو وري اچي وڃي، ۽ جڏھن ھو اچي موٽندو ته وٺي
اچوس. ۽ حاجين کي چيائين ته ادھين ڪو فڪر نه ڪريو صبح وري اچجو ٻي ڏينھن مرڪنجا
ٿي ويا. الله سائين ماڻھن کي گھرائي چيائين ھيڏا ڏينھن جو حاجين کي تڪليف ڏني
اٿئي؟ ھي ڪھڙو سبب ھو، سبب ٻڌي يڪدم ھنگامو ڪري ڏيءِ ۽ پيسا ڏئي
جي حاضر. خير ٻيءَ ڏينھن وري حاجي اسانکي مليا، اميرَ جي مھرباني جا شڪرگذار
ھيا، ۽ خير سان مدينه شريف روانا ٿي ويا.

حاجي عبدالشڪور ھالن ڀرواري پنھنجي جماعت سان حج تي آيا ھوا. منيٰ کان موٽي
جڏھن مڪه آيا ته ڏٺائون ته ھڪڙو بسترو سندن سمورو غائب ٿي ويو. سندن گھاٽ
پنھنجي اٿن وارن بدون ۾ ھو. رسيل الجاليءَ کي چيائون ته اسانجو بسترو گولائي ڏيو
چيائين ته ھاڻي گولائي ڪرايون ٿا. ٻي ڏينھن الله دم دلاسو ڏئي ڪڍي ڇڏيائين. آخر ھو لاچار
ٿي حاڪم وٽ ويا ۽ سارو احوال عرض ڪيائون. حاڪم پنھنجي رئيس کي گھرائي چيو ته
ھنن جو بسترو پيدا ڪر. چيائين ته ھا. ٻي ڏينھن مھلت ڏيو ته پيدا ڪرايون. چيائين
ھو ميان ٽي ڏينھن وٺ. جڏھن ٽي ڏينھن گذري ويا ته حاجي آيا ته اسانجو بسترو ڪٿي؟ آخرين حال ھڪڙي
ڏينھن ۽ بيا گولائي ڪريو. بستري جي قيمت سڀ سامان سميت انڪل لڳائي روپيا
ڪيائون تنھان ڏھه روپيا حاجي جي ٻائي ٻيپار کان ورتا ۽ اھي حاجين کي پنھنجي
ملڪ روانو ڪيائون.

حرم شريف ۾ ماڻھن کان گھڻيون شيون وڃن ٿيون پنھنجي ڪري ٻيون ٻيا وسار ويو وڃي
ٻگم ٿيو وڃن تنھن لاءِ ھي بندوبست آھي جو حرم شريف جو بابالسلام ۽ ٻيو دروازي کي ٻيا ڪنھن ٿي
مڪرن ۽ ھا آھن باب ابراھيم کي ۽ ٻيو باب ام ھاني جي مثال آھي جنھن کان شي گم ٿي
وڃي ته اچي ماڻھن وٽ ٻار ٿيا ڏئي پنھنجي شي ڪٿي اچي.

مدير الحرم نظم افندي صاحب ڪڙو ترڪ خوش خلق ۽ لائق انسان آھي جو افسر آھي ۽ ٿي حرم

ھالن واري حاجي جو قصو

[illegible]

شيون مثلا کجيون، سپون، کهڻا، پٽوا ٽوپيون پڇيس ميان، کڻڻا، گهڙ ماليءَ جيون
ردمال، عقال، جتيون، ڪپڙا، جن جو ملڪ ۾ نه پيدا آهي گهڻيون ملن ٿيون. مکيو آهي
هڪڙي ڏينهن مونکي تسبيح شاه مقصود جي حرم شريف ۾ وسري وئي. تنهن کي ڀليا لاءِ
اسين اتي ويا سين تمام لياقت سان پيش آيو، سيد حال احوال پڇايائين. مون پڇيو ته ڀلا
ڪو ماڻهن اجي پنهنجي شيءِ نه ڪنهن جي ڇڏي اوهان ڪان ڪنهن وٽي وڃي ته. جيڏا ڏهڙي
امکان ڪو نه آهي. اول ته اسان جو رواج ڏينهن عادت آهي جو ٻئي ڪنهن جي
ماڻهن کي اسين صحيح ڪري ٿا وٺون. ٻيو مڪان نشان ٿا پڇون. پوءِ جيڪڏهن ڪا
قيمتي شيءِ آهي ته اهو ڪان معلوم ٿي امانت ٿا وٺون. پڪائي ڪري پوءِ ٿا ڏيون.
هفتو هفتو گم ٿيل شين جي فهرست ڏيون ٿا جا احوال اخبارن ۾ شائع ٿا ڪريون.

ايامن ۾ ماڻهن وري ٻيءَ ڪهڙا آهن. ان سڀ جان جا ڌنڌي اصحاب ۾ اهڙيءَ
ڪنڌ جو ملڪي ماڻهن ٻه ڪون ڪنو. بعضي بازار ۾ ڪي شيون ٿي ڪٿي اچي
هوا ٿي سڀ اله جي ڪياري وڪليندا آهي، جيڪا شيءِ اوهان کي وڻي سو
اها ڏيو. سامان ڏڪان ڏيکو. ٻي ڪا وقت اچي ڪنڌا هئا. دڪان مان ٿي
شيون ڪنهن ماڻهن هٿان ڏيکاري وڪليندا هئا ۽ ٻي ڏينهن سو ڏيون. مون ڏٺو
باب السلام جي هڪ ڪتب فروش تاجر شيخ احمد جي دڪان تي ويٺو هوس. اتي
ڪي هوس وڃي جو وقت ۾ ڪتاب ڪني ڏنا. ساڻ هي ته اهي ڏسو مون جيئن
هنن آنون وڃي آهيان ڏيري ٿي ڀي وقت آهي. سنڌ ۾ جيڪو ٿڪ آهي، اوهين بابت
سان ڪني وڃي مطالعو ڪريو. مون ڪي جو توهان کي خبر آهي. هنن نالو جا آهي. جي خبر
نه هي. مون جيئن آئون ٺڪيل هٿي آهيان، جي نه هئا پر خبر آهي. مون جي جو ڪنهن
اوهين مون کي ڪتاب ڏيو ته صبح آئون هلي وڃان ته؟ جيا ته اسين ڪونه ٿيندو.

نماز جي پابندي ته عام خاص ماڻهن جي ڏي ڏسجي ٿي. شهر ۾ امير غريب. ٻئي ڪو هلي جو نماز جو اهڙي مضبوط آهي جو سبحان الله.

نماز جي وقت ٿيندي سڀئي بازار جي دڪاندار وڃي حرم شريف ۾ ڏو ڙندا ويندا.
دڪان کليل ڇڏيندي ٻيءَ ڏيءُ اقتدا ۾ نماز جماعت سان پڙهي ۽ اچي دڪان تي ويهندا.

جهڙي چڪار جوءِ آئي ڏيپ ڪوٺي جو ڏس ڏسو انهن بدڪري وڃن گهڻن گهڻن ته مطلق
اڃا صبح وڏو دڪانن تي ننگي پاسامان تي ڏٺي وينداء جنهن معلوم ٿيندو ته واپاري
غير حاضر آهي ناڪاري ويو آهي يا گهر ويو آهي جيڪڏهن ڪوري غفلت ڪئي جماعت
قائم ٿي وينديء ته پوليس وارا سپاهي بيد جو لعن هٿ ڪري پڪڙي بيٺي تي ڪڙڪڙ ڪري
چوندا الصلوٰة الصلوٰة ته فقط شهرن ۾ بلڪ جهنگ جهڙ اٿي واري منزلن تي به ڏٺو ويندو
ته اهيو طريقو هر جاء تي جاري آهي. نماز جو وقت ٿيندو ته سپاهي انهن کي نماز تي آڻي
ويندا. باقي جيڪو هن وقت اسان جي رواج ڏسڻ ۾ آيو ته اڳي ڪونه هو سو هي ته
مڪه شريف جي دڪانن تي بلڪ حرم شريف جي دروازن تي تصويرن جا پيا وڪڻندا
گهڻن ڪري نجدي بادشاه جا يا شريف حسين جا علانيه ظاهر طور ٽنگيل يا رکيل هوا.
عجب آهي نجدي حڪومت جا متبع سنت ماحي آثار بدعت جهڙن جي دعويٰ رکي ٿي سا
ڪيئن اهڙي منڪر شرعي جي بالاتفاق ناجائز آهي تن کان چشم پوشي ڪري رهي آهي يا ته
حقه ۽ چلم تي سخت سزا ۽ بندش ۽ تنهن جي پيئڻ ڪري ٿي ته اها توبه پهچي آهي مگر جا
تصويرون ٻهرون ٽاڪيون ۽ دڪانن تي آويزان ڪيون بت پرستي آهي ۽ خصوصاً
بلد الامين ۽ حرم پاڪ ۾ جتان خاص طرح سان باني اسلام عليه الصلوٰة والسلام انهيء
جون تصويرون ۽ بت ٻاهر ڪيا هئا، اتان ڪفر و شرڪ و بت پرستي کان پاڪ ۽
صاف ڪيائين ٻيهر اهڙين ڪفر ۽ شرڪ جي ... رواج ڏي حالانڪ ٻه
حديثن صحيحن ۾ تصوير ڪشي ۽ تصويرن لڙڪائڻ جي سخت منع آئي آهي صحيح بخاري
۽ صحيح مسلم جي متفق عليه حديث آهي ته اشد الناس عذاباً عند الله المصورون يعني
سخت ترين عذاب الله تعالى تصويرن ڪڍڻ وارن کي ڪندو ۽ ٻي روايت ۾ آهي ته سخت ترين
عذاب ڏيندو قيامت جي ڏينهن انهن کي ٿيندو جيڪي مشابهت ڪن ٿا سان خلق الله تعالى جي
جل شانه. ٻي حديث شريف ۾ آهي جيڪو تصوير ڏي روح جي ڪيو ته عذاب ڏنو
ٿيندو انهن کي ڏينهن تيان ... ۽ حڪيو پيو ڪيو ... ساه ڦوڪي ... حالانڪ هن کي
ساه ڦوڪڻ جي طاقت ڪانه هوندي.

بي بي عائشه صديقه رضي جو نقل گهر ۾ تصويرن وارو پردو ٽنگيل ڏٺو رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام

نماز ۾ غفلت

تصويرن جو مڪي ۾ رواج

تصويرن بابت حديث

جو ڪاوڙجڻ ۽ اهڙي ڪي ڳالهيون ٿيون ته منڪر ڪري، ۽ گهر ۾ تصوير دار شيءِ نه ڇڏڻ ۽ نه سيکڻ
گهر ۾ داخل نه ٿيڻ اهڙيون سڀ ڳالهيون ڪتابن ۾ مذڪور ۽ مشهور آهن. جبر ناهي
حڪومت جو اهڙي منڪر شرعي جي ازالي کان غافل آهي بلڪ پاڻ اهڙي عامل وڏي
معصيت ڪندڙ آهي جو هن حالت ۾ رعايا تي لازم ڪيو ويو آهي ته پاس ونڃڻ ۽ پاس ٿيڻ
بخير خوبي ڪئين اٿن، بهرحال پاڻ ڊڄڻ ترڪ ڪن. فلا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم

آهي ڪيترو مسلمانن جو ڪي واڌ حڪومت تان ۽ ڄڻائي موضوعات هم آواز ٿي دانهون
ڪري شايد حڪومت اسلامي هن طرف توجهه ڪري. جيتوڻيڪ پاڻ شريعت ۽ سنت
جي متابعت جا قائل ۽ مدعي ڪا سا هن جي نه تنهن ڪري تبليغ جو ته ادا ٿيندو وسه

گر نباشد بگوش رغبت کس — بر رسولان بلاغ باشد و بس

تنبيهه:- ڪن کي هي غلط فهمي علم ماڻهن ۾ پيدا ٿي آهي ته ننڍي ناجائز عمل لاءِ
دليل ترڪن جو يا عربن جي فعل جو وٺندا آهن. ڏاڙهي جيتا ڪوڙا اڳيون جي ترڪ جو
ڪوڙ ڪاهڻ ٿا. پيڙهي ڪهڙو جو ٿا ڇو. جي عرب جو بين ٿا. حالانڪ ترڪن ۽ عربن جو
فعل حجت شرعيه ناهي. اسان تي شريعت جي تابعداري لازم آهي نه ترڪن ۽ تاجڪن جي
اسان جي نجات سنت سنيه جي متابعت ۾ آهي نه عرب ۽ عجم جي متابعت ۾. ما آتاڪم الرسول فخذوه
وما نهاڪم عنه فانتهوا.

سو پاڻ اسان واڳي تابع ۽ محڪوم شريعت جا آهيون نه حاڪم ۽ متبوع جنهن تي بلڪل شرعي
احڪام لازم آهن جيڪا اسان تي ممنوعات شرعي جي اڳيان ڪي احڪام آهن جيڪا اسان تي جبر ۽
اسان تي ڪا مرضي ۽ نهي. پيرهي ۽ فقير، مصطفيٰ ڪمال جهڙا يا اڳي پاشا، ابن سعود جهڙا
يا امام علي امير خراسان جهڙا يا شاهه ايران جهڙا ماڻهو مذهبي پيشوا آهن. جيڪڏهن
سي به مخالفت شريعت جي ڪن ته سندن قول ۽ فعل اسان لاءِ دليل ۽ حجت نه آهي لا طاعة
لمخلوق في معصية الخالق نص صريح آهي.

مسجد الحرام جو بيان

شهر مڪي جي عين وسط ۾ هڪ وڏي عاليشان خوشنما مسجد آهي جا روئي زمين
جي سڀني مسجدن کان قدر ۾ مرتبي ۾ عزت ۽ عظمت ۾ اعليٰ ۽ افضل آهي. بيوت مسجدون

جا هي ڪمرا يون ۽ نقش ونگار سان سينگاريل هيون ڄڻ قيمتي جواهرات سان جڙيل هيون
هي بت هن سادي سودي عمارت سان ڪلهو هڻي نٿو سگهي. هي اها مسجد آهي جا
ٻنهي جهان جو قبلو ڪعبو سندس دامن ۾ جاءِ گذيل آهي جنهن پاسي کان هڪ آغوش
۾ جهليو اٿس. ٻنهي مسجدن کي خانه ڪعبه کان نهاري ديوارين ۽ حجاب درميان
حائل آهن مگر هنن کي هميشه شرف قرب و وصال جو حاصل آهي ؎

فرق است ميان آنکه يارش در بر ۔ با آنکه دو چشم انتظارش بر در

هي اها مسجد آهي جنهن جي هڪ نماز بلا مبالغه سؤ هزار نمازن سان برابر آهي. هي اها مسجد
آهي جنهن جو بنا حضرت ابراهيم خليل الله ۽ جنهن جي تعمير ۾ خود محمد رسول الله صلي الله
عليه وآله وسلم ڪم ڪيو آهي. حضرت جن جي زماني ۾ اها مسجد فقط ايتري قدر هئي جيتري
۾ هينئر مطاف آهي. پوءِ حضرت امير عمر رضه جي خلافت جي وقت ۾ آس پاس جيڪي حويليون
خريد ڪري ان ۾ اضافو ڪيو. پوءِ حضرت امير عثمان رضه ۽ علیٰ هذا القياس ڪشادو ڪرايو
هينئر موجوده بنا ۽ صورت ۾ سلطان سليم ثاني جي ٩٨٤ھ ۾ سر نو تعمير ڪرائي آهي
لڪڙي جي بجاءِ پٿر ۽ چني جي ستونن ۽ قبن سان تعمير ٿيل آهي. هن مسجد ۾ ڪئي محراب
قبلو هڪڙي طرف ٿيندو آهي تنهنڪري مسقف عمارت هڪڙي پاسي ٿيندي آهي جنهن جي
اڳيان صحن ٿئي ۽ پاڻ وڪرائيو آهي. هي مسجد جو قبلو ته ڪعبت جي چاري واڻگي
وچ ۾ آهي تنهنڪري چوڌاري پاسي ڪشادو ورانڊو پٿر جي ستونن ۽ عاليشان ڪمانن
سان ٺهرايو آهي جيڪي طرفن کان ڪشادو صحن آهي جنهن صحن جي وچ ۾ بيت الله شريف
ورانڊي جو فرش سهرا ڪان نوٽ تهن مٿي ڪاري پٿر جي لسي فرش سان مفروش
آهي. صحن ۾ سفيد ننڍا ڪنڪريون وڇايل آهن. هڪڙي ڪتاب ۾ پڙهيو هيم
ته صحن ۾ ان ڪنڪرين جي پوتي حضرت امير عمر رضه وڇايون آهن. تنهن جو سبب آهي
هڪ ته منهن مينهن گپ چڪ نه ٿئي پيو ته ڪنڪريون جلد لهي ٿيون. پٿر جو فرش
گرمي جي موسم ۾ تپيو وڃي ٿو ته آدمي جا تلاءِ نٿو ٽڪري جهڙي ٿي ماٿو ڪرڻ
وڃي ته سگهندا تنهنڪري هي ڪنڪريون وڇايون ويون آهن. نماز جي وقت ۾ الهندي
ڏکڻ مصلا سنڌي جا وڇايا ويندا آهن جن تي پڙهن تا بامر ڪوئي نه جي مصلي نه لانو جا لغير

اٿيءَ وٺي آرام وٺي ٿو.

ورهيه مطاف يعني طواف ڪرڻ جي جاءِ ڪعبي جي چوگرد سنگمرمر سان فرش ڪيل آهي. هن مطاف جي چوگرد زمين کان مٿي ڪي قدر مٿي پيل سنهن ٿنڀن سان ٺهيل ليون لڳل آهن، جن ۾ رات جو جهاز ٽانگيل آهن. ورانڊي کان ٻاهر فرش تي پٿر جا رستا ٺهيل آهن ته ماڻهن کي ڪنڪرن ۾ ڪري اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. ورانڊي جي اڏاوت جي ڪري هي ورانڊي جي ٻاهران مسقف هجڻ ڪري هيءَ جيڪو مسجد کي گويا چئني پاسن کان گهيرو ڏيئي آهي، تنهن ڪري ماڻهن جي آمدرفت لاءِ هر طرف کان وڏا وڏا دروازا ٺهيل آهن. جن مان اڪثر ٽي ٽي محراب دار آهن. هر هڪڙي دروازي ۾ جيڪي پيل پايا آهن، هر هڪ ۾ پورا ڏهه ڏيڍ ڏيڍ مٿي دريا ٺهيل آهن. دروازن ۾ به دروازا هوندا ٺهيل آهن. باوجود ايترن دروازن جي ڪعبو ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ مشڪل سان ماڻهن دروازن مان لنگهي ٻاهر نڪرندا. حرم شريف جا تمام دروازا آهن، جن مان مشهور وڏا دروازا هي آهن: مشرقي طرف کان باب السلام، باب النبي، باب علي، مغربي طرف کان باب الوداع، باب ابراهيم، باب عمرة، شمالي طرف کان باب السدة، باب العجلة، باب المدينة، جنوبي طرف کان باب ام هاني، باب الصفا، باب بازان وغيره.

منارا: حرم شريف جا ستن آهن جي چئني ڪنڊن تي. هڪ مشرق طرف ۽ هڪ مغرب طرف زياده آهي. بانگ جي وقت مؤذن مٿي چڙهي هڪ آواز سان اذان چوندا آهن: "شيخ المؤذنين" قبه زمزم تي چڙهي بانگ شروع ڪندو آهي، پوءِ ٻيا سڀئي بانگ شروع ڪندا.

مسئله: جنهن مسجد ۾ داخل ٿجي، تنهن ۾ ٻه رڪعتون نفل تحية المسجد جون پڙهڻ مستحب آهي، مگر مسجد الحرام ۾ بجاءِ نفل پڙهڻ جي طواف ڪرڻ گهرجي ڇو ته بيت الله شريف جو طواف قائم مقام تحية المسجد جي آهي. جنهن کي طواف ڪرڻو نه هجي، اهو بيشڪ نفل پڙهي جي وقت ممنوع نه هجي.

مسئله: مستحب آهي ته هر وقت جڏهن مسجد الحرام ۾ داخل ٿئي ته پهرين ساڄو پير

حرم شريف جا دروازا

حرم شريف جا منارا

چائنٺ کان اندر گهري حمد ۽ صلوٰة پڙهي هي دعا پڙهي اللهم اغفرلي ذنوبي
وافتح لي ابواب رحمتك ۽ نڪرڻ وقت کابو پير ٻاهر ڪري حمد ۽ صلوٰة پڙهي هي
اللهم اغفرلي ذنوبي وافتح لي ابواب فضلك چوي ۽ هر وقت جڏهن مسجد ۾ ويهي
جيترو وقت اتي رهي اوتري وقت لاءِ نيت اعتڪاف جي ڪري ته اعتڪاف جو
ثواب ۽ ملندس ۽ زمره وعهدنا الى ابراهيم واسمعيل ان طهرا بيتي للطائفين
والعاكفين والركع السجود ۾ داخل ٿئي.

مسئله مسجد الحرام ۾ نماز پڙهندڙ جي اڳيان جيڪڏهن ڪو ماڻهو لنگهي ته
خواه طواف ڪندڙ هجي يا ٻيو ڪو ماڻهو لنگهي ته ان کي منع ڪرڻ نه گهرجي.

مسئله ڪي ته سنان واستان ماڻهن مسجد الحرام ۾ ويهي مختلف ڳالهين ۾ لڳا پيا هوندا
ڳالهين جي جوش ۾ اچي هوش ماڻ نه رهي ويندا آهن. ڪعبه شريف ڏي پٺيرا يا
پاسيرا ٿي ويهندا آهن. عجب آهي جنهن کي پنهنجي قبلو ڪعبو. تنهن کي ويهي ڏي پٺ
حالانڪ پٺ ڏيڻ يا پاسيرو ٿي ويهڻ يا پير ڊگها ڪرڻ وڏي بي ادبي ۽ گستاخي آهي
عتاب ماڻ صاف لکيو آهي ته قرب ۾ حضور ۾ بي ادبي ڪرڻ جو گناهه وڏو ۽ عفو
مشڪل آهي جو ماڻهو دوري ۾ بي ادبي ڪري سگهي ٿو سو قرب ۾ ڪري سگهي ته نه ڪنهن
بادشاه جي ڪچهري ۾ ڪو به ويهي سند ۽ ڪو اهڙي گستاخي ۽ بي پرواهي ڪندو ته
اهو ڪيترو قدر ملامت ۽ عتاب جو لائق ٿيندو. هي ته احكم الحاكمين جي درٻار آهي
هتي ته وڏو ادب ۽ حيا ڪرڻ گهرجي. ڳالهيون ٻوليون اجايون سجايون سيکڻ مسجد
۾ منع آهن. حديث شريف ۾ آهي ته آخر زماني ۾ منهنجي امت مان اهڙا ماڻهو هوندا
جو مسجدن ۾ ويهي دنيا جون ڳالهيون ڪري ۽ هذا ذکر دنيا جي ۽ محبت دنيا جي هوندي
خدا تعالى کي انهن جي ڪا حاجت نه آهي. هي ته عام حڪم مسجد آهي تنهن ڪري خاص خوف ۽
ادب وڏو خيال ۽ احتياط ڪرڻ گهرجي. هتي صغيره گناهه ڪرڻ ۾ ڪبيرو آهي.
هر مسجد ۾ خالي يا ادب ويهي ڪعبة الله ڏانهن نظر ڪرڻ وڏي عبادت آهي. طواف
نه ڪري سگهي يا مطاف ۾ هجوم هجي ته نظر پري کان باادب متوجه ٿي ويهي ۽ ديدار
ڪرڻ وڏو ثواب آهي.

حديث شريف ۾ آهي ته الله تعاليٰ جون ڏهه رحمتون هڪ سئو ويهه هر روز بيت الله شريف تي نازل ٿينديون آهن. جن مان سٺ طواف ڪندڙن لاءِ، چاليهه نماز پڙهندڙن لاءِ ۽ ويهه فقط نظر ڪندڙن لاءِ. هڪڙن بزرگن چيو آهي ته جيڪي ماڻهو هند ۽ دور ملڪن جا نماز پڙهندڙ حرم شريف ۾ خالي ويٺا رهن ۽ بيت الله ڏانهن نظر ڪن، افضل آهي. هتي ته بعضي ماڻهو خصوصاً ڏالوڻ ۽ ٻيا صغير ۽ مسجد الحرام ۾ پاڻ سان ونڊ جا اهڙا ڪري پاسي رکي پوڙهن ٿا. نيڪي ۾ پاسي وارن حاجين جي سکه ۽ آرام ۾ فرق ٿو نماز ۾ ۽ ورد ۽ وظيفي ۾ خلل وجهن ٿا ۽ پاسي گندگي ڪري مسجد شريف کي ناپاڪ ڪن. مطاف واري پاڪ جاءِ کي پليد ڪن. ٻيا ماڻهو انهن سان پير جي ناپاڪ ٿين. ۽ معزز اغوات اچي انهي گندگي کي صفا ڪن ۽ پاڻ سان فرش ڏوهي جي ڏين ته هو ويچارا پاڻ مصيبت ۾ گرفتار ٿين.

تنبيه شيخ علي قاري شرح مناسڪ ۾ بعضي غير مشروع ڪم ۽ منڪرات شرعي "جيڪي اڪثر حاجي مڪه شريف ۾ ڪندا آهن" بيان ڪيا آهن. اسين انهي جو ترجمو حاجين جي آگاهي لاءِ هتي ذڪر ڪريون ٿا ته حاجي صاحب انهن ڪمن کان احتياط ڪن ۽ پنهنجي نيڪ عملن کي بدعملن سان خراب نه ڪن. مٿين ڪتاب ۾ اهي غير مشروع اعمال ذڪر ڪندي اهي مڪي ٿيو ته سخت منڪرات مان اڄ ڪلهه اهو ڪم آهي جو بعضي الوڻ انهي پاڪ مڪان مڪه شريف ۾ بي حيائي سان ڪن ٿيون. يعني طواف جي حالت ۾ زالون مردن سان گڏ ۽ ڏو هٽ ۾ هڪ ٻي کي سوڙهه ڪرڻ باوجود ڪه زيب ۽ زينت جا اسباب ڪريو اچن ۽ خوشبوءِ لايون پاڪري ملکيو اچن. جنهن ڪري پرهيزگار طواف ڪندڙن کي پريشاني ٿئي ۽ جيڪي انهن ڏانهن فارڊ جي رغبت ٿئي. بعضي عورتون ته ستر عورت جهڙو ته وسڪون سندن عضوا خصوصاً هٿ پير ڏسڻ ۾ اچن يا غير محرمن سان وڃي لڳن. جنهن ڪري امام شافعي جي مذهب موجب وضو ڀڃي ٿو ۽ وضو ڀڃي ٿيڻ جي طواف ناجائز ٿيو پيو ٿو.

ٻيو شرعي ممنوع ۽ امر منڪر جو عبادت جي صورت ۾ ڪيو وڃي ٿو. هي آهي ته بعضي وقت امير ۽ ظالم رئيس پنهنجي ياهن ۽ نوڪرن جي ٽولي سان مطاف ۾ اچي ماڻهن کي ڪيا

ٻيو اهو ته ڪا به ٻي روڪ ۾ طاعت جو ارادو ڪري ته گناهه زياده ٿئي خصوصاً حجر
اسود جي استلام وقت پهريون ماڻهن جي حقداءِ بيٺو هوندو ۽ ٿڪي ايذاءِ ڏيو
پري ڪري ۽ پاڻ اڳتي پيش قدمي ڪري ته ثواب کان گناهه زياده پرائي، جيئن ته
ڪعبه شريف جي سامهون ٿي بيهڻ ۾ مطاف جي ماڻهن تي تنگ ڪن، جيئن ته ڪي عيب
ڏيو بيهن ۽ تماشا ڪري کان جهل ساڻن واجب آهي نه ڪريو جن اهڙي طرح "الطرق
الطريق" يا خاشاڪ حاشاڪ" جيڪي بدعت آهي جا اسلام ۾ ظاهر ٿي آهي.

ٻيو منڪرات مان سوال جي واسطي ننڍن ٻارن جو وڏن جا انڌن ۽ منڊن جو ملڪ
نيبڙي وقت زالن جي حرم شريف ۾ وڃڻ آهي جو بيت الله شريف جي آس پاس ويهي
وڏي آواز سان ماڻهن کان سوال ڪن يا جيتي مال ڪريو ذات جلبو ويٺا هجن حالانڪ
انهن کي نماز پڙهڻي هوندي آهي ته جلت سان نماز پڙهي ترڪ ڪري ويٺا هوندا.

جيڪي ٻيون منڪرات مان حرم شريف ۾ جيڪي ماڻهن جو داخل ٿيڻ آهي جنهن جي فائدي
نجو اس ڪنداس هندا آهن - يا ننڍن ٻارن کي نجاست سان آڻڻ يا پنهنجا صفا ۽ مانڊاس
پاڻ سان ڪڻ ۽ يا اهڙا ڪم ڪن جنهن کي بند ڪرڻ ۾ اعتراض ڪرڻ هٿ سان يا زبان سان
يا دل سان هر ڪنهن کي ضرور آهي خصوصاً حرم شريف جي شيخن تي ۽ قاضين تي ۽ شيخ
الجواجين ۽ رئيس المطوفين تي اهڙو ڪم لازم آهي جيڪي حرم جا نگهبان ڪامڻ آهن ۽ پنهنجي
فرض ادا نه ٿا ڪن .

نسأل الله العفو والعافية وحسن الخاتمة - انتهى باختصار ما.

مسئله مسجد الحرام ۾ نماز پڙهڻ وقت احتياط ڪرڻ گهرجي ته مصلي (يعني نماز پڙهندڙ) ۾ سڀا جي
ڏنڻ امام جي قبلي کي ٿيٽي يعني اهڙو سامهون ٿي بيهي جيئن هن جي منهن کان
ٻاهر ٿيو ڪنهن جي ته ڪعبة الله شريف جي ڪنهن ڪنهن حصي تي وڃي پيهي سڄي نگاهه ڪري
ڏسي ته ديوار ڪعبه تي وڃي نظر گهمي جيڪڏهن قرب يا هرڪي ڏي- اگرچه هو پاسي
طرف هوندو ته نماز صحيح نه ٿيندي. مگر امام ۽ ٻاهر وارن لاءِ قبلو فقط طرف ڪعبه جو آهي
انهن شرط نه آهي ته اهڙو ڄاڻ بيهي جو عين ڪعبه جي سامهون هجي فقط ڪعبه طرف مثلاً
الهندي يا ايرني جي پهاڙي ڪيا ۽ ته نماز صحيح آهي هي مسئله جو وڏو خيال ڪرڻ گهرجي

جو ته بعضي خدام تبرڪ طور وڃي ڪم جا مصلا حرم شريف ۾ پيا رهندا ويندا
آهن بعضي تعليم کان فري ويندا آهن اگرچه هو وڃي ويندا گولائي سان آهن
مگر پنهنجو خيال رکڻ ضروري آهي.

خانهٔ ڪعبه

مرحبا اي ڪعبهٔ اشرف ڇا لاگوهري — قيمتي داري ڪري ڪرابتو ڪرو مشتري
سا ڪنان شش جهت محمل صحرا گردتو — اي ترث گردم مگر ليلاي مشڪين چادري

هينئر موجوده بناءِ ڪعبه جي حجاج بن يوسف ثقفي جي ٺهرايل آهي جنهن کي تقريبا ١٢ سو سال
ٿيا آهن اگرچه تورائي گهڻي مرمت ڇت وغيره ۾ ٿيندي رهي شاهن وقت بوقت ڀي
ڪئي آهي مگر اصل عمارت ساڳي اها ئي قائم آهي. دراصل اها بناءِ حضرت
ابراهيم خليل الله جي آهي جنهن قرآن شريف ۾ آهي وَإِذْ يَرْفَعُ إِبْرَاهِيمُ الْقَوَاعِدَ
مِنَ الْبَيْتِ وَإِسْمَاعِيلُ. بعض روايتن مان ثابت ٿئي ٿو ته ابو البشر سيدنا آدم عليه
الصلوٰة والسلام جي زماني ۾ به ان جاءِ تي ڪعبو هو يا ملائڪن جو طواف گاهه
هو. پوءِ طوفان حضرت نوح ۾ غرقاب ٿي ويو باقي فقط هڪ ڳاڙهي دڙي جهڙي
جهڙو نشان رهيو آيو ٿي. پوءِ جڏهن حضرت ابراهيم شام مان هجرت ڪري آيو ۽ ڪوهه زمزم
جا پاڻي نڪتو تڏهن ماڻهن اچي شهر آباد ڪيو ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام کي الله تعاليٰ
جو حڪم ٿيو ته هتي خدا تعاليٰ جي عبادت لاءِ عبادتگاهه تعمير ڪري. پوءِ پنهنجي پٽ
عمارت ويهين صدي تائين ڀي موجود آهي سا اها آهي جنهن لاءِ قرآن شريف ۾ آهي ته ان اول بيت
وضع للناس ببكة مباركا وهدى للعالمين.

حضرت ﷺ جي زماني ۾ بعثت کان پنج سال اڳ قريش جي حڪومت وقت هڪ
عجيب واقعو پيش آيو جو هڪ عورت وهري ٿي لاءِ ڪعبه شريف ۾ دونهين ڏکايو
۽ جو ٿانديءَ جي ڪا چڻنگ اڏامي ڪعبه شريف جي پردن ۾ پئي ۽ ڪپڙن تي وري پکڙجي
يڪدم باهه لڳي وئي ڇت ۽ ڪپڙا سڙي ٺهي ويا ۽ پٿر ديوار جا به ڀڙي پيا
وري جو عنقريب برسات پئي پاڻي پير جي آڻي ته آڻي باقي ديوارون ڪري پيون
جڏهن تڏهن قريش پاڻ اصلاح ڪري نئين سر تعمير ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو جن
اتفاق سان اهڙي ڪنهن موسم ۾ طرف کان هڪ ٻيڙي ڪناري جي شعيبه نالي

جو جدہ کان اڳي دريائي ٻيڙو مڪہ شريف جي اوڀر هو۔ اها پيچي ٻڌي قريش
کي خبر پيئي ته اهي ڪاٺ خريد ڪري عمارت ڪعبہ جي لاءِ ڪتي آيا۔ انهن ٻيڙي ۾
هڪڙو نجار "باقوم" نالي ڪاريگر هو جنهن کان قريش تعمير جو ڪم ڪرايو ۽ قريش
جي هر پاڙي اهي ڪم جو خرچ پاڻ ۾ ورهائي کنيو۔

صحيح روايتن ۾ ثابت آهي ته حضرت جن پاڻ جنهن وقت سندن عمر ٣٥ سال هئي تعمير
بيت الله جي ڪم ۾ قريش سان همراه ٻين ڏڪا رهيا پاڻ پنهنجي ڪلهن مبارڪن تي
ڪعبہ شريف جا پٿر کڻي ٿي ڏيندا هوا۔ جڏهن حجر اسود رکڻ جو وقت آيو تڏهن قبيلن
جي پاڻ ۾ ٿي هو ڏکڻ پيا هر هڪ قبيلي جي رئيس پاڻ ٿي ٿي آيو ته حجر اسود جي نصب ڪرڻ
جو فخر پاڻ کي حاصل ڪرايان۔ اهو تڪرار ۽ جهيڙو ته ايترو ودي ويو جنهن
خطرناڪ صورت اختيار ڪئي ته موت پاڻ ۾ ورهائي خون جي نديون وهائڻ لاءِ طيار ٿيا
آخر هنن جا جهيڙا آڻي پاڻ ۾ هي فيصلو ڪيو ته سڀاڻي صبح جو جيڪو ماڻهو پهريائين
مسجد الحرام ۾ باب السلام کان داخل ٿيندو سو هن فيصلي لاءِ امين مقرر ڪيو ويندو۔ الهامي
سچي اختر شماري ۾ گذاريون ته انجو سندن خوش قسمتي سان صبح جو پهريان پهريان
حضرت جن مسجد الحرام ۾ وڃي داخل ٿيا ۽ منظور هي خوشي جا نعرا هنيائون ته "جاء
الامين جاء" "جاء الامين جاء" پاڻ سڳورن خداداد عقل سان هڪ تدبير سان پنهنجي
چادر مبارڪ ڪڍي وڇائي حجر اسود انهي وچ ۾ رکي فرمايو ته هاڻي هر هڪ سردار
بلالند ۽ هاڻ حجر اسود ڪنهن پنهنجي جاءِ تي رکي ۽ پاڻ سڳورن چادر جي وچ ۾
هٿ وجهي حجر اسود کڻي پنهنجي جاءِ تي کڻي پاڻ سڳورن چادر جي وچ هٿ وجهي
حجر اسود کڻي پنهنجي جاءِ تي رکيا ايو۔ سڀيئي قبيلا خوش راضي ٿي ويا هوا ۽ ايئن
خيريت سان نزاع رفع دفع ٿي ويو۔ پيو حضرت جن جي ماڻهن ۽ خلفاءِ راشدين
جي وقت ۾ جا ساڳي بنا ۽ عمارت هلي آئي تان جو عبدالله بن زبير جي خلافت جو زمانو
آيو۔ پاڻ حجاز جي ملڪ ۾ يزيد جي برخلاف مستقل خليفو مقرر ٿيو۔ يزيد پنهنجا سپهسالار
حصين ابن نمير وڏي لشڪر سان ابن زبير جي مقابلہ لاءِ موڪليو۔ جنهن حرم شريف ۾
ابن زبير جو محاصرو ڪيو۔ جبلن تي منجنيقون چاڙهي پٿرن جي گولا باري ڪري پاهن جي

اُتي فتنا پئي سڀرو نه کئي جنهن کري ڪعبه شريف جي عمارت کي گهڻون نقصان پهتو
غلاف مبارڪ سڙي ويو ۽ ديوارين ڏريا پيون - انهيءَ جنگ هلندي يزيد جي موت جي
خبر آئي ۽ سپه سالار سڀني جميعتن فوجون هٽائي ويو. تنهن کان ابن زبير تعمير ڪعبه
جي تعميرو شروع ڪيو ۽ بي بي عائشه جي حديث موجب ۽ حضرت جن جي خواهش موافق
تعمير ڪعبه جو ڪرايائين - بي بي عائشه صديقه کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن فرمايو
اي عائشه جيڪڏهن تنهنجي قوم قريش جو تازو وقت جاهليت جو نه هجي ها - آءٌ ڊاهي
ڪرايان ها ته خانه ڪعبه کي ڊاهيو ۽ جي ٻاهر ويو داخل ڪرايان ها انهيءَ جيڪو تڪرار نهن
خارج ڪيو ويو آهي ۽ زمين سان برابر ڪرايان ها ۽ انهيءَ کي ٻه دروازا کڻايان
ها هڪ دروازو مشرق طرف ۽ ٻيو مغربي طرف - جيئن طرح اصل حضرت ابراهيم
عليه السلام جي تعمير ڪرائي هئي - انهيءَ موجب حضرت ابن زبير حطيم کي بناءِ ڪعبه ۾ داخل
ڪيو ۽ مغربي طرف ٻه دروازو کولائي موافق بناءِ حضرت ابراهيم جي ۽ موجب تمنا
حضرت رسول ڪريم جي عليه الصلوٰة والسلام برابر تيار ڪرايو - مگر حجر اسود واري ڪنڊ
کي هٿ نه لاتائين ۽ جيا ۽ آئون قيراني بنو سگهان ان اصاسي جا پاڪ حضرت جن مبارڪ هٿن
مبارڪن سان رکي آهي - قدرت الاهي جو گهڻون عرصو ڇا ن نه گذريو هو ته عبدالملڪ
شام جو خليفو ٿيو حجاج بن يوسف کي حجاز جو امير مقرر ڪري ابن زبير جي مقابلي لاءِ
موڪليو تانجو انهيءَ عبدالله ابن زبير کي شهيد ڪيو ۽ سندس بادشاهي قائم ٿي - پوءِ
حجاج خليفه عبدالملڪ ڏانهن ابن زبير جي تعمير جا احوال لکي موڪليو تنهن جواب ڪيو
ته ابن زبير واري اڏاوت ڊاهي ساڳي اڳوڻي طرح عمارت جيڪا حضرت جن جي زمانه
۾ هئي قائم ڪري تنهن حڪم بجاءِ آندو مغربي دروازو بند ڪرائي حطيم وارو پاسو بنا کان
خارج ڪري مشرقي دروازو زمين کان مٿي ڪرائي ساڳي صورت اڳوڻي ڪري ڇڏيائين واري
قائم ڪئي جا اڄ ڏينهن تائين قائم آهي - باقي حجر اسود واري ديوار ۽ رڪن يماني ساڳيون آهي
قائم آهن جي قريش ناهيون آهن تنهن مٿي ڪعبه قديم کان ڪوٺو ڪعبو آهي.
نقل آهي ته هارون رشيد پنهنجي وقت ۾ حضرت امام مالڪ کان فتويٰ گهري ته اسين
ڊاهيا بنا حجاج واري ڊاهي ابن زبير واري بنا موافق حديث شريف جي تيار ڪرايون

امام مالڪ جيو حتم اني الله تعالى جنه خانهٔ خدا کي بادشاهن جي اٿل کيڏو بنايو
هو جيڪو نئون بادشاهه تنهن مان ٿيو قاري ڪري ۽ ماڻهن جي دلين مان هن جي
عزت نڪري ويندي. شمالي جنوبي ديوار جو طول ٣٢ فوٽ آهي مشرقي ۽ مغربي جي
جو طول ۲۴ فوٽ آهي ۽ ميٽي جيت جي اوچائي زمين کان ٣٩ فوٽ آهي دروازي
جي چائو ڪاٺ زمين کان ٧ فوٽ ڪن بلند آهي جو منئي جو تاهن ڪري ماڻهو ويندا اهي
لاءِ ميٽي جي اندر ويندا آهن. حضرت ابراهيم جي بنايل دروازو زمين سان
برابر هو. حجاج بن يوسف تنهن بنا ۾ بند ڪرائي.

اسين نقش جي ڏسي پڌرو ٿو ته ديوارون ڪعبه جيون برابر اوهئيون
اٿو. ڏنڪ ٿي سڌيون هونديون مگر في الواقع اهين نه جي ديوارون پاسي يون آهن
جن ڪري نه ٿا چار ڪنڊون برابر آهن. حجر اسود واري ڪنڊ مشرق ڏي رڪن شامي
مغرب ڏي. رڪن عراقي اتر طرف. رڪن يماني ڏکڻ طرف. حجر اسود کان طواف شروع
ڪري ملتزم ۽ باب ڪعبه کان ويندي اول انهي ”رڪن عراقي“ تي پهچندا. انهي
باهرين پاسي ”حطيم“ کان ٻاهران ٿي ”رڪن شامي“ تي اچڻ ٿيو ۽ ”رڪن يماني“ کان
اچي حجر اسود تي طواف جو دور ختم ڪندا. انهي نقش تعمير ڪرڻ جو فائدو هي ته
هوائن جو زور ۽ ميڻ جو ماهر ديوارن تي نه پوي جنهن پاسي جو ميڻ ۽ هوائن جو زور
تنهن ڪنڊ تي لڳندو ۽ ديوار محفوظ رهندي انهي سبب ڪري قديم مصر جا ماڻهو
جنهن طرح ”اهرام مصر“ جا جو عجائبات دنيا مان هڪ آهي عجيب حيرت افزا

تاريخ الحجر ان اثنا عشر بناء الهيت بالترتيب فاعلم ملائڪ آدم وڪذا شيث وابراهيم ثم العمالق جرهم
قصي قريش ڪذا ابن زبير وعبدالله والحجاج تم هي جو اسين ٻاهر جڏهن ڏيکاريو آهي سو موجود بنا ڪعبه جي
حجاج واري آهي مگر شهرت تمام ۽ آڳوڻن عالمن جي ڪتب جڏهن ڏٺا سون ته معلوم ٿيو ته حجاج جي بنا تعمير
آهي جو هي بنا حجاج واري نه آهي بلڪ ١٠٣٩ هه ۾ سخت سيلاب آيو جنهن ڪري ديوار شامي جي
مشرقي ديوار جو اڌ. مغربي ديوار جو ٿورو حصو ڪري پيو ۽ باقي ٻين ديوارن ۾ سست ٿي پئي. تنهن ڪري سلطان مراد
خان ولد سلطان احمد خان ڪهڙن مالن کان عمارت شروع ڪرائي مصر جي مهندس آيا ۽ تعمير ڪرائي ١٠٤٠ هه ۾ تعمير پوري ٿي
آهي. تفصيل مذڪور في تاريخ القلوب الهدى ڪتاب مجد سعيد الشرع عليه الرحمة ۾ ڏنو آهي بنا ڪعبه جي پاڙ هن ريت

فائدو خانه ڪعبه جو طول عرض

فائدو خانه ڪعبه جون ديوارون ۽ ڪنڊون

ڪعبي شريف تي غلاف چاڙهڻ جو رواج

قديم عادتون آهن، "انهن اصولن تي قائم آهن." اگرچه عرب جي قوم جاهليت جي زماني ۾ نهايت سرڪش ۽ وحشي قوم هئي، جيئن خونريزيءَ ۽ وحشانه افعال دنيا ۾ مشهور آهن، مگر باوجود ايتري طغيانيءَ ۽ سرڪشيءَ جي ڪعبي جي آڳيان موم هوا ڪعبي جي نهايت عزت ۽ حرمت ڪندا هوا. حرم شريف ۾ پنهنجي دشمن جو به ناليوه وٺندا هوا. ملڪن ملڪن جا ماڻهو يمن جا، شام جا، عراق جا، فارس جا، پاڻ ۾ گڏ ٿي اچي ويڙهي هوندا هوا. اهي اهلانسان اچي ڄڪري موتندا هوا. اهو داب حرمت جا بجاءِ آڻيندا هوا. گوڪه غير مهذب ۽ ناشائسته طريقن سان ڄاڻايا، ڪفاره جنهنجو اصلاح اسلام سان ٿيو. ڪعبه شريف تي پڙ چاڙهڻ جو قديم الايام کان دستور هليو اچي. پهريائين "تُبَّع" اسعد بادشاه جنهن جو يثرب جي جنگ کان موٽي اچي زر تار جا دٿن جو غلاف چاڙهيو. تنهن پڄاڻي کان پوءِ غلاف چاڙهڻ جو دستور هلندو ويو. هر ڪو متولي ڪعبي جو پنهنجي طاقت ۽ وسعت سارو ڪن جو ڪپڙو ۽ ڪن جو چڱي قسم جو ڪپڙو پوش چاڙهيندو آيو. تا آنڪه قصيٰ بن ڪلاب (حضرت جن جو پڙ ڏاڏو) ڪعبه شريف جو متولي ۽ عرب جي قومن جو سردار مقرر ٿيو، تنهن باقاعده غلاف ڪعبه لاءِ قومن تي سالانه چندو مقرر ڪيو، ۽ هر سال نئون نئون غلاف چاڙهبو آيو. حضرت جن پاڻ ۽ خلفاء راشدين به پنهنجي زماني ۾ يماني ڪپڙي مان ڪعبه شريف تي غلاف چاڙهيو آهي. پهريائين "اطلس" جو ريشمي غلاف ڪعبه کي حجاج بن يوسف چاڙهيو. ماڻهون دستياب سال ۾ ٽي دفعا غلاف چاڙهيندا هئا. پهريائين تاريخ رجب جي ٢٧ تاريخ رمضان جي ٢٨ تاريخ ذي الحجه جي. ڪاڙهو اطلس ۽ چهيا ساٽي ليڪن سان چاڙهيندو هو. تا آنڪه ناصر عباسي جنهن وقت ميڪاڙو رنگ اطلس جو دهن جي طرح عباسين جو ڪارو ونڪو جيئن شعار مقرر ڪيو هو اُن ڏينهن ۽ اهو رنگ هليو اچي. عباسين جي دولت ۽ خلافت زائل ٿيڻ کان پوءِ اها خدمت مصر جي بادشاهن جي حوالي ٿي. تنهن خرچ جي سالياني مصارف لاءِ مستقل طور جاگيرون وقف ڪيون ويون. جي آخر عهد عثمانيه تائين غلاف شريف مصر ۾ ٺهندو هو. محمل مصري جو نهايت احترام ۽ وڏي ترڪ ۽ احتشام سان مڪه شريف ايندو هو. حرمين شريفين جي بي اندازه مصارف ۽ اخراجات لاءِ وڏا خرچ ۽ آٺاپاڻ سان

محمل مصري جو بيان

اُٺيندا هوا. سلطاني عسڪر حفاظت لاءِ محمل سان امير الحج جي سرڪردگي هيٺ ايندو
هو تانجو ترڪي انقلاب بعد سنه ۾ سعودي حڪومت سان مصرين جو وڏو نزاع ٿي
جهيڙو ٿي پيو، محمل تي گوله باري ٿي پئي ۽ مصر مان محمل جو اچڻ بند ٿي ويو.
۽ سعودي حڪومت هندستان جي غزنوي خاندان (امرتسر پنجاب وارن جي معرفت)
کي سال غلاف طيار ڪرائڻ جو آرڊر ڏيو ٿي. مگر ڪٿي هندستان جو ڪم ڪٿي مصر جو نه اهڙو
حسن ۽ رنگ نه اهڙي نفاست ۽ پائداري. ترڪن جي وقت ۾ غلاف شريف جو ڪم
وڏي انتظام ۽ تمام اهتمام سان ٿيندو هو. غلاف تي خرچ ٥٥٠٠٠ گنيون عمل تي ٥٠٠٠
گنيون ٿيندو هو، ٻن هنيون ۽ مشهور آهي ته جيڪي ماڻهو مصر ۾ غلاف شريف
جي ٺاهڻ جو ڪم ڪنديون آهن سي اڪثر عفت مآب عورتون هونديون آهن جن جي
شادي نه ٿيل هوندي آهي ۽ سڀ ڪمال طهارت سان باادب ۽ باوضو ڪم
ڪنديون آهن.

حجر اسود حجر اسود هڪڙو سنهو ماڳ وارو ڪارو پٿر آهي جو چاندي جي
گول حلقه ۾ جڙيل آهي ڪنهن وقت جدا ٿي ويو آهي اهو پٿر بيت الله شريف جي اوڀر ڏکڻ
ڏاکڻي ڪنڊ تي زمين کان ٤ فوٽ ٻه انچ مٿي ديوار ۾ نصب ٿيل آهي جيئن انسان
جي دل اشرف ترين اعضا ۾ کٻي پاسي ۾ آهي تيئن هي مبارڪ پٿر ڪعبه جو بهترين اجزا
گويا قلب ڪعبه جا آهي - الله تبارڪ وتعاليٰ انهي کي ايڏو شرف ڏنو آهي جو سڀ اولياء
صلحا تعظيم خاطر انهي کي چمندا ٿا ۽ پاڻ سڳورن عليه الصلوٰة و السلام خود انهي کي چمندا
هوا جيئن پاڻ سڳورن فرمايو آهي ته حجر اسود سا جو هٿ آهي الله تعاليٰ جو زمين تي ۽ حاجي
سڀ ڄڻا الله تعاليٰ جي درگاه تي سڀ ان جي مهمان آهن. جيئن ماڻهون پنهنجي آقا ۽
مولي کي ملاقات وقت دست بوسي يا قدم بوسي ڪندا آهن تيئن گويا حاجي پنهنجي
رب پاڪ جي دست بوسي ٿا ڪن. حديث شريف ۾ آيو آهي ته حجر اسود کي خدا تعاليٰ
ڏينهن قيامت جي اٿاريندو ۽ ان کي اکيون هونديون جن سان ڏسندو ۽ زبان هوندي جنهن
سان ڳالهائيندو ۽ جن ماڻهن دنيا ۾ انهي جو استلام ڪيو هوندو تن تي حق جي شاهدي
ڏيندو ۽ ٻي حديث شريف ۾ آيو آهي ته حجر اسود ۽ مقام ابراهيم ٻئي جنت جا ياقوت

حجر اسود جي فضيلت

هذه الاحاديث كلها من مشكوٰة المصابيح.

آهن ڪنايا ويا. بهشت جي ڳالهه خدا تعاليٰ انهيءَ نور جو ڪو ڪيو آهي جيڪي ته انهيءَ نور مشرق کان مغرب تائين (سڄي دنيا کي) روشن ڪري ها. ٻي صحيح روايت آهي ته جڏهن حجر اسود بهشت مان نازل ٿيو ته ان جو رنگ کير کان زياده اڇو هو پر بني آدم جي گناهن هن کي ڪارو ڪيو آهي ۽ هن رنگ بدلجي ويو آهي ته برابر ڪارن ڪرڻ کان زياده وڌندو آهي.

نقل آهي ته هڪڙي منڪر "شايد انگريزي تعليم يافته" هن ڳالهه تي اعتراض ڪيو ته جڏهن حجر اسود گناهن جي ڪري ڪارو ٿيو آهي ته گهرجي طاعتن ۽ ثوابن جي ڪري اڇو به ٿئي. هڪڙي دين جي عالم جواب ڏنو ته ها، جڏهن خدا تعاليٰ گهري ته انهن به ٿئي پر اي معترض اوهان کي خبر ناهي ته اَلسَّوَادُ يُصْبِغُ فِيْهِ وَلَا يَنْصَبِغُ وَالْبَيَاضُ يَنْصَبِغُ وَلَا يُصْبَغُ بِهِ

فائدو: صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ روايت آهي ته امير المؤمنين سيدنا عمر ابن الخطاب حجر اسود کي چمي ڏني ۽ چيائين، آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون پٿر آهين نه ڪنهن کي فائدو رسائي سگهين ٿو نه نقصان. جيڪڏهن آءٌ رسول الله ﷺ عليه الصلوٰة والسلام نه ڏسان ها ته توکي چمي تو ته آءٌ هرگز توکي نه چمان ها. هزارين رحمتون الله تعاليٰ جون نازل هجن سيدنا عمر بن الخطاب جي روح پرفتوح تي. ڪهڙا نه زريں اصول اسلام جا هر ڪنهن موقعي تي صاف صاف قائم ڪيا آهن ته مخالف کي اسلام تي اعتراض ڪرڻ جو موقعو نه ملي ۽ مسلمانن کي به صحيح طريقو اسلام جو معلوم ٿئي يعني مسلمانن عبادت خاص الله تعاليٰ جي آهي نه ڪنهن ٻئي جي نفع نقصان جو مالڪ الله وحده لاشريڪ له کي ڪري ٿا سمجهن. معبود حقيقي ۽ معبود اصلي اسان جو اها ذات پاڪ آهي جو سڀني جو خالق ۽ رازق آهي. نه ڪو پٿر يا شجر. بعد ۾ اسان جو طرف ڪعبه جي آهي ڇو موجوده بناء ۽ در ديوار ڪعبه کي جو هي فقط طرف توجه جو ٻين عبادت ڪرائڻ لاءِ مقرر ڪيو آهي ورنه الله تعاليٰ هر جا ۽ هر مڪان کان پاڪ آهي.

ڪعبو اسان جو مسجود اليه آهي نه مسجود له. جنهن ريت مسجد ۾ محراب ۽ هندي ديوار ڏانهن توجه ڪري نماز پڙهون ٿا هي ۽ انهن سان مسجد نه گهرجي. خانه ڪعبه کي سڀني معبود سمجهي سجدو

حجر اسود مسلمانن جو معبود يا مسجود نه آهي

خانه ڪعبه مسلمانن جو معبود نه آهي

ڪرڻ اهڙو ڪفر آهي جهڙو ڪ بت کي سجدو ڪرڻ. تنهنڪري بت پرستن جا سانگي
ٿيو اعتراض نٿو ٿي سگهي.

مسئله: بر تقدير جيڪڏهن ڪعبه شريف ڊاهيو وڃي يا ڪي پٿر ڪٿي ٻئي
پاسي اڏاوت بڻائي وڃي ته اسين هرگز اوڏانهن نماز نه پڙهنداسين بلڪ اسين
انهيءَ ساڳي طرف جتي هينئر آهي نماز پڙهنداسين ڇو ته قبلو اسانجو اها فضا آهي
جا زمين کان وٺي عرش عظيم تائين آهي چاهي آسمان تي نماز پڙهڻ چاهي ڪوه اند-
چاهي موجوده در ديوار يون هجن چاهي نه هجن مگر اسانجو رخ انهيءَ طرف هوندو
فافهم هذه المسئلة جيداً ولا تكن من الغافلين.

مقام ابراهيم مقام ابراهيم جو معنيٰ آهي جاءِ بيهڻ جي.

حضرت ابراهيم على نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ڪعبه شريف جي بناء وقت جنهن پٿر تي بيهي
مٿي جي اڏاوت ڪئي هو اهو پٿر ئي مقام ابراهيم آهي.
ڪن عالمن چيو آهي ته حج جي واسطي جڏهن الله تعالى جو حڪم ٿيو ته ماڻهن کي سڏ ڪر
پاڻ انهيءَ پٿر تي بيهي آواز ڪيائين ۽ ماڻهن کي حج جو اعلان ڪيائين. بهرحال مطلب ته
سندس پيرن جو نشان الله تعالى جي قدرت سان انهيءَ پٿر تي اهڙو پيو جو نقش
ڦري ويو جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن سرآلي تي پير رکي. اسان پاڻ ته اهو پٿر ۽ نقش قدم
جو ڪو نه ڏٺو آهي. مگر ڪتابن لکيو آهي ته پيرن جو نشان ست آڱر ڪن اهم ڳڙهو
ويو آهي ۽ ٿلهو ميٽي چار ڪيون قدر زمين کان اوچو ۽ ٻه چار ڪيون قدر ويڪرو آهي
جو چاندي جي حلقه ۾ جڙيل آهي. هاڻي اهو پٿر هڪڙي پڪل جي پنجري ۾ بند ٿيل آهي
۽ انهيءَ پيرن جي نشانن تي سون ۾ ڍڪيل آهي انهيءَ جي هيٺان چانديءَ جو پستان
ماڻهن ٻيهي پر صحن ۾ نماز پڙهي سگهن تاءِ طواف ڪندڙ حاجي ڪو شڪ نه ڪي ايڏا ۾
نماز طواف جي پڙهندا آهن ڇو ته انهيءَ نماز پڙهڻ مسنون آهي ڇاڪاڻ ته شريف ۾ انهيءَ جا لاءِ
حڪم آيو آهي ته "وَاتَّخِذُوا مِن مَّقَامِ إِبْرَاهِيمَ مُصَلًّى" اهو قبو مقام ابراهيم جو
ايندي پاسي باب ڪعبه جي سامهون شافعي مصلى ۽ کوهه زمزم جي وچ ۾ آهي ڪتاب
۾ جيڪي "خلف المقام" واجب الطواف پڙهڻ جي مستحب جاءِ لکي ته سا اها آهي جيڪڏهن ڪو

هيئان اندر جاءِ ۾ جتي حضرت ڪيڙهين بيٺا هئا ان پاس سب خلف المقام آهي جتي جاءِ ملي ته ٻه نفل نماز پڙهڻ گهرجي. حرم شريف ۾ ڪٿي به پڙهي سگهجي ٿي. پر ماڻهن کي تڪليف سوٽ نه ڪري. رضاءِ مقام ۽ انهي پوشيل جاءِ تي نه ٻري نه لاهي. معلوم ٿئي ٿو ته انهي نشان پاسيج آهي ته هتي پيا قدم مبارڪ جيڪي نقل آهن ته هي ڪا به ثابتي ڪا به روايت ڪتاب ۾ ڪانهي ڪهڙو ڪري خود ساخته ويري واضح آهن. ڪنهن به حديث جي ڪتاب ۾ ڪونهي ته حضرت جن جو پير مبارڪ ڪنهن پٿر تي کڙو ٿي ويو هجي جيڪڏهن ائين ٿيو هجي ها ته اصحاب سڳورا جي حضرت جن جي آثار جا جان نثار عاشق هوا انهن ڪي اهڙو معزز ۽ مڪرم رڪن حجر ۽ مقام ابراهيم - بيند ڪرت فقيرن ڪي ته ضمير ڪنهن بادشاهي به مشڪل سان هٿ اچي ها.

حطيم خانه ڪعبه جي اتر واري ديوار کان هڪ اهڙو بيضوي شڪل سان اڌ دائري وانگي ننڍي ديوار جا حلقو ٺهيل آهي جنهن جي اندر اهڙي جاءِ آهي جنهن جي ٻاهرين پاسي کان ڦري طواف ڪندا آهن. انهي جو نالو "حطيم" ترجمو آهي. احاطه واري ديوار جي اوچائي زمين کان تقريباً ٻه فوٽ آهي. سنگ مرمر سان ٺهيل آهي گولائي ۾ هلي ڇيڙي تي ويل آهي. ديگهه ديوار ڪعبه کان ديوار حطيم تائين ١٥ گز ڪشادگي هڪ طرف کان ٻئي طرف تائين ٧ گز آهي. ۽ وچ ڪليل جنهن انهي سنگ مرمر سان مفروش آهي. نقل آهي ته خليفه منصور عباسي سنه ١٤٠ هه ۾ حج ڪرڻ آيو ته هن اتي جابجا پٿر ناهموار ڏٺا ڏسي چيو آئنده اهي پٿر انهي وٽس ڪٿي نه پهچي نائب زياد "کي گهرائي چيائين ته اڄ ڪي رات صبح تائين ڪا ڏيکي سنگ مرمر سان فرش ٻڌائي ڇڏ. زياد ڪاريگر گهرائي هڪ ئي رات ۾ قرين سان ڪم ڪرائي حڪم جي تعميل ڪئي. هي ننڍي زمين جو جدا ديوار سان جو احاطو ڪيو ويو آهي جنهن جي ٻاهران طواف ڪن ٿا تنهن جو سبب هي آهي جو جڏهن حضرت ابراهيم علي نبينا و عليه السلام بيت الله شريف جي تعمير ڪئي هئي ته هي ننڍڙو زمين جو به عمارت ۾ داخل هو ۽ عمارت جي صورت مستطيل هئي. پر جڏهن قريش ٻئي واري ڀيرو نئين سر تعمير ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ته هنن جي عمارت لاءِ خرچ سڏن ڪافي نه ٿيو- جڏهن انهن شرط

حطيم ڪعبي جو هڪ حصو آهي

ڪيو هو نه ڪو بيبو حرام جو جهيڙو فترماء جو. جوا يا ديا ج وغيره جو هتي خرچ نه ڪيو حالانڪ هنن ڪمائي اهڙو حرام جي هئي حلال جو پيسو گهٽ هو تنهن ڪري اهي ڏکيو پاسو گهٽ ڪري جو ڪنهن ئي صورت ۾ عمارت ٺهرايون. اهي تنهن ڪري جو اصل بيت الله جو هو سو عمارت کان خارج ڪري ڇڏيائون ۽ پوءِ اُتي ننڍي ديوار نشان لاءِ ٺهرائي ڇڏي ويا جا ان ئي طرح قائم آهي. جيڏهن ڏهن ڏهن هنن ترميم ڪئي ڏني آهي مگر پاڙ گهٽ گهرجي ته ان کي سمورو ئي حطيم "در اصل" ڪعبي جي اندر داخل هو ليڪ ڪعبه جي موجوده ديوار کان تقريبًا ست فوٽ ڪعبه جي حد آهي ۽ زياده احتياط ڪشادگي لاءِ پوءِ وڌايو ويو آهي. انهي حطيم جي ننڍڪي بناءِ ڪعبه مان خارج ڪرڻ ۾ اها حڪمت الله تعاليٰ جي ڪابل آهي جو جيڪي حاجي ويچارا داخلي ڪعبه جي "وقت بوقت" ڪري نٿا سگهن انهن لاءِ هميشه رب البيت جي رحمت جو دروازو کليل رهي جيڪو اُتي اچي عبادت ڪري ۽ نماز پڙهي گويا ڪه بيت الله جي اندر داخل ٿيو.

بي بي عائشه سڳوري جي روايت آهي ته مون کي ذوق هو ته بيت الله شريف ۾ داخل ٿي نماز پڙهان. رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام مون کي هٿ مان وٺي حطيم ۾ آندو ۽ فرمايائين ته "جيڪڏهن بيت الله ۾ اندر نماز پڙهڻ گهرين ٿي ته هتي نماز پڙهه جو هي به ٽڪرو بيت الله جو آهي."

مسئله بيت الله شريف جي داخلي جيڪڏهن جائز طريقه سان حاصل ٿئي ته افضل ۽ مسنون آهي وڏي سعادت آهي. مگر پراڻن ڪي رشوت ڏئي داخل ڪرڻ يا زالن کي نامحرم ماڻهن هٿان دهڪي ڏياري ڪڍڻ درست نه آهي. مٿين حديث شريف موجب هنن کي حطيم ۾ وڃڻ بجاءِ داخلي جي آهي ۽ غير شرعي طريقه سان يا رشوت ڏئي داخلي ڪرڻ جو ضرورت نه آهي — تو برون در چه کردي که درون خانه آئي.

ميزاب رحمت خانه ڪعبه جي ڇت تي انهي حطيم جي پاسي واري ديوار تي سوني جي نارو لڳل آهي جنهن مان مينهن جي پاڻي جو نيڪال ٿئي ٿو ۽ اهو پاڻي حطيم جي صحن ۾ ڪري ٿو. ميزاب جي هيٺان بيهي دعا گهرڻ به محل اجابت دعا جو آهي. پاڪ سڳورن کان روايت آهي ته نامراد ماڻهن جو ميزاب جي هيٺان بيهي دعا گهري

ميزاب رحمت جي هيٺان دعا قبول ٿئي ٿي

مگر جو دعا اتي قبول ٿيندي - وڏا امام مثلاً حضرت ابو هريره - امام زين العابدين
۽ سعيد بن جبير رضي الله عنهم ميزاب ڪعبه جي هيٺان بيهي التزام ڪندا هوا يعني
ديوار ۽ غلاف کي چنبڙي دعا لوڻ گهرندا هوا پر ڏهه جاءِ کي ملتزم سان محل
اجابت دعا جاڻندا هوا ۽ بعض صالحن جو آهي ته ميزاب هيٺان به رڪعتون پڙهي
جيڪو سجدو ۾ پڙهندو ۽ سو بار دعا گهرندو ته الله تبارڪ و تعاليٰ اهي دعا قبول ڪندو!
ميزاب رحمت مان جيڪو مينهن جو پاڻي پوي ٿو سو وڏو ڏو مفيد ۽ متبرڪ آهي -
ٿڌيش هر سنڌ ڪري تبرڪ ۽ شفا جي واسطي کڻندا آهي - حاجين جي موسم ۾ اهڙو
پاڻي جهڙو ڪلاءِ حاجي ورس ڪندا آهن ۽ ڏاڍي ڪشمڪش سان جهٽيندا آهن -
مينهن وسندو آهي پاڻي نڪرو واهيد و آهي پر به چادرون پڪڪا ڪپڙا ناڙ ڏاهن
مٿي رکا ٿيندا آهن ڪيترن سان پاڻي هٿ ڪري نچوڙي ڪي هٿ آهن -

باب ڪعبه

ڪعبة الله شريف کي فقط هڪڙو دروازو مشرقي طرف آهي جنهن جي
جا ٿو ڪٿ زمين کان پنج فوٽ مٿي آهي عام حاجين جي داخل واسطي مٿي چڙهاءِ لاءِ
ڏاڪڻ رکي دروازو کولي ويندا آهن ۽ ڏاڪڻ جي ذريعه حاجي مٿي چڙهي ويندا
آهن ۽ ڪرلاهي دروازو بند ڪندا آهن ۽ ڏاڪڻ کڻي بئر زمزم ۽ محراب النبي
جي وچ ۾ رکندا آهن اوهان مٿي معلوم ڪري آيا آهيو ته حضرت ابراهيم جي بناء ۾
دروازو زمين سان برابر هو ۽ کوڙيون مٿي ڪونه هو - بيو به دروازو اهڙي آمهون
سامهون مغربي جنوبي طرف تي رکيل هو جو قريش پنهنجي بنيان تعمير وقت بند
ڪرائي ڇڏيو - حضرت ابن زبير اگرچه حديث شريف موجب پنهنجي ڪعبي جي ترميم
ڪئي جا و ٿنت زمين سان برابر ڪري بيو دروازو به کولايو مگر حجاج هن جي ترميم
قبول نه ڪئي ٻيهر تعمير تيار ڪري قريش واري بنا قائم رکي جا اڄ ڏينهن تائين
موجود آهي حضرت - جيڪو ته ڪعبو مسلمانن جو قبلو آهي تيئن جو قبلو باب
الڪعبه آهي - آسان مسڪين واري مسلمانن جو توجه باب ڪعبه کي سامهون حجر
اسود واري ڪنڊ ڏاهن برابر ٿيندي ٿو -
باب ڪعبه کان ساڄي هٿ تي زمين پر هڪ فوٽ جي گهرائي سان ديوار ڪعبه جي

ميزاب رحمت جو بيان

باب ڪعبه جو بيان

متصل هڪڙي مقدس پٿر رکيل آهي جنهن کي "مقام" چوندا آهن. مقام جي معنيٰ عربي ۾ آهي بيهڻ جي جاءِ. جيئن ته حضرت اسماعيل علیٰ نبينا وعليه السلام بناء ڪعبه جي وقت ان ڳالهه کي گهڻو تڪڙو هو، تنهن ڪري "مقام" نالو رکيو ويو آهي. ۽ انهيءَ يادگار آهي ته حضرت جبرئيل جي امامت ولاري جاءِ جتي هن اوقات نماز جي تعليم لاءِ اول ۽ آخر وقت ۾ پاڻ سڳورن کي امامت ڪري نماز پڙهائي آهي، اهو آهي.

ملتزم

حجر اسود واري ڪنڊ کان ڪعبه جي دروازه تائين ديوار ڪعبه جو جيڪو حصو آهي تنهن کي "ملتزم" چوندا آهن. "ملتزم" جي معنيٰ جاءِ چنبڙڻ جي يا چنبڙڻ جي. جتي حاجي الله تعاليٰ جي در جا سوالي ٿي ديوار ڪعبه سان پنهنجي چاتي لڳائي پنهنجو منهن ديوار تي ملنيد آهن. ۽ ٻئي ٻانهون مٿي ڪري غلاف ڪعبه کي چنبڙندا آهن. عجز وانڪساريءَ گريه وزاري سان دعائون گهرندا آهن. تنهن ڪري انهيءَ جو نالو "ملتزم" پيو آهي.

التزام جو مستحب طريقو هي آهي جو چاتي ۽ ساڄو ڳل پنهنجو ديوار ڪعبه سان لڳائي ساڄو هٿ مٿي ڪعبه دروازه جي چانئٺ ڏي ڊگهو ۽ پڙ کي تور وقت چمڻي چنبڙ گريه ڪري دعا گهري ها ٻيو وڃي.

عبدالله بن عمر کان روايت آهي ته پاڻ سڳورا عليه الصلوٰة والسلام حجر اسود کي سامهون ٿيا ۽ چپ مبارڪ پنهنجا انهيءَ تي رکي ڏينهن تائين روئندا رهيا، پوءِ موٽي ڏٺائون ته عمر بن الخطاب به بيٺو روئي ٿو. پاڻ فرمايائون ته اي عمر بيشڪ هي جاءِ اکين هارڻ جي آهي.

محدث اعظم قاضي عياض مالڪي پنهنجي ڪتاب "شفا" ۾ هڪڙي مسلسل حديث حضرت ابن عباس تائين ڪري ٿو جو حضرت ابن عباس فرمايو آهي ته مون پاڻ سڳورن کان اللهم صلی وسلم عليه ٻڌو ته ڪوبه ماڻهون اهڙو نه آهي جو هن جاءِ "ملتزم" تي دعا گهري مگر جو ان جي دعا مستجاب ٿئي ٿي، پوءِ جڏهن حضور جن کان مون اها حديث ٻڌي الله ڏٺو ان کان جڏهن مون اتي دعا گهري آهي مستجاب ٿي آهي. قاضي عياض کان حضرت ابن عباس تائين اهڙي روايت جا منقول ٿي ۽ تمام مشائخ ۽ محدث آهن جن هر هڪ چيو آهي

تہ اسان جي هن ئي حديث ۾ هن شيخ ڪان ٻڌي ته جو دعا هن جاءِ تي دعا گهري الله تعالیٰ
اسان جي دعا قبول ٿي آهي ۽ هر هڪ انهيءَ تجربو ڪيو آهي - ملتزم جو مشهور معروف
جاءِ اها آهي جا بيت الله جي تنهن معا صلو چار گز آهي ۽ اها جاءِ اهڙي آهي جنهن
۾ چار حاجي سر مس بيهي سگهن - حاجين جي هجوم جي وقت ۾ اتي مشڪل سان جاءِ
ملي ٿي نہ ور نہ ۾ دستي ڪرڻ تہ ناجائز آهي - تنهنڪري بيت الله شريف جي ٻين
پاسي يعني "رڪن يماني ۽ در باب مسدود" جي وچ جو تخمينا چار گز جو معاصلو آهي
وچ بيهي التزام ڪري - جو ڪن عالمن ان ملتزم جي جاءِ اها آهي - اتي ۾ جاءِ نہ جي
تہ جي خلاصگي جو موقعو ملي اتي بہ بيهي نہ ٽرين معلوم التزام ڪري - مگر خبردار جو ڪنهن
ماڻهن کي تڪليف ٿا يو ڏئي ۽ ڏکوئي نہ ڇاڪاڻ تہ شفقت ۽ رحمت جي مستحق عذاب
۽ عتاب جو نہ ٿئي -

حڪايت امام اوزاعي نقل ٿو ڪري تہ مون مڪہ ۾ هڪ شخص ساده لوح مؤمن
صادق کي مڪہ شريف ۾ ڏٺو جو غلاف ڪعبہ کي جهلي پنهنجي رب سان هن طرح راز
نياز ۾ ٿي ڪيا ۽ چيائين ٿي -

يَا رَبِّ اِنِّيْ فَقِيْرٌ كَمَا تَرٰى ۔ وَصِبْيَتِيْ قَدْ عَرُوْا كَمَا تَرٰى
وَنَاقَتِيْ قَدْ عَجِفَتْ كَمَا تَرٰى ۔ وَبُرْدَتِيْ قَدْ بَلِيَتْ كَمَا تَرٰى
فَمَا تَرٰى فِيْمَا تَرٰى ۔ يَا مَنْ يَرٰى وَلَا يُرٰى ؞

ترجمو منهنجا رب آءٌ سڀ کان فقير آهيان جهڙيءَ طرح تون ڏسين ٿو - ۽ منهنجا ٻار
اگهاڙا ٿي ويا آهن سو بہ تون ڏسين ٿو - ۽ اڃا منهنجي ڏاچي بہ ڏبري ٿي وئي آهي سو بہ تون ڄاڻين ٿو -
ڪپڙا منهنجا ڦاٽي ويا آهن سو بہ تو ڄاڻي ٿو - ۽ وڏي ڳالهہ اها هي مرضي تنهنجي هن منهنجي
پريشاني حالي ۾ - اي منهنجا مالڪ ۽ جو تون سڀڪجهہ ڏسين ٿو ۽ توکي ڪو ڏسي نٿو سگهي
ڪجهہ مهل اوچتو پٺيان سڏ ٿيس يا عاصم - يا عاصم - پيءُ چاچو تنهنجو طائف ۾ مري ويو
آهي - هزار ٻڪريون - ٽي سؤ ڏاچيون - چار سؤ دينار - وغيره وغيره ڇڏي ويو آهي
ٻيو وارث ٻيو ڪوبہ ڇڏيو آهيس وڃي پنهنجو مال هٿ ڪر - مان ٻيا ماڻهون کي وڃي
مون ڏسي چيو تہ اي عاصم تو عجيب کي سڏ ڪيو ٿي ڄڻ دعا جلد جلد قبول ٿي وئي

هڪڙي عاجز ماڻهوءَ جي دعا قبول ٿيڻ جو بيان ملتزم تي

پاڻ فرمائي ٿو ته اهڙي عاجزي جيا ٻانها ۽ ان جي قبول ڪندو آهي وَإِذَا سَأَلَكَ عِبَادِي عَنِّي فَإِنِّي قَرِيبٌ ۔ أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ ؕ

چاهه زمزم

مشرق طرف مسجد الحرام جي صحن ۾ باب ڪعبه جي سامهون مڪرر ڪوهه آهي جنهن جو نالو "زمزم" آهي - اهو کوهه هينئر پڪو ڪري ۽ پڪو ڪيل آهي ڪوٺي جي ڇت تان پيو به هوادار طبقو جنهن ۾ سڀ کان مٿي گنبذ ۽ ڇت سان ٺهيل آهي جنهن تي مسجد الحرام جا مڪبر يعني تڪبير چوندڙ مٿي چڙهي پنج وقتي نماز جماعت لاءِ تڪبير چوندا آهن ته سڀ ماڻهو تڪبير ٻڌي جماعت لاءِ تيار ٿين - ڪيترا انهن سان ٻيا به معزز ماڻهو مٿي چڙهي با جماعت نماز پڙهندا آهن - اهو کوهه ڪيئن پيدا ٿيو؟ "زمزم" نالو ڇو پيس؟ تنهنجو سبب اڳي صفا مروه جي بيان ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون - جيئن ته مڪو شريف اشرف البلاد ۽ مسجد الحرام افضل المساجد آهي تيئن هي کوهه زمزم جو به پاڻي انهيءَ ڪري دنيا جي سڀني کوهن ۽ پاڻين کان اعلى ۽ افضل آهي - شرعًا انهيءَ جون فضيلتون ۽ طبًا انهيءَ جون خاصيتون بيشمار آهن - ذائقي ۾ ٿورو ڳسرو - هاضم طعام جو ۽ تيز ڪندڙ آهي - صبح جي وقت جيڪو پاڻي ذرو پيل هڪ گلاس پيئندو ته جلاب جهڙو عمل ڪندو - محلول معدنيات ۽ قدرتي مقويات جي آميزش ڪري هي نهايت مقوي بدن ۽ گردن جو آهي.

حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمايو آهي ته اهل مڪه کان ڪو ماڻهو ڪنهن به ڪم ۾ گوئي ڪندو هو ته کوهه تلاءَ ۾ ڦهنگي ڏسيندو هو - تا جو جنهن زمزم جي پاڻي پيئڻ کان منهن موڙيو به پيو هڪڙو ٿيا يا طاقت منجهان نڪري - حضرت رسول صلعم عليه الصلوٰة والسلام فرمايو آهي ته بهترين پاڻي روئي زمين تي زمزم جو پاڻي آهي اهو ئي بکئي لاءِ طعام آهي ۽ بيمار لاءِ شفا آهي بيمارين جي واسطي - ۽ حديث شريف ۾ آيو آهي ته ماءُ زمزم لما شرب له يعني زمزم جو پاڻي نفع ڏيندڙ آهي واسطي هر ڪنهن غرض ۽ مطلب جي جو پيتو وڃي انهيءَ لاءِ يعني خواه اهو غرض ۽ مطلب دنيوي هجي خواه ديني - خواه جسماني هجي خواه روحاني سلف صالحين ۽ اڳوڻن اولياءَ اڄ ڏينهن تائين انهيءَ عجيب تجربا ۽ فائدا مشاهده ڪيا آهن جو درجه تواتر کي پهتا آهن انهيءَ باري ۾ عجيب عجيب حڪايتون ۽ صحيح صحيح روايتون

چاهه زمزم

آب زمزم جي ذريعي فائدو

آب زمزم جي ذريعي شفا

عطا ٿيو جو ڏکن آهن، واقف ڪار ماڻهن وٽ انهيءَ نقل معروف ۽ مشهور آهن.
چنانچه ڪيترن عالمن علم جي حصول لاءِ پيتو آهي ته علم ۽ تصنيف ۾ مشهور ۽ بي نظير عالم ٿي
گذريا آهن. ڪيترن بزرگن سخت ۽ ڏکئي لاعلاج بيمارين لاءِ پيتو آهي ته مرضن ۽
بيمارين کان شفاياب ٿيا آهن. ڪيترن ماڻهن ٻين اغراض ۽ مشڪلاتن جي آساني
لاءِ ڪم آندو آهي ته هر وقت مشڪل آسان ٿيو آهي. خصوصاً عام ماڻهن ته خاص
آنحضرت جي جسودي ۽ بهتري ۽ امراض ۽ دماغي جي دفع ڪرڻ لاءِ نوش جان فرمائيندا هوا.
حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمة الله جليل القدر تابعي عالم عابد زاهد متقي
ڪامل اولياءَ مان آهي. نقل ڪيو ويو آهي ته پاڻ ڪوهه زمزم تي پاڻي پيئڻ آيو ۽
قبلي ڏي منهن ڪري چيائين ته يا الله تون ڄاڻين ٿو ته ابن ابي الموال مونکي روايت ڏني
آهي محمد بن المنڪدر کان جو حضرت جابر اصحابي کان ته پاڻ سڳورن فرمايو آهي ته پاڻي
زمزم جو جنهن مطلب لاءِ ماڻهون پيئندا ته ان لاءِ نافع آهي سو مان پاڻي هاڻي آءٌ هن
پيان ٿو واسطي دفع ڪرڻ اُڃ قيامت جي.

آداب شرب ماء زمزم - عام طرح ٻيو پاڻي پيئڻ جو مسنون طريقو آهي
وهي ته ساهي ساڻ پاڻي پجي مگر خاص زمزم جي واسطي
حڪم آهي ته بيهي پجي. مستحب آهي ته ٽن ساهن ۾ پاڻي پيئجي ۽ قبلي ڏي منهن
ڪري بيهي ۽ چئي: اللهم انه بلغني عن نبيك صلى الله عليه وسلم انه قال ماء زمزم لما
شرب له اللهم اني اشربه لكذا - يعني جيڪا به منهنجي مطلب دل ۾ هجي اهو جو ناله
وٺي مثلاً هيئن ته هر بالعلم النافع والعافية من كل داء والمرض الثلاث، پوءِ پاڻي پيئي ۽ ٽن ساهن
ڪري هر هڪ ساهي جي اول ۾ بسم الله ۽ آخر ۾ الحمد لله چئي ۽ ڍؤ ڪري پيئي جيئن ته
حديث شريف ۾ آيو آهي ته زمزم مان ڍؤ ڪري پيئڻ علامت ايمان جي آهي. حضرت ابن
عباس وٽ مڪي ۾ هڪ شخص زمزم پي آيو هو حضرت ابن عباس پڇيس ته ڪيئن زمزم ڪهڙي
طرح پيتو ۽ ڪيترن ساهن ساڻ پيتئي؟ عرض ڪيائين ته ٻئي پاڻي وانگر، فرمايائين
ته جڏهن تون زمزم پيئڻ چاهين ته قبلي ڏي منهن ڪري ۽ بسم الله چئي الله تعالى
کي ياد ڪر پوءِ ٽن ساهن ۾ ڍؤ ڪري پي ۽ جڏهن پي لاهين ته الحمد لله چئو.

آداب شرب ماء زمزم

جهڙيءَ رسول الله جي صلي الله تعالیٰ عليه وسلم فرمايو آهي ته اسان ۽ منافقن جي وچ ۾ فرق
سڃاڻڻ جي نشاني هيءَ آهي جو منافق زمزم مان ڍءُ ڪري نه پيئندا. حضرت ابن عباس
جڏهن زمزم پيئي لاهيندا هئا ته هن ريت دعا پڙهندا هئا. اَللّٰهُمَّ اُرْزُقْنِيْ عِلْمًا
نَافِعًا وَّرِزْقًا وَّاسِعًا وَّشِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَاءٍ.

مطلب ته جيڪو مومن مسلمان سچي نيت ۽ پوري اعتقاد سان زمزم جو پاڻي پيئندو
۽ دعا گهرندو ته الله تعالیٰ اهڙي دعا قبول ڪندو ۽ مشڪل آسان ٿيندو. حاجين
جي موسم ۾ المذڪور في الذڪر ست اٺ ماڻهو ننڍو ڍڪ صبح کان شام تائين گهوگهو
پاڻي ڪيو ند آهي پڙهندي جي پيسا وٺي پاس کان بوڪا ڀري گهڻا ڀرڪا
ڪيو هوند آهن ۽ حاجين کي خواه سڄي شهر کي پياريندا آهن. حرم شريف ۾ ڪيترا
ماڻهون زمزمي خاص انهي ڪم لاءِ مقرر آهن جو خوشنما پيالن ۾ شڪل اچين صراحين
۾ ٿڌو پاڻي زمزم جو ڀري رکي ٿا ۽ وچ ۾ ماڻهن کي پيارينديندا آهن ۽ مسجد
الحرام ۾ هر طرف هر وقت اهي دور ڪندا آهن مگر افسوس ته اهي به طمع کان خالي
نه آهن. اهو متبرڪ پاڻي به پيسن تي ڏيندا آهن ۽ زور ڪري پياريندا آهن جيڪو
پيئندو آهي تم طعنه طور چوندا آهن "حاجي ماشرب - زمزم ماشرب - هذا صائم"
جا رنا چار ماڻهون پڻ ڀلو ڪٽي هنڪي ڏيندا آهن. افسوس آهي جو ڪو به اسلامي
ڪماج ڪلهه سمهي سٽي طريقه سان نٿو ٿئي - مگر بعضي اهل خير هجڙ ثواب ڪين
پاڻ پال جي ثواب حاجين تي سبيلون حرم شريف ۾ رکايون آهن. انهن تان
ڪو به هجي وٺي پيئندو ته پيسو ڏيڻون ڪونه پوندو - معلم تي سرڪاري طرح بندل آهي
ته حاجين لاءِ هر روز بقدر ايطاقت تي زمزم جو پاڻي ڀڄيا ئين صبوح جو به تي صراحيون
ڏيار ۽ موڪلين انهي ڪوه وقت زمزم جو پاڻي حاجي پاڻ تي تبرڪا هاريندا آهن
۽ ڪيترا اهڙا مان پو ٿڪي سڪا سٺيندا آهن. خصوصا ڪفن جي واسطي ته طاق جا طاق
پاڻي مان پوتر ۽ حرم شريف جي صحن ۾ پٿرن تي وڇايو سڪائي ڪندا آهن ۽ بعضي
ملڪن ڏي ڪپهڙن سان ڪٽي ويندا آهن.

مسئله زمزم جي پاڻي سان وضو ڪرڻ يا غسل ڪرڻ ته جائز آهي مگر افضل آهي ته پاڻي

هر ڪو جنابت جو غسل يا حدث يعني بي وضوئي لاهڻ لاءِ وضوءِ ڪري بلڪ تبرڪ جو استعمال ڪري ته جيڪڏهن وقتي، ٻيو پاڻي نه هجي ته زمزم سان پليتي وضو ڪري نماز پڙهي تيمم جائز نه آهي. باقي استنجا ڪرڻ يا ناپاڪ شي انهي سان ڌوئڻ مڪروه آهي.

مسئله زمزم جو پاڻي دٻلين ۾ بند ڪري وٺڻ يا ٺڪاڻي تبرڪ لاءِ ٻين ملڪ ۾ نيڻ جائز آهي.

چار مُصَلّا مسجد الحرام ۾ ڪعبة الله شريف جي چوڌاري پاسن کان يعني مشرق مغرب شمال- جنوب- مطاف کي ويجهو چار سائبان ٺهيا ٿيون چانئي جي واسطي ستونن تي ٺهيو آهن جنهن کي چار مُصَلّي چوندا آهن. مشرق طرف مُصَلّي امام شافعي مقام ابراهيم جي پٺيان کوهه زمزم وٽ ٻه طبق سان ٺهيل آهي. مغرب طرف مُصَلّي امام مالڪي فقط هڪ طبق هڪ ڇت سان آهي. شمال طرف مُصَلّي امام حنفي ٻه طبق سان آهي جنهن ۾ مٿيون طبقو به خاص ماڻهوءَ جي جاءِ جي نماز پڙهندا آهن ۽ انهي هيٺين طبقه زمين واري تي حاجين جي تلاوت واسطي مطبوع ڪلام الله شريف گهڻي تعداد ۾ رکيل آهن جو گهڻن ڪري ماڻهن خيراتي حرم شريف تي وقف ڪري رکيا آهن. جنوب طرف مُصَلّي امام حنبلي فقط هڪڙي ڇت سان آهي. مگر سڀئي مذڪوره چئون ديوارن تي بيٺلون نه آهن فقط ستونن تي قائم آهن. چارئي پاسا انهيءَ سطح زمين تي کليل آهن جيئن لاءِ ته صحن حرم جو تنگ نه ٿئي ماڻهو انهي نماز پڙهي سگهن. اڳي ترڪن جي وقت ۾ هنن چارئي امام پنهنجي مصلي تي پنهنجي جماعتن کي نماز پڙهائيندا هوا.

ڪڏهن جماعت امام شافعي جي پوءِ حنفي جي پوءِ مالڪي جي پوءِ حنبلي جي ٿيندي هئي. مگر مغرب جي نماز ۾ فقط ٻه جماعتون شافعي ۽ حنفي جون ٿينديون هيون ۽ ظاهر آهي ته اها بدعت يعني هڪڙي مسجد ۾ مقرر ڪري هميشه هڪ ٻه جماعت پڙهڻ جي هڪڙي زمانه کان شروع ٿي ڪنهن شرع جي ڪتاب ۾ انهي جو ڪو ثبوت ڪونه حالانڪ خير القرون ۾ هرگز اهڙا جماعت بند ڪي مسلمانن ۾ خصوصًا نماز مخصوصًا مسجد الحرام ۾ ڪا نه هئي. هاڻي موجوده حڪومت سعودي انهي طريقو بند ڪري ڇڏيو آهي فقط هڪڙي جماعت وڏي ٿيندي آهي جو سڀني مقرر ڪيل پيش امام باب الڪعبه جي سامهون

بہي نماز پڙهائيندا آهي. حاجين جي انهن معلم وقت باب الڪعبہ جي ڀرسان ڪي بالڪل
ويجهو ويهندا آهي جنهن جاءِ مسجد الحرام ۾ ٿوري اُتيندا آهن. تن مان متو مطاف جي
ڪناري تي پاسي ٻيا ترڪي بهتر آهي. اها وڏي جماعت اول وقت ۾ نماز پڙهي
ويجهو ٿي. پوءِ جيڪي ماڻهون نماز لاءِ اچن سي پنهنجي ٻي جماعت ٻاهر ٻاهر ڪري پڙهن
سگهن. تاڪيم کان منع ناهي مگر باقاعده مقرر ٻي جماعت مسجد الحرام ۾ نٿي ٿئي.

مسئلہ بعضي هندستان جا عالم عقيدي جي ڪري امام پٺيان نماز نہ پڙهندا آهن
ته هو وهابي آهن. مونکي ان جا ڪالم نہ وڌيڪ هئي ۽ جيئن دهرهن هندن ۾ امام پيش
امام جو اگرچہ نجدي آهي ۽ ڪفر يا فساد اعتقاد سان وقت شرعًا ثابت ٿي نہ آهي هرهڪ
جو ضمير ۽ اعتقاد پنهنجو آهي اگرچہ هڪڙي قوم هڪڙي ملڪ جا هجن. اسان کي حڪم آهي من صلى
صلوٰتنا و استقبل قبلتنا فهو مؤمن تي عمل ڪرڻ گهرجي. پوءِ تہ هني پٺيان نماز پڙهڻ
جي معنيٰ ته هيڪڙي مومن مسلمان امت محمد ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي نماز سين جي
فاسد ناجائز يا مڪروه ڄاڻڻ آهي. هيتري مخلوقات جي نماز کي اهڙي وحڪم ڪري
فقط پنهنجي نماز جائز ۽ صحيح ڄاڻڻ ڪيڏي نہ وڏي جرأت ۽ گستاخي آهي. مسلمان
جو ج ۾ نماز خراب ڄاڻڻ مسلمانن تي بدظني ڪرڻ. جماعت جي ثواب کان محروم رهڻ
مسجد الحرام جي نماز جي فضيلت جاهڪ نماز لک نماز جي برابر آهي. جيڏي پنهنجو اوطاق تي نماز
پڙهن. پنهنجي نفس کي سيئين کان افضل اڪمل اورع اتقي ڄاڻڻ. خيال ڪري ڏسو تہ
هڪڙي شبہ جي آڌار تي ڪيترن قسمن گناهن جا ارتڪاب ڪرڻو ٿو پئي ۽ ڪيڏي
ثواب کان ماڻهون محروم رهن ٿا.

آئون تہ سڀ نماز وقت جماعت سان هنن پٺيان سين مسلمانن سان گڏ جي پڙهندو
هوس ۽ پاڻ جهو وسواس ڪونہ ڪندو هوس. فقط عصر جي نماز جا اگرچہ سڀني امامن
۽ صاحبين وٽ ۽ امام صاحب جي هڪڙي قول موجب بعد المثل الاول صحيح آهي مگر
جنهن ظاهر الروايت بمعنيٰ ۽ قول موجب صحيح نہ آهي جنهن امام صاحب وٽ اها عصر
وقت داخل ٿي نہ ٿيو آهي بعد المثلين سوى فئ الزوال" وقت عصر جو شروع ٿئي ٿو
حرمين شريفين ۾ پنهنجي مذهب موجب قبل المثلين ٿي هندا آهن. تنهنڪري بعضي

[illegible]

اوقات آئون ڏٺم ڪري حرم شريف ۾ وڃي ڏٺو ته ڪا ٻي جماعت مصلي حنفي تي
اهڙي ساڳي بعد المثلين عصر نماز پڙهندو هو.

مسئله جمعو حنفي جمع نماز ڪان بعد احتياطاً چار رڪعت ظهر پڙهن ضرور بالڪل
ضرور آهي. هي آئون سمجهي ساڳي انهيءَ تي هر هڪ عامل آهيان مگر موهين مقرر بنيادي چئي
ته شرائط وجوب ۽ ادا جا سڀ موجود آهن. اخر ظهر پڙهڻ ضروري آهي اسين باب
جيترو وقت اهڙي پاڻ جاءِ ۾ هو اسين جمعه کان بعد آخر ظهر کونه پڙهندا هئاسين.

محراب النبي | باب السلام ڪان ٻاهر مشرقي در وارو ڪان جيڪو مسجد الحرام جي اندر
ٿيڪي سامهون مطاف جي ڪناري تي هڪڙو محراب هنيو ديوار جي فقط ٽڪرو ڪمال
دروازو ڪماندار نظر ايندو جنهن تي لکيل سو هي آڪري سارا سَلامٌ عَلَيكُم
فادخلوها خالدين لکيل آهي. حضرت جن جي زماني وارو اصل باب السلام اهو آهي
جنهن تان پاڻ سڳورا مطاف ۾ داخل ٿيا هوا. حاجين کي طواف قدوم جي شروعات
طواف لاءِ هن دروازي مان اچڻ مستحب آهي. باب بني شيبه انهيءَ اصل نالو آهي
هي حد مسجد الحرام جي توسيع ڪئي وئي اهو دروازو جاتي انهيءَ نشان قائم ڪيو
ويو ۽ انهي مقابل موجوده باب السلام جي نالي ويو.

منبر مسجد الحرام جو | حضرت جن جي زماني ۾ خلفاءِ راشدين جي وقت
۾ مسجد الحرام ۾ ڪو منبر لڳايل ڪونه هو. حضرت جن
صلي الله تعالى عليه وآله وسلم تسليما ڪثيرا ۽ خلفاءِ راشدين ديوار ڪعبه جي ڀاسي
۾ بيهي خطبو پڙهندا هئا. تا آنڪه حضرت امير معاويه پنهنجي ايام خلافت ۾ منبر ٺهرائي رکيو
۽ وري هارون رشيد سنه ١٦٠ھ مصر مان هڪ خوبصورت منبر ٺهرائي باب ڪعبه
۽ حجر اسود جي درميان رکايو هو جمعه جي ڏينهن انهيءَ تي خطبو پڙهبو هو. هي
منبر سلطان سليمان سنه ٩٦٦ھ ۾ سنگ مرمر جو ١٣ ڏاڪا ٺهرائي جاءِ زمزم ۽
مقام ابراهيم جي وچ مشرقي طرف باب ڪعبه جي سامهون رکايو آهي جنهن تي جمعه جي
ڏينهن خطيب چڙهي خطبو پڙهندو آهي. انهيءَ مٿان ننڍو گنبذ سنگ مرمر جي
ستونن تي ٺهيل آهي جو خطيب انهيءَ سايه ۾ بيهي خطبو پڙهندو آهي ۽ جابري پاسا اهڙا

گنبذ باڪمال آھن. جو جماعتي ھو طرف کان خطيب کي ڏسي سگھن ٿا. منبر جي مهاڙي تي خوشخط سنهري اکرن سان ڪنيل آھي: ”إِنَّهُ مِنْ سُلَيْمَانَ وَإِنَّهُ بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ صدق الله جل اسمه سنه ٩٦٦“ ۽ ٻي پاسي تي لکيل آھي:

الحمد لله رب العالمين - قد بنى السلطان سليمان منبرا لبيت الامين -

جنة المعلى

تاريخ اسلام ۾ جهڙيءَ نموني ۽ پراڻو مقام اِهو آھي جو مڪه شريف جي شهر جي اُڀر شمال مشرق طرف مشهور ۽ معروف مقام آھي جنھن ۾ فضيلت ۾ ڪيترين ھستين پيٺون آيون آھن. ڪيترا اوڏا اصحابي ۽ تابعي اوليا ڪبار ۽ شھداء عظام ۽ مومنين صالحين ۽ علماء ڪرام انھي وقت کان وٺي اڄ تائين تنھن ۾ مدفون ٿيا آھن. جنھن شمار ڪونهي خصوصا ام المومنين سيدتنا بي بي خديجة الكبرى رضي الله تعالى عنها جي قبر مبارڪ ۽ سيدنا عبدالله بن عمر ۽ سيدنا عبدالله بن زبير - عبدالله بن ابي بكر ۽ سيدنا قاسم بن رسول الله صلى الله تعالى عليه وسلم جيوٺا قبرون انھي مبارڪ مقام ۾ مذڪور ۽ ماثور آھن اگرچه محدثين سڳورن لکيو آھي ته ڪيترن اصحابي ۽ صحابيه جي قبر مڪه شريف ۾ آھي. ۽ تحقيق سان معلوم نه آھي جو انقلابات زمانه جيڪي اتي قبر گهير گهٽون ڦٽ ڏيو آھي. مگر ناھم اهي قبرون بحسب ظن غالب جي ڄاڻو جن تي ٻين سلام ميٺ جي وقت اھڙي نيت ڪري گهرجي ۽ ختون اھڙي جي روح مبارڪ کي ڏيڻ گهرجي. طبقه تابعين مان عطاء بن ابي رباح - سفيان بن عيينه - فضيل بن عياض اهي شيئي سڳورا پڻ سيدتنا خديجة الكبرى جي قريب مدفون آھن ۽ علماء متاخرين مان امام عبدالله اسعد يافعي - امام قشيري - امام ابو البركات نسفي صاحب كنز الدقائق ۽ سيد احمد دهلوي ۽ خواجه ابو عثمان هاروني ”مرشد خواجه معين الدين اجميري جو“ ۽ درواره وقت شيخ علي قاري مكي رضي الله تعالى عنهم وقدس الله تعالى اسرارهم ونفعنا بعلومهم وبركاتهم انھي مبارڪ مقام ۾ مدفون آھن سڀني جي روح مبارڪ کي فاتحه پڙهي ختون ڏيڻ گهرجي. جنھن ترتيب سان سلام ۽ دعا ڏيڻ جي: السلام عليكم اهل الديار من المؤمنين والمؤمنات والمسلمين والمسلمات ويرحم الله المتقدمين منكم والمتاخرين انا ان شاء الله وحشكم ويرحم الله عز بكم و

ما عف حسناتكم وكفر سيّئاتكم ربنا اغفرلنا ولوالدينا ولاستاذينا ولاخواننا ولاخواتنا ولاولادنا ولاحفادنا ولاقاربنا ولاصحابنا ولمن له حق علينا ولمن اوصانا واستوصانا والمؤمنين والمؤمنات والمسلمين والمسلمات الاحياء منهم والاموات ربنا اغفرلنا ولاخواننا الذين سبقونا بالايمان ولا تجعل في قلوبنا غلاً للذين امنوا ربنا انك رؤف رحيم ـ اللّهم صل على روح سيدنا محمد في الارواح وصل على جسد سيدنا محمد في الاجساد وصل على قبر سيدنا محمد في القبور ربنا توفنا مسلمين والحقنا بالصالحين وادخلنا الجنة آمنين برحمتك يا ارحم الراحمين آمين وصل على جميع الانبياء والمرسلين وعلى الملائكة المقربين وعلى عبادك الصالحين وعلى اهل طاعتك اجمعين وارحمنا معهم وارزقنا شفاعتهم واحشرنا معهم والحمد لله رب العالمين ـ

اول هي دعا عام سڀني لاءِ گهرجي پوءِ هر هڪ بزرگ جي خاص طرح زيارت ڪري سلام ڪري. وقت فرصت موجب ته ڪنهن پاسي ويهي سورة فاتحه ۽ اول سورة بقر مفلحون تائين ۽ آية الكرسي ۽ امن الرسول الى اخر السورة ۽ سورة يٰسين تبارك الملك ۽ الهٰكم التكاثر ۽ سورة قل هو الله احد يارهن ڀيرا پڙهي پوءِ چوي اللّهم اوصل ثواب ما قرأت الى فلان پاسين جي روح کي بخشي ۽ چوي الى اهل هذه المقابر ۽ بهشت ۾ اهي آهي تهسين جي روحن کي بخشي خوش ڪري ـ

جبل ابو قبيس

شهر سان لڳ اڀرندي پاسي کان جيڪو جبل آهي تنهن کي "ابو قبيس" جو نالو ڏنل آهي. اهو جبل سڀني جبلن جو پيءُ ۽ اصل بنياد آهي ڇاڪاڻ ته جبل الهند کان پوءِ پهريائين هي پيدا ڪيو ويو آهي ـ هاڻي شهر جي ٿلهي پاسي ته هي ديون آهن ـ

باب الصفا کان اوڀر طرف ٻڪري وڃي ٿي ته مڪانن ۽ گهرن جي وچ مان جبل تي چڙهڻ لاءِ پڪي ڏاڪڻ ٺهيل آهي اوهان کي نظر ايندي ان تان چڙهندي چڙهندي اوهين مٿي هڪ ننڍڙي مسجد ۾ وڃي پهچندا ـ جا مسجد بلال سان مشهور آهي ۽ چون ٿا ته حضرت بلال فتح مڪه کان پوءِ بانگ اتي ڏني هئي. انهي حرم شريف جو نظارو ڏسڻو هجي ته بلڪل ماٿري جيڪو صحن ۾ ڏيکاريل هوندو ڏسو ته سهڻو ڏيکاءُ ڏيندو.

كابه جبل ابو قبيس تي آهي

مسجد بلال

هاڻي مسجد جي در وانگر وڏي ٺهيل آهي ۽ پهريدار ويٺل رهي ٿو جو ماڻهن کي اندر
وڃڻ کان روڪي ٿو. فقط ٻاهران بيهي ڏسي سگهبو اندر اچڻ منع نه آهي.
روايت آهي ته حضرت جن جو مشهور معجزو شق القمر جو به انهي جبل تي ٿيو آهي ۽ اُهو
جاءِ به اڳي يادگار طور قبو ٻڌل هو جو هاڻي مسمار ڪيو ويو آهي.

جبل نور يا غار حرا هي جبل مڪه شريف کان اتر طرف ٽن ميلن
تي آهي. مڪه کان جيڪو رستو ٿو وڃي ۽ ٿورو ڪا پنڌ ٿي قبرستان اچي ٿو جي ڏاب
ٽڪري ڏسڻ ۾ ايندي. هن جبل سان آهي جو ٻانڊ نبوت رسالت کان اڳ انهي غار ۾
خلوت گزيني ڪري خدا تعالى جي عبادت ڪندا هئا. ۽ ماڻهن کان گوشه نشين ٿي ذڪر
فڪر ۽ ياد مولى تبارڪ وتعالى ۾ مشغول رهندا هئا. تا آنڪه ظهور نبوت رسالت جو ٿيڻ
۽ جبرئيل امين عليه السلام انهي غار ۾ سوره اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ ۞ جون
پهريون پنج آيتون اچي نازل ٿيون. ۽ انهي جاءِ تي معجزو شق صدر آنحضرت صلى الله تعالى
عليه وسلم جو واقع ٿيو آهي. اِهو غار حرا جو حضرت جن جو عبادتگاهه آهي جبل جي چوٽي تي
آهي تنهن جي زيارت ڪرڻ مسنون آهي. سلف صالحين متقدمين کان ان جي زيارت ڪرڻ
ماثور ۽ منقول آهي. عالمن جو آهي ته هي غار حرا جو درجو ۾ غار ثور کان
افضل آهي ڇو ته هن ۾ حضرت جن گهڻو وقت رهيا آهن ۽ غار ثور ۾ هجرت جي
وقت فقط ٽي راتيون رهيا آهن. اهو غار ڪٿي آهي؟ جبل جي چوٽي تي آهي جنهن جو
مشرقي طرف ۽ مغربي طرف کليل آهي جنهن ڪري روشني ۽ هوا جي آمد رفت چڱي
طرح ٿئي ٿي ۽ ماڻهو ڪُلا ۾ بيهي سگهي ٿو ۽ ٻه ڄڻا سمهي سگهن ٿا. مٿين ڇت جهڪي
ڇت وانگي ڏيڍ آدم مٿي قائم بيٺل آهي. ڏکڻ طرف نظر ڪبي ته اندر مڪه شريف
جو شهر ڏسڻ ۾ ايندو ۽ اتر طرف نظر ڪندا ته جبلن جو سلسلو ۽ انهي جي درميان منزلون
جيڪڏهن اتي رستي سان ڏسڻ ۾ اينديون.

جبل نور يا غار حرا

جبل ثور هي جبل مڪه شريف جي ڏکڻ طرف کان ٻن ڪلاڪن جي رستي
وڃي ٿو ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن جبل ۾ هڪ غار آهي جو ٻاٽ سڳوري مڪه
کان مدينه ڏاهن هجرت ڪندي حضرت ابابڪر صديق سان گڏ ٽي راتيون اهم

جبل ثور

توقف ڪيو آهي ۽ جنهنجو ذڪر قرآن شريف جي هن آيت ۾ آيو آهي ثاني اثنين
إذ هما في الغار

هي جبل مڪه کان ڏکڻ طرف آهي ۽ ميل ٽن اوچائي آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لکيو آهي ته انهي جبل جي چوٽي تي جڏهن نظر ڪبي ته سان سمونڊ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهي غار جو موهنو ٻاهران تمام سوڙهو ڏٺو ويو. گرانڊ جسم وارو آدمي جنهن مشڪل سان ماڻهون اندر گهڙي سگهي ٿو ۽ اندران خدا تعالى جي قدرت سان وڏو آهي پر پاسي کان غار جو هڪ ٻيو وڏو آهي جنهن سولائي سان ماڻهون اندر ٻاهر اچي وڃي سگهي.

نهر زبيده جو بيان ۽ مختصر تاريخي احوال

بي بي زبيده خاتون جي نيڪ نالي کان ڪير ماڻهون بيخبر ۽ ناواقف هوندو ۽ اها نيڪ بخت خاتون قريش جي خاندان مان بادشاهن جي گهراڻي جي شهزادي عالي حسب شريف النسب وڏي پرهيزگار، عبادت گذار، فياض بي بي آهي سندس ڏاڏو خليفه منصور عباسي ۽ پي سندس جعفر عباسي بادشاه وقت ٿي گذريا. ۽ پاڻ مشهور معروف بادشاه خليفة المسلمين هارون رشيد جي بيگم ۽ امين جي ماءُ هئي. سندس تعريف ۾ مولانا نظامي گنجوي جو مشهور بيت هي آهي ذاخير شد نام بر ميوه ز نسل زبيده ١٥ ست بر ميوه ڪافي آهي. مطلب ته اها بي بي هارون رشيد جي مرڻ ۽ امين جي قتل ٿيڻ کان بعد جڏهن حج لاءِ عرفات تي وئي ته اتي پاڻي جي تڪليف بلڪ عدم موجودگي ڏٺائين ۽ مخلوق خدا تعالى جي تڪليف محسوس ڪيائين ته هن سندس دل ۾ مبارڪ خيال سبيل جاري ڪرائڻ ۽ نهر کوٽائڻ جو موجب بڻيو.

تجربيڪار ماڻهن ۽ هوشيار انجنيرن کي گهرائي نهر کوٽائڻ جي تجويز ۽ رٿ تي غور ڪري منظور ڪئي ڏنائين. عرفات جي ڀرپاسن مان مشهور وڏي چشما پاڻي جا هٿ آيا پر جبل ڪوڏي چشمن پاڻي ملائي نهر جاري ڪري جبل رحمت تائين آندائون. انهن قيراطن حاجين جي سهوليت لاءِ ڪرائيا مزدلفه کان آئي منى پهچايون جن کان وڌي آئي مڪه شريف جي ساڪنن کي سيراب ڪيائون.

اوس ۾ سنھجي سگھوتا تہ کوہ کنڊن وچوڪي شھر ۾ آوردن سو لوکو نہ آھي. جيئن سالن جي عرصہ ۾ مٿس ھئي اھا نھر طيار ٿي ۽ ھڪ کروڙ ستٽ لک دينار سون جا ھن زماني برڪت ۽ سھنگائي ۾ ان مٿس خرچ ٿيا. ۽ اھا ھيئنر جاري قيامت تائين سندس باقي رھي.

اھا نھر گھڻن ڪوھن جي ڊگھي ۽ پڪي سان ٺھيل آھي. مگر جن ماڻھن ٽولين جو ھجوم ۽ پاڻي ڪڍڻ جا احتياج گھڻو آھي اتي انھيءَ موقعہ ڪليل ۽ جا ڏيکاءِ وڏا پڪا حوض ٺھيل آھن. مثلاً جبل رحمت جي آس پاس ۾ مني ۽ مکہ شريف ۾ عام غائب ۾ سبيل غريبن ۽ مسافرن لاءِ کوھن جا موقعہ کليل ۽ پاڻيءَ جا نلا ڏيئي پيل آھن جتان ماڻھو پاڻي پيئن ۽ وضو ۽ غسل ڪن ڪپڙا ڌوئن. ڪنھن کي ضياتي پاڻي وٺڻ ۾ ڪين ٿي جي مانعت نہ آھي مگر افسوس جو حاج جي موسم ۾ گھڻن ماڻھن تي ڀي اھو ٻجھيو نبضو جمايو بيٺا آھن. پاڻ مٿڻ ۽ ھجوم ڪري پاڻي ڪڍڻ ۾ مشغول ٿي بيھن سانڊارا ايم تڪاپير پو حاجين کي ڏنجي ٿو کي پنھنجي پيسا پيدا ڪرڻ لاءِ پين غريبن حاجين کي پاڻي پيڻ جو وارو ڏين. مگر جيڪڏھن حاجي ھمت ڪري پنھنجي رسي ۽ ٻوڪو پاڻ سان کڻي وڃي پاڻي ڪڍي تہ وٽس ڪم ڪري ايندو. ٻيو نہ حڪومت جي بي انتظامي ڪري نھر جي صفائي ۽ جيئن جي ڪو تائي سال بسال نہ ٿي ڪري بعض سالن ۾ نھر ڦٽي ٿي پوي. ۽ پاڻي جي قلت جي سخت تڪليف ۽ شڪايت ٿيندي ٿي حج کي پڌرو آيو آھي تہ گذشتہ ڪن سالن ۾ پاڻي جو ھڪ ٽڪو ٿي وڃي ٿو جو حاجين کي سخت تڪليف رسي ھئي. ھاڻي حڪومت ڪجھ انتظام ڪيو آھي ۽ ھڪڙي خاص ڪاميٽي نھر زبيدہ جي مرمت لاءِ مقرر ڪئي آھي ۽ مرمت جي خرچ واسطي گھڻا ٽيڪس حاجين کان وصول ڪيا ويا آھن تہ جيڪڏھن اھو انتظام قائم رھيو تہ آئندہ ڪا شڪايت پيدا نہ ٿيندي ۽ پاڻي زيادہ ماڻھو مفت ملندو.

باب ٽيون منجھہ بيان زيارت مدينہ عاليہ جي علي

مشرفها الصلوٰة والسلام والتحية ۾ آداب زيارت روضه مبارڪ وما يتعلق بذالڪ ۾ ٻين مقامات مقدسه جيون زيارتون ۽ بعضي تاريخي ۽ ملڪي حالات اُتي جا

ترغيب زيارت مدينه

يارو! فريضه حج ادا ڪرڻ کان بعد انهن ٿي زيارت مدينه طيبه جي فرض ادائي بر لازم آهي. درگاهه رب العالمين جي باريابي کان پوءِ محبوب رب العالمين جي روضهٔ اقدس ۾ حاضري ضروري آهي. حديث شريف ۾ آيو آهي من لم يزر قبري فقد جفاني ۽ هڪڙي روايت ۾ آهي من حج ولم يزرني فقد جفاني جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نه ڪيائين ته مون سان ظلم ڪيائين. ۽ ٻي ڳالهه سڳورن فرمايو آهي ته من زار قبري وجبت له شفاعتي جيڪو منهنجي قبر جي زيارت ڪندو تنهن لاءِ ذمي قيامت جي منهنجي شفاعت لازم ٿيندي. ٻي جاءِ حديث شريف ۾ آيو آهي ته من زارني بعد موتي فكانما زارني في حياتي جيڪو منهنجي زيارت وفات کان پوءِ ڪندو ته گويا اهو منهنجي زيارت حياتي ۾ ڪئي. ڪير اهو مومن مسلمان هوندو؟ جو اهڙي وعيد شديد جو مصداق ٿي ٿيندو ۽ اهڙين بشارتن سعادت اشارتن کان پاڻ کي محروم رکندو. يارو، مدينه پاڪ جي واکاڻ ۽ تعريف آءٌ ڪهڙي زبان سان بيان ڪندس ته هي مختصر ڪتاب جي ڪري مضمون جي گنجائش رکي ٿو. تنهن ڪري رسول ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جيون ڪي صحيح حديثون تبرڪاً ذڪر ڪريون ٿا:-

بيان فضائل مدينه

(۱) حديث شريف ۾ آهي ته تحقيق ايمان ڦري ويندو مدينه شريف ڏي جيئن ٿو نانگ ڦري گهري پنهنجي ڏر ۾ ڦري وڃي ٿو. ٻي روايت ۾ آهي ته ايمان مدينه شريف ڏانهن اهڙيءَ ريت لڙي ٿو جيئن جيئرو پاڻي جي ٻر ڏانهن ٿو ڌوڙي.

(۲) حديث شريف ۾ آهي ته پاڻ سڳورا جڏهن ڪنهن سفر تان موٽي ايندا هئا ۽ مدينه شريف

جي شهر تي سندن نظر پوندي هئي تڏهن رحمت کي جهل ڏيندا هوا ۽ پنهنجي ٻيهڻ کي
تکو ڪندا هوا سبحان الله ڪهڙي محبت مدينه جي ۽ پاڻ سڳورن ڌڻي تعالىٰ الله مدينه جي
محبت لاءِ دعا گهري آهي ۽ چيائون ته اي الله اسان کي مدينو اهڙو پيارو ڪر جهڙو ته
اسان کي مڪه جي محبت آهي بلڪ انهن کان به زياده ۽ حديث شريف ۾ آهي
ته مدينه مثل ڀٺي لوهاري جي آهي جو سون ۽ مال کي ميل کان پاڪ ۽ صاف
ڪري ٿو ۽ پاڻ سڳورن فرمايو آهي ته مدينه شريف جي رستن تي ملائڪ سڳورا
مقرر ٿيل آهن جو طاعون کي ۽ دجال ڪاڻي کي داخل ٿيڻ نه ڏيندا ۽ مدينه شريف
۾ هر هڪ عمل خير تي وڏو ثواب ۽ گهڻا ان درجا ملي ٿو. مثلاً حديث شريف ۾ آيو آهي ته
منهنجي مسجد ۾ نماز ٻين مسجدن جي نماز کان هزار درجا افضل آهي مگر مسجد الحرام ۾
۽ جمعو منهنجي مسجد جو افضل آهي ڪنهن هزار ٻين جمعن جي مگر مسجد الحرام ۾ ۽ مهينو رمضان
جو منهنجي مسجد ۾ بهتر آهي ڪنهن هزار مهينن رمضان جي ٻين جاين تي مگر مسجد الحرام ۾
۽ ٻي حديث شريف ۾ آيو آهي ته جيڪو منهنجي مسجد ۾ چاليهه نمازون پڙهندو ۽ ڪن
روايتن ۾ هي شرط به آهي ته جيڪو منهنجي مسجد ۾ چاليهه نمازون پڙهندو (ڪن روايت
۾ هي شرط به آهي ته ڪا نماز هن کان فوت نه ٿئي) ته دوزخ جي باهه کان ڇوٽڪارو
لهندو ۽ عذاب کان آزاد ٿيندو ۽ نفاق جي خصلت کان پاڪ ٿي ويندو. تنهن ڪري
مؤمن کي گهرجي ته ايام اقامت مدينه منوره ۾ پنج وقت نماز سندن مسجد سڳوري
باجماعت پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ۽ سواءِ نماز جي ٻين مسجد شريف ۾ ٻيا به
ٻيا اعمال خير مثلاً روزا ذڪر قرآن شريف پڙهڻ خيرات ڪرڻ بخصوصه ڪري
مدينه شريف ۾ رهڻ ۽ مدينه شريف ۾ مرڻ به وڏي سعادت آهي جنهن لاءِ بشارت
بهشت جي ۽ شفاعت جي ڪيل آهي. پاڻ سڳورن ﷺ اللّٰهمّ صل وسلم عليه فرمايو آهي
جنهن کان ٿي سگهي ته مدينه ۾ موت نصيب ٿئي ان جي ڪوشش ڪري ته مان به
انهيءَ جي ته جيڪو مدينه ۾ مرندو آءٌ ان جو قيامت جي ڏينهن شاهد يا شفاعت
ڪرڻ وارو هوندس ۽ حضرت امير عمر جي هميشه جي دعا هوندي هئي ته اي ڌڻي
منهنجا مولى مونکي شهادت نصيب ڪر ۽ تنهنجي رسول پاڪ جي شهر ۾ موت

فضيلت نماز مسجد نبوي ﷺ

فضيلت مرڻ مدينه شريف ۾

ڏجن. جو حق تعالىٰ سندس پنهنجي دعائون قبول ڪيون ۽ روضہ پاڪ سيد لولاڪ
جو نصيب ٿيس فطوبىٰ له ثم طوبىٰ له.

مدينه شريف ڏانهن روانگي

مدينه شريف جي وڃڻ لاءِ انهن کي هر قسم سواري موٽر لاري اٺ. شگدف وغيره ملي سگهي ٿي. جا انهن کي معلم ۽ انهن جي صلاح سان ڀاڙي ڪئي ويندي ۽ بندوبست ڪري اچي حاضر ڪندا. منهنجي صلاح
هوندي ته حتي المقدور لاري جي سواري ڪري. شگدف جي سواري سستي ته آهي پر
سهولت واري آهي ۽ هر وجه ملڪي خواه مذهبي اقتصادي خواه تمدني فائدو منجهس
آهي. مثلاً ٻه ڏينهن ۾ پهچڻ بجاءِ جيڪر ڏهه ڏينهن لڳندا. ملڪي ماڻهن جو ذريعه معاش ٿيندو. لاري کان
خرچ ٿورو ۽ آرام ۽ سهولت زياده. جنهنڪري خاص ماڻهو وڃي ٿا سگهن. رات جو سمهي سگهجي
واٽ ٻنهي جي واقفيت ملڪي معلومات ۽ پيا سفر جا فائدا حاصل، وڏي ڳالهه ته حج جي
اداب ۽ شرائط هن مبارڪ سفر جا بجاءِ آڻي سگهندو ۽ زياده وقت مبارڪ ادهن مقدس جي
رهڻ ۽ هلڻ جي ثواب به زياده ملندو ڪجهه تڪليف سهڻ ڪري گناهه به جهڙندا الله
پاڪ جنهن هڪ ڏهن ماڻهن کي قيد بند ڪري هٿ پير ٻڌي ڪيٿو؟ ته اهڙو حج آهي
سيرو ۽ سفر جو مزو ۽ وهڻ ۽ سمهڻ جو آرام. اسان کي پاڻ هن سال اهو تلخ تجربو لڌو
جو حاصل ٿيو تفصيل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت. من نگردم شما حذر بکنيد.

هر قسم سواري لاءِ سرڪاري نرخ مقرر آهن جنهن ڪمي بيشي ڪجهه ڪري نه
ٿي سگهجي. هن سال موٽر جو ڀاڙو في ماڻهون ساڍا ٽي سو لاري جو في ماڻهون ٻه سو
ڏهه رپيا هوا. اٺ جو في ماڻهون شگدف وارو هڪ سو اڪيهه رپيا هو. سڀ
ڀاڙا وقت موقت جا آهن. پيسا سڀ اڳواٽ وٺندا آهن. ته ۽ مدينه شريف ۾ اچي
واري ڏينهن کان سواءِ اٺ ڏهه رهڻ ٿيندو ڏيڪ جيڪر هندو ته روز روز
ٻه ٻه ريال پيا ڏيندا. پنڌ وڃڻ وارن کي اگرچه سرڪاري طرح منع آهي. مگر هزارين ماڻهون
اهڙي وڃن پيا. جي سرڪاري جو نقصان آهن انان لڪ چوري پاسو ڏيئي وڃن. باهري
وارن کان ڪجهه نوڪري سان پنهنجي چڙهي پيو وڃن ۽ بيغم خوش باش هليا وڃن. ڪجهه
ماڻهون ترڪ ٻيج ٿورو ته پنڌ هليا وڃن جهي ڪي شهر کان پاهر اٺ وارن سان

پالاري وارث سان ٻڌو ويست ڪريو تمام ٿوري پاڙي سان چڙهيو جنهن ايڊي
ويڏي سوار ٿيو هلن. مگر اهو ڪم اظلانه خواه قاعده موجب جيڪو نه آهي جيڪڏهن
پڪڙجي پيا ته ٻئي مصيبت ۾ گرفتار. پيسا به ويا ته عزت به وئي:

حيرانم ڪند ڪاري ڪه باز آرد پشيماني

ٻنڌ ٿي پي کي منع ڪرڻ اگرچه حڪومت جو صريحا ظلم آهي في الحقيقة حڪومت کي جيڪي
ٽيڪس وصول ڪرڻ جو حق ته ڏاڍي وڏو آهي مگر حاجين جي حفاظت ۽ جان مال جي
سلامتي لاءِ ڀلانو به آهي. جو ته ڪو حاجي وات تي ڦري وڃي يا مار جو وڃي ته حڪومت کي
الهندي ڪهڙو پتو پوي. جيڪڏهن ايندي ويندي محلم جي معرفت هليو هوند ويندي ڪا عي
دفتر ۾ سند ۾ نالو داخل ٿيو هوندو ته اهڙو نقصان لاءِ محلم پابند وي اٿن وارا
جوابدار. هنڌا ۽ سرڪار جي سخت پهچا گاچا ٿيو ٿيڻ ته هي حاجي ڪيڏانهن ويو؟
ڪهڙي سبب مري ويو ۽ مال ملڪيت سند ۾ ڪيڏانهن وئي. وارث سند ۾ ڪو آهي
وغيره وغيره.

مطلبته عدي حڪومت پاڻ "قاعده جو آيته ۾" حاجين جو رت خوب چوسين ٿا
مگر ٻين ڪان قرابه مارڻ نٿا ڏين. پوءِ هڪڙا حاجي جن ته عبدين ڪان ته ٻدوي
جنگ بندوا جا ٻين کي ڦريون ماريون ٿي ته ٥٩ جيئي ڇڏي ويا. ٻين جن جو مال آهي ته هنن کي
نيو. ٻيو جي جنگاڻ جو هونءَ حق پيسه تي "سو به جي ياٿو" اوڇتو ڪ هنيو اٿن
مار پيٽي ويا. جي آهي اخلاف راءِ جو فقط فيصلو حاجين جي مذاق تي ڇڏيل آهي

رستي ۾ امن امان اڄ ڪله حجاز ۽ عربستان ۾ امن امان جو دور دورو
آهي اهڙو شايد ڪنهن ملڪ ۾ روئي زمين تي نه هجي. غريب ماڻهون زال هجي يا مرد
واٽ ويندي تي رات جو خواه ڏينهن جو جيڪو سامان کڻيون ۽ نوٽ ٻڌيون. تنها پيو ويندو
ته ڦرمار جو ڊپ ڪونه ٿيندو. قبول ڪيو سين ته بدوي جو مار جي و پار عجب آهي
هيتري هجوم حجاج ۾ ۽ هزارين ماڻهن جي اجتماع ۾ جتي هر رنگ هر قسم هر ملڪ جا
ماڻهو گڏ ٿين ٿا ته هر به اهڙي چوري ۽ اهڙي لعيابي ڪان ٿي سڀني جيئين ٻين
ملڪن ۾ ٻين اجتماعن ۾ ۽ ٻين زيارتگاهن ۾ ٿي ٿئي پا وجود ڪه سرڪار جي اهڙي

جو ڪسي ۽ پريد ارعيابر ڪان تي ڏسجي ٿو سبب ٿيندا آهن جو هي توبه تائب ٿي
الله تعاليٰ جيڏهن گناهه جي گناهن بخشڻ لاءِ تيار آهي. جن نه گناهه ڪرڻ لاءِ پيو ظاهري سبب
ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. سنڌ ۾ نه ليڪا عدا جيوڙن جي حڪومت ٻيهي هلي. ظاهر ٿيو
ڪنهن ديو دره ڪا هي هنن گهر بند. پر اڪثر انهن ۾ جي درتي بيهڻ جو انداز
نه هائو هيڻي هيڙي ڪري، پيجاره سڱو ڏيو ته ڏيڻ اسين مت هي ڳوٺ هي
ميدان سرڪاري وجي پورت ڪئي ته جيڏهن ٿي ته وڃي مرگو فرياد ڪئي ويچاره
بنجال ميگر فتار ٿي پيا ساهه سهيا پوليس ۾ هي جو رپورٽ ڏنائين. تنهن ڪان سواءِ هر ملڪ
۾ عام طرح مسافرخانن ۾ ميرن ملاحن ۾ اسٽيشن تي گاڏي هلندي ريلوي
۾ ڪيئي معلوم چوريون ٿينديون آهن. تنهن ڪري ڪيا ڪوڙجن ٿا. تنهن ڪري سماهري عمومي

فائده ٤ مسافري ۾ جتي انسان کي ڪيترن خطرن ۽ چورن جي ڊپ هجي ڪان يا
وحشي جانورن ڪان پيدا ٿئي ته سورة لايلاف قريش ڪثرت سان پڙهڻ گهرجي ڪو
خاص عدد مقرر نه آهي. هر وقت هر منزل تي ٻنهي پاسي عدد ۽ طهارت سان
پڙهڻ گهرجي جڏهن خوف ۽ خطري لاءِ مشائخن جي تجربي ۾ آيل آهي.

فائده ٢ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهن ڪان ڪا شيءِ گم ٿي وڃي ته هي دعا سگهڙي
يَا جَامِعَ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ. اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ. اَللّٰهُمَّ اجْمَعْ بَيْنِيْ وَ
بَيْنَ ضَالَّتِيْ. ٽي ڀيرا پڙهي پنهنجي پاس جي ڪاري اميد ته الله تعاليٰ جي فضل و
ڪرم سان اها شيءِ موٽي هٿ اچي وينديءَ مجرب آهي "ايضاً هي وظيفو"
گم ٿيل شيءِ جي لڀڻ لاءِ مجرب آهي. هيءَ ياحفيظ هڪ هزار ڀيرا پڙهي سورة
لقمان جي آيت سگهڙي يَا بُنَيَّ اِنَّهَآ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ
فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ. اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ. هڪسو ڀيرا
پڙهي ته ان شاء الله تعاليٰ اها شيءِ موٽي ملندي.

بد دين جا اخلاق بد دين جي بد اخلاقي جا اڪثر جاهي شڪي ۽ انهن جي
شوخي ۽ تند مزاجي ڪان نالائق هوندا آهن. "خير" ۽ بد دماغي بدو وحشيانه طور
عمل سان مشهور ۽ شوخ طبع سان ضرب المثل آهن. مگر انصاف ڪري ته سڀوئي ڳوٺ ۽ بنون

جو ڏوهه ناهي. اسان جا ڪي پاڙي حاجي صاحب به ھن ڪانءَ پنهنجي ٻيلي نه آهن
بد ديءَ جي بد اخلاقيءَ ڪري ته به حاجي صاحب به مروت ۽ حسن اخلاق سان ھنن جي
پيش ايندا آهن جو واجبي جوڙ ٻول نه ڪن خواه مخواه ھنن سان ضد ۽ ٿڌ
ڪن. توڙي گهٽ بخشش ڏين يا ڪجهه سچي ڪن ته هو به سانئي اھڙائي ٻير تا
ڪن. ڪما تدين تدان وصلا آهي ساڳيا وحشي پيد و توڙي گهٽ احسان
سان انهن جا دست بسته غلام ٿي هلندا ۽ انهن جي جان مال، راحت ۽ آرام تي
جان قربان ڪرڻ لاءِ طيار رهندا وڏو سبب هنن جي ڪاوڙ ۽ شوخي جو زبان جي
اڻ واقفيت ۽ ٻولي جي نه سمجهڻ آهي. هو ڪن هڪڙي ڳالهه جي ڪنجي. هو هڪڙي
پيري جو ٻئي ڀيري جو ھندا مانجي سمجهندو يا جيو نه ڪندو وڌ ۽ ڪاوڙ
ڪندا. ٻه لفظ جيئندا ۽ وڙهڻ لاءِ طيار ٿي ايندا. جو تر تنگ آيد بجنگ آيد واري
مثال آهي. هي ته آهن ٻي ملڪ جا، اڻ واقف اڻ سمجهاڻ ماڻهون. پر انهن پنهنجي
ديس پنهنجي وطن جا ملڪي ماڻهون ڏسو ڪو جيئن جي بد قهن ٻيجي ۽ يا وه گوڏ
موٽر ڊرايورن جي يا لاهي اسٽيشن تي قولين جي زبان درازي ۽ بي حيائي جا مثال
ياد ڪري بدوين سان مقابلو ڪري ڏسو ته انهن ڪي ھنن جو قدر ٿيو جي جيڪڏهن
ماڻهو هنن جي ڪند و اخلاق ۽ مروت سان پيش ايندو ته هو به انسان آهن ۽ الانسان
عبيد الاحسان جي ڪليه قاعده کان مستثنيٰ نه آهن. تنهن ڪري انهن کي مڪي نه
هنن جي جمال کي عزت جي نگاه سان ڏسڻ سان ۽ دوستانه برتاءُ ڪرڻ پائيءِ سان
گڏ ڪاراڻو پيار ٻي ڪهڙا انڪم جا ڪهه جي پيالي ۽ ماني ٽڪرهان تواضع ڪريو ته انهن جمالن واسو
پاڻي لاءِ قرض ٻه قرض ڏيو ڏسو ته بدوي ڪهڙا اچڪن مٺڙا آهن ۽ انهن جي
ساه قربان ڪرڻ وارا آهن. هو سبب آهي ته بعضي حاجي اٺا يو ٻه زياده بار ٻان ماڻ
ڪندا آهن جنهن ڪري بدو ناراض ٿيندا آهن ۽ شريعت موجب به جانور تي انهن
طاقت کان زياده بار رکڻ جائز نه آهي تنهن ڪري گهرجي ته ڪرايه دار کي پنهنجي اسباب
جو بوجهه ڏيکاريو ۽ انهيءَ اجازت سان بار رکو ته شريعت موجب به جائز ٿيندو ۽ بدو جي
ناراضگي جو سبب به پيدا نه ٿيندو.

مدينه شريف جي راه تي منزلين جو بيان

مدينه شريف جو شهر مڪه معظمه کان ٻه سَو ڏهه ميل پري اتر پاسي آهي - مڪه شريف کان قافلو ٻارهن ڏينهن مدينه شريف پهچي ٿو - پرين ڏينهن حاجين کي کڻي ٿو روانو ٿئي - اول منزل "مقام شهداء" تي ڪندا آهن جو شهر کان تقريباً ميلن جي مفاصلي تي هڪڙو خلاصو پر فضاءِ خوش هوا ميدان آهي - اتي قافلي جو انتظام درست ڪري ساري سيا لي گڏجي هڪ قافلو ڪري اڳتي هلندا آهن - ٻيو شهر جي منزل ڪوه مڪه کان ٽيهن ميلن جي پاڪ زمين ڪاشي وسري وڃي ٿي ته اُها ڪئي آڻي ڇڏيائين ٻئي منزل "وادي فاطمه" آهي جا شهداء کان اٺ ميل پري آهي - هي آبادي سرسبز وادي آهي جنهن ۾ پاڻي جا جابجا چشما ۽ ڪوه ۽ باغات آهن - شهر مڪه ۾ پاڻي ٻه ڪاري اڪثر اتان ٿي اچي - ڪاڏي بيٺي جي هر شيءِ ملي سگهي ٿي -

ٽين منزل "عسفان" فاطمه وادي کان سوٽهن ميل پري آهي - جتي جو ڏکيو مسافرن جي ڳاڙهي جو آهي پاڻي به اتي ڪار ديگر سامان ڪوهن جنهن پاڻي حاجين کي ملي ٿو -

چوٿين منزل "قضيمه" عسفان کان ٽيهن ميل پري سمونڊ جي ڪناري کي وڃي پاڻي اتي جو به ٻاڙو آهي -

پنجين منزل "رابغ" قضيمه کان سوٽهن ميل پري سمنڊ جي ڪناري تي هڪڙو ننڍو ڳوٺ آهي - هڪڙو حاجين ۽ ڏيڍ سو محدود منجهس آهي - بازار ۽ دڪان جن مان هر قسم سامان ملي سگهي ٿو - تازي مڇي تمام گهڻي اچي ٿي ۽ سستي ملي ٿي - قافلو هڪ ٻه ڏينهن هتي آرام ڪري ضروري سامان سفر جو اتان وٺي پاڻ سان کڻي اڳتي هلندا آهن - سرڪاري آفيسر به موجود آهن - حاجين جي تپاس ته موٽرون لاري مرڪيتا جڏهن ملن آهن - گهٽ وڌ نه آهن ۽ سواري جي ڪهڙي حالت آهي سڀ جانچ ڪري اڳتي وڃڻ جي موڪل ڏيندا آهن -

ڇهين منزل "مستوره" رابغ کان ٽيهن ميل پري ننڍو مختصر ڳوٺ آهي - جا هتي کان ماڻهو پاڻي ملي ٿو -

ستين منزل "بير شيخ" مستوره کان پندرهن ميل پري جبل جي منزل آهي رستي جي بيچ

پاس کان جا آهن جيئن بلسان جا وڻ گهڻا - بدر وي منزل تي سوين بلسان وڻن آهن جد وائٺ ۾ گهڻا ڪرا هجي تي ، قُتن ۽ قبرن لاءِ ، ٻيو واڌي سوين لاءِ لڳي ماڻس تمام مفيد آهي پنهنجي ملڪ ۾ اهيو ٿورن کان تو ٿئي - اصلي سوين بلسان جي علامت هي آهي ته پاڻيءَ ۾ وجهي ته سوڻ يڪدم ترڪي وڃي ۽ شيل پيا پٽيل سب پاڻي تي ترندا آهن ۽ باه ڏئي ته ساوا شعلا ڪريندا - هن منزل کان روح افزا ءِ هوا مدينه شريف جي شروع ٿئي ٿي پاڻي مٺو ۽ ٿڌي هوا گهڻي شروع ٿئي ٿي
اٺين منزل " ابيار بن حسان " بير شيخ کان سورهن ميل پري آهي اهي رهندو ته ڏکيو جبل جي سورهي لڪ مان اهي - هي منزل به آباد آهي گوشت ميڇي ، هندوانا ۽ نارنگيون وغيره ملن ٿيون -
نائين منزل " بير درويش " ابيار بن حسان کان سترهن ميل پري سرسبز آباد منزل آهي پاڻي به سٺو آهي -
ڏهين منزل " بير الماس " بير درويش کان پاڻي جو باڙو آهي -
يارهين منزل " بير علي " بير الماس کان ٻارهن ميل پري آهي مدينه شريف اتان باقي اٽڪل ڇه ميل رهجي ٿو - اصلي نالو انجو ذوالحليفه آهي جتان حاجي موقع ڪري مڪه شريف ڏانهن ايندي جي جو احرام اتان ٻڌندا آهن . مگر معلوم هجي ته بير علي حضرت علي شاه مرتضيٰ ڏانهن منسوب نه آهي . نه ڪا " وادي فاطمه " حضرت خير النساء خاتون جنت ڏانهن منسوب آهي - اهي نالا ڪي پيءُ ماڻهن جا آهن - وادي فاطمه جو اصلي نالو مَرُّ الظَّهران " آهي -
فائده حديث شريف ۾ آهي ته جيڪو ماڻهو ڪنهن منزل تي لهي ۽ هي دعا پڙهي اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّامَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ته انکي ڪوبه ڪجهه ڪين پهچندو - تان جو اتان روانو ٿئي - **فائده** :- مسافري ۾ بر تقدير ڪنهن کي اڄ ۽ ڪنهن کان تڪليف پيدا ٿئي ته اسم سڳورو يَا صَمَدُ ١٣٤ سؤ چونتيه ڀيرا پڙهي ته آرام حاصل ٿيندو ۽ اهڙي طرح درود شريف جيئن الله جو مبارڪ اسم به هي انجي پڙهڻ سان به اڄ لهي ويندي جن

مولاي صل وسلم علىٰ سيدنا محمد وآله وسلم ۔

نماز جي اهميت ۽ اوقات جي پابندي ۔

مٿين ذڪر ڪيل اهم مهم سبب کان ضروري ڳالهه آهي ته باقاعده نماز پڙهڻ ۽ اوقات جي پابندي جو خيال رکجي. اهڙيءَ نه سمجهڻ گهرجي ته اسين هاڻي وڏي سفر تي نڪتا آهيون اسين نماز پڙهڻ کان معذور يا اوقات جي پابندي کان مجبور آهيون ـ شريعت ۾ فرض نماز جي برابر باقاعده ادا ڪرڻ جو تاڪيد سڀني عبادتن کان زياده ۽ سڀني اعمالن کان اهم ۽ ضروري آهي ـ

روز محشر ڪه جان گداز بود — اولين پرسش نماز بود

ڪتابن ۾ صاف صاف لکيو آهي ته جنهن ماڻهن کي يقين ٿئي ته سندن فرض نماز ـ اگرچه هڪڙي وقت جي هجي ـ حج جي سفر ۾ قضا ٿي ويندي ته انهن کي حج تي وڃڻ نه گهرجي ۽ حج جي فرضيت انهن تان ساقط ٿي وڃي ٿي ـ ۽ جيئن ته جيڪو غازي وڃي ۽ جنگ ۾ مشغولي ڪري هڪ نماز هن کان قضا ٿي وڃي ته اهو محتاج آهي سو غزائن ڪرڻ لاءِ ته جيئن هڪ نماز جو ڪفارو ٿئي ـ

خيال ڪري ڏسو جڏهن حج ۽ غزا جهڙن وڏن اسلامي ارڪانن لاءِ نماز قضا ڪرڻ درست نه آهي ته ڏهن زيارت مدينه عاليه يا ٻين اولياءَن جي زيارت واسطي نماز قضا ڪرڻ ڪٿان درست ٿيندي. بلڪ زيارتن جي ثواب کان نماز قضا ڪرڻ جو گناه تمام وڏو ۽ گهڻو آهي ـ افسوس آهي جو ڪي حاجي چاڙهي واري نماز کان چشم پوشي ۽ ٻيلوهي ڪري ٿا هيءُ نهايت عمل باطل آهي ته بعضي ۽ ي سستي ڪري بنا عذر جي شگدف ۾ نماز پڙهندا آهن يا ٻيهر طاقت قدرت هوندي به ويٺي ويٺي پڙهندا آهن يا پاڻي هوندي تيمم ڪندا آهن جو اهڙين صورتن ۾ سندن نماز جائز نه ٿي ٿئي ـ

شيخ علي قاري مناسڪ حج ۾ لکي ٿو ته گهڻا ماڻهو مرد خواه زالون بنا معقول عذر جي رهڻ ۾ ويٺي نماز پڙهندا آهن ۽ هي منهن تنگ پيش ڪندا آهن ته ساڻ انهن وارا لاهي ۾ ڦري نٿا ڏين ڇا ڪريون ؟ لاچار آهيون ؟ مگر اهو انهن جي حماقت آهي جهالت آهي اسلامي احڪامن کان غفلت آهي ـ انهن تي واجب آهي ته ڪرايه ڏيڻ وقت ئي ساڻ شرط ڪن

نه نماز پڙهڻ لاءِ لهڻ تي بيٺا رهي سگهن ٿا باقي امر ۽ شرط نه پورا ڪري سگهن تب اُهي هن ڳالهه سان بدل آهن جو ته هي امر ضروري آهي. ڪنهن ڪي انهي جيترا يا انهي ذريعي جي طاقت ڪانه آهي - انتهيٰ

سنڌ ۾ ماڻهن نه اڳي نماز پڙهڻ ۾ سُست - جنگي بلي ڏينهن ماڻهن ڪي جنهن آهي ته بابا نماز ڇو نٿو پڙهين؟ ته چي ته ڊس ۽ ڪپڙا منهنجا پليت آهن - ڪا تنهنجي منهنجي ڪتاب ۾ پڙهي آهي جي آهي سنڌ عذر ۾ نماز نه پڙهڻ جو ڏڍو جا نهو. باوجود جي ضرورت پاڻي جا دريا، پياوهڻ ڪپڙي پاڪ ڪرڻ پڪا دير ڪان آهي. تنهن هن سبب ڪو ڪو نو ڳولي نماز ترڪ ڪن - حالانڪ نماز جي ڇڏڻ لاءِ ڪو به عذر معقول نه آهي هر حال ۾ پڙهڻ فرض آهي - عذر سان ڀي پڙهجي بنا عذر به پڙهجي پاڪائي هجي يا نه هجي - عذر هجي يا نه هجي - جيڏي جوته اصلاحڪم ڳوهجي وات ڪا هجي - تيمم سان به پڙهجي اشاري سان به پڙهجي - پيٽ تي پڙهجي وهٽ تي پڙهجي - قبله ڏاهن به پڙهجي بغير قبله جي به پڙهجي - لاچاري وقت پليت ڪپڙي سان به پڙهجي جيڏيءَ نه كما هو المسطور في الكتب الفقهية۔

زيارت مدينه منوره جا آداب	ربّ العالمين جي درگاهه تي سر سجود ٿيڻ ۽ ياسين ها رحمة للعالمين جي دربار جي حاضري ضروري آهي. جج ڪان اڳ يا

پوءِ زيارت ڪرڻ درست آهي. مگر امام صاحب جو قول آهي ته جهنتي حج فرض هو اول انهي فرض حج جو ادا ڪرڻ گهرجي پوءِ زيارت تي وڃي ۽ جيڪڏهن حج نفل آهي ته اهو مختار آهي پهرين ڪهجي اهڙو جو رستو مدينه شريف وٽان نه هجي جيڪڏهن مدينه شريف وٽان هجي جيئن طرح شام وارن جو ته ضرور پهرين زيارت ڪندو وڃي - هاڻي بعضي آداب ۽ شرائط زيارت جا ڏيکارجن ٿا. اول ته نيت خالص ۽ اعتقاد صحيح ڪري جو ته سڀني اعمالن جو دارو مدار نيت تي آهي انما الاعمال بالنيات وانما لكل امرءٍ مانوى فمن كانت هجرته الى الله ورسوله فهجرته الى الله ورسوله ومن كانت هجرته الى دنيا يصيبها او امراة ينكحها فهجرته الى ما هاجر اليه. ۽ حضرت جن جي زيارت لاءِ الله تعاليٰ جي رضامندي ۽ سندس حبيب جي شفاعت جو اميدوار ٿي - سنڌ ۾ مسجد شريف

نماز پڙهڻ جو ثواب حاصل ڪرڻ ۽ سندن آثار مبارڪ مان فيض ۽ برڪت وٺڻ ايمان تازو ڪرڻ جي نيت ڪري. ٻيو ڪو به وهم خيال مثلاً هوا خوري جو، ملڪ گهمڻ جو، سير ۽ تفرج جو يا ڪو ٻيو دل ۾ نه رکي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي ته مدينه شريف جي وڃڻ لاءِ آنحضرت صلى الله تعالى عليه وسلم جي زيارت جي خاص نيت مستقل ڪري، جو ته حديث شريف ۾ آيو آهي ته مَنْ زَارَنِي مُتَعَمِّداً كَانَ فِي جِوَارِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۽ ٻي حديث شريف ۾ آهي ته مَنْ جَاءَنِي زَائِراً لَا تُعْمِلُهُ حَاجَةٌ اِلَّا زِيَارَتِي كَانَ حَقّاً عَلَيَّ اَنْ اَكُوْنَ شَفِيْعاً لَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ. ٻيو ته مدينه منوره ڏي جيترو ويجهو ٿيندو وڃي شوق ۽ ذوق عشق ۽ محبت زياده ڪري. سندن زيارت نيڪ بشارتن جي سڪ ۽ سندن آثار مبارڪ جي ديدار جو شوق دل ۾ شعله زن ڪري. حصول وصال مسرت اشتمال جي خوشي ۾ هميشه شادان ۽ فرحان رهي. جيترقدر شوق ۽ محبت سان ڀريل دل ڪيمتور ۽ معمور ڪندو اوترقدر انوار احدي ۽ اسرار محمدي مان ڀرپور فيضياب ٿيندو. ٻيو ته هميشه هر حال ۾ رات جو خواه ڏينهن جو هلندي گهمندي اٿندي ويهندي، وضو جي ياته جي درود شريف ورد زبان جو ڪري. ليڪن جو ضروري ڪم هجي، بيحساب ۽ بيشمار پڙهي. فرض نماز ۽ سنت مؤڪدن کان سواءِ ٻيو سارو وقت صلوٰة سڳوري پڙهڻ ۾ مشغول رهي. جنهن ڪري ته ويندي احرام جي حالت ۾ سيني دعائن ۽ عبادتن کان ليڪ پڙهڻ افضل آهي. تنهن ڪري سڄي سفر ۾ صلوٰة پڙهڻ سيني ورد ۽ وظائف کان افضل ۽ ضروري سمجهي هن بيت تي عمل ڪري.

ميں سو جاؤں يا مصطفےٰ ڪهتے ڪهتے
کهلے آنکهه صل على ڪهتے ڪهتے

صلوٰة سڳوري جا ڪي صيغا اڳتي مذڪور ٿيندا آهن. مان جيڪو صيغو هجي دل تي اثر ڪري ۽ روح کي راحت ڏئي اهو صيغو هر وقت پڙهندو وڃي. اهڙي طرح مولود ۽ مداحون حضرت سرور ڪائنات جيون هجي ٻولي ۾ شوق ذوق سان پڙهندو رهي، ليڪن ڪان نطريق شرعي پڙهڻ گهرجي. جو شوق ذوق ۽ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ اهو ڪارگر علاج آهي.

نه تنها عشق از ديدار خيزد
بسا کين دولت از گفتار خيزد

فارسي نظم ۾ مولانا جامي جو ڪلام نهايت موثر ۽ دلگداز آهي. بي اختيار تير وانگي دل ۾ چبيو وڃي ٿو. ۽ نثر ۾ شيخ عبدالحق محدث دهلوي جو ڪلام تمام رقت آميز ۽ درد انگيز آهي بلڪ سندس سڀ تاليف ۽ تصنيف سوز ۽ گداز مان عشق ۽ محبت مان لبريز آهي. سندس ڪتاب "جذب القلوب الی ديار المحبوب" ته هن صفت ۾ پنهنجو سان هڪ عجيب آهي. چوندو آهي ته مدينه شريف جي جيئن ويجهو ٿيندو وڃي اوترو شوق ۽ غرام زياده ۽ جلد پهچڻ جي ڪوشش گهڻي ڪري ؎

وعدهٔ وصل چون شود نزديک آتش عشق تيز تر گردد

انهيءَ سبب ڪري جڏهن حوالي مدينه طيبه جي ويجها پهچي ته ڏهن ميلن کان ڪڪر ڏسڻ ۾ ايندا. اهو ميدان رحمت جي ٿرن ۽ ٽڪرن کان مسنون آهي ۽ پيادو سگورا جڏهن مدينه شريف جي ڏسڻ ۾ اچن ته پنهنجي سواري کي مدينه جي شوق ۽ محبت مان تيز ڪندا هو. پهچون ته جيئن حضرت جي حضور ۾ سندن شهر جي ويجهو ٿيندو وڃي تيئن خضوع ۽ خشوع، ادب ۽ احترام عجز ۽ تواضع زياده ٿيندا ٿين ۽ وڃي حضور جڏهن شهر جا آثار ۽ منارا نمايان ٿين ته پيرن ۽ منهن مبارڪ تي ٻڌجي سگهن تي نظر پوي ته ان کان هڪدم وهٽ تان لهي پلڪجي لاهي پيرا گهاٽ ڪري ٿوڙا ادب ۽ تواضع عاجزي ۽ نياز مندي سان ٿي هلي هي دعا پڙهي ـ بسم الله ماشاء الله لا قوة الا بالله رب ادخلني مدخل صدق واخرجني مخرج صدق واجعل لي من لدنك سلطانا نصيرا اللهم هذا حرم رسولك فاجعله لي وقاية من النار وامانا من العذاب وسوء الحساب اللهم افتح لي ابواب رحمتك وارزقني من زيارة رسولك صلى الله تعالى عليه وسلم ما رزقت اوليائك واهل طاعتك وانقذني من النار واغفر لي وارحمني يا خير مسئول واڪرم مامول. جيڪو ته مدينه شريف داخل ٿيڻ وقت ياڪم از ڪم مسجد نبوي ۾ وڃڻ وقت غسل ڪري ته ڏاڍو ڀلو آهي ٻيو ڪپڙا پاڪ ۽ صاف پائي يا ڌوئل ڪپڙا ڪري ۽ خوشبوءِ مکي مشڪ هجي ته بهتر آهي. ظاهر ۾ نظافت ۽ لطافت سان معمور ۽ باطن ۾ خوشبو ۽ فرحت سان مسرور ٿي وڃي جنهن جي سعادت ۽ خوش نصيبي تي شادان ۽ فرحان ٿئي ۽ لوازم شڪر محامد نامتناهي حضرت باري تعالى تقدس جا بجا آڻي جنهن هن نعمت عظمى سان هن کي مشرف

ڪيو ۽ هي مبارڪ تحفو ڏيکاريو ـ

خنده روز سعادت مرحبا يوم الوصال — باغ من گل ميدهد امروز بعد از چند سال

ستون سنت آهي ته مسجد شريف ۾ سندن حضرت ۾ حاضري کان اڳي الله تعالىٰ جي
رضامندي لاءِ شڪرانه بجاءِ آڻڻ لاءِ صدقو ڏئي ۽ حسب الوسع ڪجهه خيرات ڪري
سندن حياتي ۾ ته بحڪم يا ايها الذين آمنوا اذا ناجيتم الرسول فقدموا بين يدي نجواكم
صدقة اهو صدقو ڪرڻ ماڻهن تي ضرور هو ۽ پوءِ ضروريت انهيءَ منسوخ ٿي ۽ استحباب جو
حڪم باقي رهيو جو ته حضرت جن جي وفات جو حڪم به حياتي جهڙو آهي . اٺون: نه
حضرت جن جي حاضري ڏيئي ۽ سلام ڪرڻ کان اڳي ٻين دنياوي ڪمن سان مشغول نه
ٿئي ڇو ته ٻين سڀني وڏي زيارت تي وڃي پر جيڪڏهن ڪو تڪ خيال يا عيال جو
انتظار مصيبت ته پلي پوي بغير ضرورت اهو انتظار لاهي حاضر جي سان سگهو آهي
زيارت ڪري . رات تي يا مسجد ۾ ڪو اڻ ماڻهون گڏ جي تنهن سان ملاقات ڪري
جو ضرور نه آهي لاچار ته بغير ضرورت ٿوري گهڻي سلام عليڪ تي اڪتفا ڪري
سندن زيارت کان پوءِ پنهنجي احباب سان هر طرح ملاقات ڪري .

مسئله : زائر کي تڪرار ڪري زيارت لئي وڃي نه گهرجي هنگڻ گهرجي ته صبر
ڪري رات جي وقت خلاصي ۾ ستر ۽ پرده سان وڃي زيارت ڪري ماڻهن جي گوڙ
شور ۾ نه وڃي . نائون: افضل آهي ته مسجد شريف ۾ باب جبريل کان يا
باب السلام کان داخل ٿئي ۽ پهرين ساڄو پير اندر داخل ڪري ۽ هي دعا پڙهي
اللهم صل على سيدنا محمد وعلى آل سيدنا محمد وصحبه وسلم اغفر لي ذنوبي وافتح
لي ابواب رحمتك . ڏهون: ته مسجد شريف جي عمارت جي زيب ۽ زينت ۽
ديوارن جي نقش ونگار ڏانهن توجه نه ڪري جيڪي اتي هو ڏانهن اکيون ٻوٽي خالي
سان هلي يا ورتي جيڪو کان پرهيز ڪري بلڪ ڪمال ادب ۽ وقار سان متانت ۽
اطمينان سان قدم قدم کڻي هلي . يارهون: ته جڏهن مسجد شريف ۾ داخل ٿئي
ته پهرين سندن محراب وٽ وڃي ۽ ٻه رڪعتون نفل تحية المسجد پڙهي . محراب وٽ
نه هجي ته بهشتي روضه ۾ نفل پڙهي . اتي به جاءِ نه هجي ته مسجد شريف ۾ جتي به خالي جاءِ

ملو ڀلي آرامي سان نفل پڙهي پهرين رڪعت ۾ فاتحہ ڪان پوءِ سورة قل يا ايها الڪافرون
۽ ٻي رڪعت ۾ فاتحہ ڪان پوءِ سورة قل هو الله احد پڙهي پوءِ حمد ۽ شڪر الله تعالى
جا بجاءِ آڻي جنهن نعمت عظمىٰ سان هن کي مشرف ڪيو ۽ درگاہ الاهي ۾ دعا گهري
تہ زيارت جي ادابن بجاءِ آڻڻ جي ڪماحقہ توفيق ڏيئي ۽ غير شرعي يا خلاف
ادب وارن ڳالهين ڪان بچائيندو پوءِ اٿي وڃي زيارت ڪري -

مسئلہ :- ڪتابن ۾ لکيو آهي تہ جيڪڏهن باب جبرئيل وٽان مسجد ۾ اچي تہ
تہ روضہ مبارڪ جو پٺيون پاسو ڏي يعني حجرہ فاطمہ ڪان لنگهي مسجد ۾ اچي نفل
پڙهي پوءِ زيارت وڃي ڪري ۽ جيڪڏهن سڌو مواجہ ڪان لنگهڻ ٿئي تہ
پوءِ پهرين ڀي زيارت ڪري صلواتون ۽ سلام پڙهي پوءِ بهشتي روضہ
۾ اچي نفل تحية المسجد جو پڙهي - ٻارهون :- سڌو حضور ۾ حاضر ٿيڻ وقت
سمجهي تہ حضرت جن حال حياتي ۾ حاضر ويٺا آهن ۽ هڪڙو ادنى امتي گنهگار پنهنجن
بد اعمالن ڪان نادم ۽ ناشائستہ اعمالن ڪان شرمسار سڌو حضور ۾ حاضر ٿئي ٿو
باوجود هزارن نالائقين جي روسياهين جي الله تعالى جي رحمت ۾ اميد وار پنهنجي
حبيب ڪريم جي نظر شفقت ۽ شفاعت جو طلبگار ٿي نهايت ادب حيا سان خوف
۽ رجا سان خضوع ۽ خشوع سان ڪنڌ نمائي اکيون هيٺ ڪري هٿ ٻڌي
بيهي - مگر سڌو مواجهہ تي اچي چار پنج گز پنڌ ڪان پري بيهي معتدل آواز
سان نماز طريقي سان نہ تمام وڏي سڏ نہ تمام آهستگي سان صلواتون ۽ سلام عرض
ڪري يعني السّلام عليك يا رسول الله . السلام عليك يا خيرة الله من خلقه
السلام عليك يا حبيب الله . السّلام عليك يا سيد المرسلين وخاتم النبيين السّلام
عليك وعلى آلك واصحابك واهل بيتك وعلى النبيين وسائر الصالحين اشهد
انك بلغت الرسالة وادیت الامانة ونصحت الامة فجزاك الله عنا افضل ما جزى
رسولا عن امته - هي سلام امام نووي پنهنجي ڪتاب "اذڪار" ۾ لکيو آهي . پيو وڌيڪ
جامع ۽ ڪامل هن ڪتاب جي آخر ۾ مناسڪ جي شيخ رحمة الله سنڌي ڪان نقل
ڪري لکجي ٿو - رخصت جي وقت حضور قلب سان اسوڙهن گهرجي - پهرين ڏينهن معلم

پڙهندا رهندا آهن. پر جيڪڏهن اهي صيغا سلام جا ياد نه هجن يا وقت فرصت جو نه
هجي ته بار بار اچڻ وڃڻ وقت نه فقط ايترو چوي ته السلام عليك ايها النبي ورحمة الله تعالى
وبركاته. جو حضرت امام مالڪ کان اهڙي منقول آهي ۽ حضرت ابن عمر جڏهن سنڌن
زيارت لاءِ ايندو هو ته هن هيئه چوندو هو السلام عليك يا رسول الله السلام عليك
يا ابابكر السلام عليك يا اباه. جيڪڏهن ڪنهن ٻي عاشق مهجور دلشڪسته پنهنجو سلام
عرض ڪرڻ ٿو چاهي ته چوي السلام عليك من عبد الله بن محمد حسن القادري في يسلم عليك
ويستشفع بك الى ربه فاشفع له عند المولى العظيم -

سنڌن حضرتن جي سلامن پهچائڻ لاءِ ڪيترا صحابه ڪوشش ۽ اهتمام ڪندا هوا ۽
دور دراز ملڪن تان خاص انهن سلامن موڪلڻ لاءِ قاصد ڪري موڪليندا هوا -
حضرت عمر بن عبدالعزيز پنهنجي پاءِ تخت خلافت "شام" مان خاص انهيءَ ڪم لاءِ قاصد پنهنجي
مدينه شريف ڏانهن موڪليندو هو ۽ حضرت عبدالله بن عمر جو سلام پهچائڻ کان پوءِ
حضرت جن ڏانهن ابوبڪر ۽ عمر ڏانهن ويندا هوندا هو. پوءِ پنهنجي ساڄي پاسي ٿورو
(هڪ قدم جيترو) هٽي حضرت ابوبڪر رضي الله تعالى عنه جي سامهون بيهي چوي ته السلام
عليك يا خليفة رسول الله السلام عليك يا صاحب رسول الله السلام عليك يا ثاني رسول الله
في الغار ورفيقه في الاسفار السلام عليك يا ابابكر الصديق ورحمة الله وبركاته جزاك
الله تعالى عن رسوله وعن الاسلام واهله خير الجزاء ورضي الله عنك احسن الرضا - پوءِ
ٻيهر هڪ وک جيترو هٽي پنهنجي هٽي فاروق اعظم جي سامهون بيهي چوي
السلام عليك يا امير المؤمنين عمر الفاروق السلام عليك يا من اعز الله به الاسلام
والمسلمين السلام عليك يا من اظهر الله به الدين جزاك الله تعالى عن نبيه وخليفته
وامته خير الجزاء ورضي الله تعالى عنك. پوءِ حضرت جن جي سيراندي پاسي کان
اچي سنڌن قبر ۽ اسطوانه جي وچ ۾ قبلي جي سامهون بيهي حمد ۽ ثنا صلوات ۽ سلام
جنهن پنهنجي واسطي پنهنجي ماءُ پيءُ جي واسطي پنهنجي دوستن ۽ مشائخن جي واسطي دعا
گهري ۽ حضور جن جي شفاعت طلب ڪندي ايئن چوي ته اللهم انك قلت وقولك
الحق ولو انهم اذ ظلموا انفسهم جاؤك فاستغفروا الله واستغفر لهم الرسول لوجدوا الله

سنڌن حضرت جن سلامن لاءِ ڪوشش ۽ اهتمام

تو ابا رحيما وقد جئناك ظالمين لانفسنا مستغفرين من ذنوبنا مستشفعين بك الى

ربنا فاشفع لنا الى ربك واسأله ان يميتنا على سنتك وان يحشرنا فى زمرتك وان

يورِدنا حوضك وان يسقينا بكاسك غير خزايا ولا نادمين رب اغفر لنا ولاخواننا

الذين سبقونا بالايمان ولا تجعل فى قلوبنا غلا للذين اٰمنوا ربنا انك رؤف رحيم

زيارت کان فارغ ٿي روضهٔ شريف وٽ بيهي ۽ درود شريف ۽ دعا ۾ بيان مشغول ٿئي - اي عاشقان جمال احمدي سندن زيارت نبوي بشارت جا ڪجهه لوازم ۽ آداب انهن ۾ معلوم ڪري آيا جنهن بجاءِ آڻڻ انهن سڀني لاءِ لازم آهي - هاڻي جيڪي ڳالهيون خلاف ادب يا ممنوع ۽ غير مشروع آهن اهي به معلوم ڪري انهن کان احتراز ۽ پرهيز ڪريو. مٿان اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻ بجاءِ مرڳو گناهه ۽ وبال ۾ وجي پئو - ڪي نه روضه شريف جي در ۽ ديوارين کي هٿ لائي پيشاني ۽ منهن ملڻ چاڻي لڳائڻ پنجره سڳوري کي چمڻ ڏيڻ بعضي ماڻهون ڪارِ خير ۽ فعل ثواب سمجهندا آهن علامت شوق ۽ نيازمندي جا اظهار ڪندا آهن - حالانڪ اهو ڪم خلاف ادب ۽ غير مشروع آهي شريعت ۾ انهي منع ٿيل آهي - قاضي عياض مالکي "شفا" ۾ شيخ عبدالحق محدث دهلوي جذب القلوب ۾ شيخ رحمت الله سندي مناسڪ ۾ شيخ علي قاري انهي شرح ۾ انهي تصريح ڪئي آهي ۽ سڀني ڪتابن ۾ اهو مسئلو موجود آهي - اهل علم ۽ عقل جا اهڙيون ڪون ڪندا آهن باقي عوام ماڻهن جي عمل کي ۽ جاهلن جي فعل کي اعتبار ڪونه آهي - سچا پڪا عقيدتمند ڪيئن ادب ۽ نياز غريب نه سندن بساط قرب ۽ حضور ۾ پهچي پير رکڻ ۽ سندن حضور ۾ ويجهو ٿي وهڻ جو به پاڻ کي لائق نه سمجهندا آهن جيجا ٻيڪ پنجره کي چمڻ چنبڙڻ ۽ چمي ڏيڻ جا ظاهر ظهور بي ادبي ۽ گستاخي آهي - حضرت والد صاحب مدظله کان ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته اسانجو ڏاڏو حضرت خواجه عبدالرحمن صاحب قدس سره جڏهن حرم شريف ۾ ويندا هوا نه مسجد ۾ داخل ٿي دست بسته باادب بيهي ڪري بيهي رهندا هوا ۽ پوءِ الاهي جواني دروازه وٽ ويهي رهندا هوا روضه شريف کي ويجهو ٿي خاصان حضور ۽ مقربان بارگاه وانگي وهڻ جي جرأت ڪانه ڪندا هوا سچ چيو اٿن دوران باخبر از زندگيان بي بصر

هجي ته اهو وقت هو جو اجهان حڪومت جي طرفان سخت ممانعت ڪان هئي - هاڻي
جڏهن حڪومت جي ممانعت آهي ۽ سياهي خاص طرح ماڻهن کي مجلس ۾ رکڻ لاءِ بيٺا
آهن - ٻيو ته خواه مخواه غير شرعي حڪم ته ڪجهه به ٻارن کي به عزت ڪجهه ماڻهن ۾ فضيلت
۽ داناڻي آهي - باقي مجهه کي طواف ڪرڻ يا قبر شريف کي سجدو ڪرڻ ته اهڙي ڪا ن
۽ قباحت هي ته انهن ۾ ممانعت ۾ شدّ آهي - جو اهو فعل خاص ڪعبة الله شريف سان
عبادت الله تعاليٰ سان آهي ٻين ولين يا نبين جي مزارات مقدسه تي ڪرڻ بالڪل منع
آهي - خود سنڌ ۾ حياتي ۾ بعضي اصحابن ڪن سجدو ڪرڻ جي موڪل گهري جنهن
ٻين بادشاهن کي ماڻهو سجدو ڪندا آهن - پاڻ مڪو ۽ ن فرمايو ته الله کان سواءِ ٻئي کي به ڪو
سجدو ڪندو - جيڪڏهن ته هئڻ حضور جن فرمايو هينئن ته "اليوم ته ڪري ٻيڪڙ ڪهڙو
سجدو ڪي ڪنهن کي جائز ٿئي ها ته آءٌ زالن کي امر ڪريان ها ته ٻني مردن کي سجدو
ڪن ها - ادب اهو آهي جيڪو شرع شريف مقرر ڪيو آهي - خلاف شرع جي ادب
ادب نه آهي بلڪ غضب آهي - محبت ٻي اها آهي جو محبوب جي فرمانبرداري ڪري ۽
سندس حڪم هيٺ جيئي وهه ته وهه هيٺ رڄ ته رڄ نه ڪهڙا ڪهڙا ڪان سرڪشي ۽ مخالفي
ڪري ۽ هجي ٻي اي ٻي هلي قل ان ڪنتم تحبون الله فاتبعوني يحببكم الله صريح نص
قرآني موجود آهي - انسان پنهنجي عمل ۾ بالڪل آزاد ۽ خود مختيار نه آهي ته جيڪي
سندس دل کي وڻي اهڙين ڪري ۽ جنهن سندس فڪر ۽ خيال ۾ اچي اهڙي هلي - اهڙين
هجي ها ته نبي جو مبعوث ٿئي ها ۽ خلق جي رهبري لاءِ قاعدن ۽ قانونن جا خدائي ڪتاب
جو نازل ٿين ها ۽ بلڪ انسان جي هر قسم عمل تي دسي هجن خواه دنياوي يا ٻئي مذهبي
عائد آهن ۽ حدون مقرر آهن - اٿڻ ويهڻ - ڳالهائڻ ٻولڻ - کائڻ پيئڻ - هلڻ چلڻ
ڏسڻ وائسڻ سڀ ڪم شارع جي مرضي موافق هوندا ۽ شريعت جي حدن اندر محدود هوندا
ته مقبول ۽ محمود آهن نه ته باطل ۽ مردود -

گر حکم شرع آب خوردن خطاست — دگر خون بفتوی بریزی رواست

اهڙي طرح قبرن جي زيارت ۽ اولياءُن جي تعظيم ۾ (خواه اهل حياتي جا هجن خواه
اهل مماتي جا) شرع جي حدن اندر عمل ڪرڻ گهرجي - بيشڪ جيڪي خدا تعاليٰ انهن معزز

معظم آهن. انهيءَ عزت ۽ تعظيم ساڻن واجب آهي. مگر نه اهڙي طرح جيئن هندستان
جي عوام ٻانڌي هر معاملي ۾ بلڪل آزاد ڪري سمجهيو آهي ۽ اوليائن جي مبارڪ
زيارت گاهن تي اهي ناجائز ڪم ڪندا رهن ٿا قولا وعملا واعتقادا جو شرعا خواه
عقلا نهايت مذموم ۽ ناپسند آهن. شرح مناسڪ شيخ علي قاري ۾ آهي ته ولا
يمس عند الزيارة الجدار ولا يلصق به ولا يطوف لان الطواف من مختصات الكعبة
المنيفة فيحرم حول قبور الانبياء والاولياء ولا عبرة بما يفعله العامة الجهلة ولو كانوا
في صورة المشائخ والعلماء ولا ينحني ولا يقبل الارض فانه كل واحد بدعة واما السجدة فلا
شك انها حرام فلا يغتر الزائر بما يرى من فعل الجاهلين بل يتبع العلماء العاملين ولا
يستند الى القبر المقدس ولا يصلي اليه ولا يمر به حتى يقف ويسلم ولو من خارج المسجد وجڏهن
ٻيو حضور شريف ۾ وڃن ٿا معلم حاجين کي زيارت ڪرائڻ لاءِ دفتي اٿيندا آهن
دعائون پڙهائڻ لاءِ ۽ سلام عرض ڪرڻ لاءِ آڻي بيهاريندا آهن. تڏهن تمام بلند آواز
سان دعائون پڙهائيندا آهن حالانڪه ڪان اڳي ۾ ٻيا معلم ٻيا دعائون پڙهائيندا
آهن ۽ هرهڪ معلم سان ڏهه ويهه ماڻهون هنن کي ٽولي ۾ هوندا آهن. هيترن
ٽولين ۽ هيترا ماڻهون جي ٿيڻ ۽ ڀي هنجا آواز بلند ڪندا آهن ۽ گنبذ جي فضا ۾ جهڙي
سڀني صداون بلند ٿي پيون ٿيون تڏهن هڪڙو وڏو غلغلو پيدا ٿيو پوي ٿو حالانڪ
سندن حضور ۾ بلند آواز ڪرڻ جو خود ڪلام الله شريف ۾ جابجا سخت ممانعت
آئي آهي. هڪڙي هنڌ آهي ته يا ايها الذين امنوا لا ترفعوا اصواتكم فوق صوت النبي
ولا تجهروا له بالقول كجهر بعضكم لبعض ان تحبط اعمالكم وانتم لا تشعرون ٻي هنڌ آهي
ته ان الذين ينادونك من وراء الحجرات اكثرهم لا يعقلون.

حضرت امير عمر هڪڙي ڏينهن مسجد نبوي ۾ ڪن ماڻهن کي وڏي سڏ ڳالهائيندي
ڏٺو تنهن تي گهرائي پڇيائين ته توهان ڪٿي جا رهندڙ آهيو. چيائون ته بني ثقيف قبيله مان
طائف جا رهندڙ آهيون. حضرت امير عمر چيو ته جيڪڏهن توهان هن شهر مڪه
مدينه جا هجو ها ته اڄ توکي درو سان ماريان ها مگر خير توهان اجنبي ماڻهون آهيو جي
ملڪ جي مسجد جي ادب کان اڻ واقف آهيو. تڏهن توهان کي ڇڏيان ٿو خبردار هن مسجد ۾

۾ بلند آواز ڪرڻ نه گهرجي. ڪاش اڄ به حضرت امير عمر جيئرو هجي ته فرمائي ته
اهڙن بي ادبن کي سزا تهذيب ۽ ادب جو سيکاري ۽ خود حضرت امير عمر هن آيت
نازل ٿيڻ کان پوءِ حضرت جن سان اهڙو آهسته عاجزي سان ڳالهائيندو هو جو ٻيهر
سگهو پڇي سمجهڻ کان پوءِ سمجهندا هوا ته ڇا چيو - نقل آهي ته هڪ اصحابي سگهو ٻيهر
ٻوڙو هو ڪچهري ۾ سڀ کان ويجهو ويهندو هو ۽ طبعي آواز بلند هوس. سو هن آيت نازل ٿيڻ
کان پوءِ گهر ويهي رهيو ۽ سندس حضور ۾ ڊپ کان ايندو ڪون هو ته
متان وڏي سڏ ڳالهائي منهنجا عمل نه ضايع ٿين. پوءِ سگهوري هنجي پڇا ڪرائي ٿي تڏهن
هنجي ٻڌاءِ تڏهن جو انهي عذر پيش ڪيو. پوءِ حضرت جن هن کي دلداري ڏني ۽ درجهٔ شهادت
جي ۽ بهشت جي بشارت ڏني - انهيءَ مان معلوم آهي ته حضرت جن جي وفات کان پوءِ سندن
اهو سڳيو ادب ۽ احترام لازم آهي جو حال حياتي ۾ هو. شريعت ۾ هڪ ورد وظيفو
۽ سڀ ڪا دعا اهڙي بلند آواز سان پڙهڻ جنهن ڪري حاضرين کي پريشاني ٿئي
هنجي جمعيت ۽ آرام ۾ خلل پوي يا هنجي نماز ۽ تلاوت ۾ تشويش پيدا ٿئي، اها حرمت
ممنوع آهي جنهن جاءِ تي ته ضرور احتياط ڪرڻ واجب آهي شيخ علي قاري شرح مناسڪ ۾
لکي ٿو. اي حال الاحرام في مسجد مكة الظاهر انه من غير رفع صوت مبالغ فيه تشويش
على المصلين والطائفين فان ابن الضياء من علمائنا صرح بان رفع الصوت في المسجد
ولو بالذكر حرام آهي ۽ خود حضرت جن پاڻ انهن ماڻهن کي جن بعضي سفرن ۾ ذڪر
۽ دعا سان آواز تمام بلند ڪيو هو ته فرمايون اربعوا على انفسكم فانكم لا تدعون اصم ولا
غائبا انكم تدعون سميعا قريبا يعني ڌيرج ڪريو ۽ هلڪائي ڪريو پنهنجن نفسن تي جو ته
تحقيق اوهين سڏ نٿا ڪريو ٻوڙي جي يا پري هجڻ کي بلڪ سڏ ٿا ڪريو ٻڌندڙ کي جو
(نزديڪ) ويجهو آهي انهن ماڻهن کي كما قال سبحانه وتعالى ونحن اقرب اليه من حبل الوريد -
نقشو ته بهشتي روضه جو داخل ٿيڻ لاءِ ۽ مسجد نبوي ۾ خاص جاءِ ورتل لاءِ بعضي نه لاءِ
حاجي زور زبردستي ڪري سوڙهه سگهوڙو ماڻهن جي وچ ۾ اچي وهن صفن کي
چيري ماڻهن کي لتاڙي - مومن جي متاءِ الڪعبي اهڙا بي خيالي بي پرواهي جي
جن ته سندن بادشاهي ۽ حڪمراني جي دربار آهي - هي ظلم - هي بدخلقي جي عجيب

انداز. هي جا برانداز ۽ عمل جا جي واسطي ڪرڻ جا آهن ٿا - علاوه انهي هيئت دومي
جي فضيلت - صفِ اول جو ثواب - مقامات متبرڪه جو قرب ۽ شرف حاصل ڪريون -
اها خبر پئي آهي ته هڪڙي فضيلت ۽ هڪڙي صورت ثواب جي حاصل ڪرڻ لاءِ
مؤمن جي ايذاء ۽ دل آزاري جا جيترا گناهه ڪيترا وبال پاڻ تي کڻن ٿا لانکي
هڪڙي مؤمن جو دل کوهڻ سوين ثوابن کان زياده گناهه آهي - جيڪڏهن اوهان کي
ثواب حاصل ڪرڻ ۽ پهرين صف ۾ جاءِ وٺڻ جو خيال آهي ته جيڪڏهن اول وقت ۾ اچو
سان. تهذيب ۽ متانت سان پهرين اچي ويهي جاءِ وٺو. پيلا چو سيني کان پوءِ دير
سان ۽ پيش قدمي ڪريو ۽ مسلمانن پرايون جايون والاري وٺو. هڪڙا اوري
چاليهن جو مصلو پاڻ کنيو ڪيرڙو جا ٻئي جاءِ تي پنهنجو قبضو ڄمايو ۽ پاڻ هيڏانهن
هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ وڃن. جيڪڏهن ٻيو مسلمان اچي انهي جاءِ تي ويهي ٿو ته
سان وڙهڻ اچن. گويا هن زرخريد ڪري اها جاءِ دڦ ڇڏي آهي -
جوتن ڳاڙهه جا سبب کان وڏي مشڪل ۽ سڀ کان زياده تڪليف ده آهي سلا
سالن جي آهي اها اهڙي عام مصيبت آهي جنهن کان ڪو ماڻهو ڇٽي نٿو سگهي -
انهن هين اهان سر متي حضور شريف ۾ وڃي ڇهندا آهي ڪوئي دعا گهرندا آهن
تي ڇاڻ انهن کي ٿري اينده ڪوهڻ مان جهليندو ۽ ته ڪو دامن ڇڪيندو ته
ڪو پنهنجي تقرير شروع ڪندو. اهڙي نازڪ موقعه تي جتي ماڻهن پاڻ ۾ حضور
قلب سان گهڙي پهر دنيا ڪريان ۽ پراگنده خيالات کان يڪسوئي پنهنجي محبوب
ذات ۾ متوجهه ٿيا آهي اچي ماڻهن کي جهليندا ۽ خاطر پريشاني ڪندا
جيڪڏهن اتان هلو هي ڪري پري وڃي مسجد جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ وهندا ته
وري بيا سوالي اچي اتي سوٽ هو ڪندا وري مشڪل هي ته جيڪڏهن ڪٿي هڪڙي
ڪي ڪهجهڙ ڏنو ويو ته هجوم ڪري ڇڙهي ويندا نيٺ ته پوليس وارا اچي هڪلي ڇڏائيندا
پاڻ ۾ پنهنجي جند ڇڏائيندا. افسوس آهي جنهن معلم تهذيب و اخلاق سڄي دنيا کي
سچو تهذيب ۽ تمدن جو سيکاريو جنهن علم ۽ ادب جا مشعل مشرق ۽ مغرب ۾ روشن
ڪيا پنهنجي ديار ۾ پنهنجي مسجد ۾ پنهنجا اولاد پاڻ کي سڏائي وري اهڙا غير مهذب فعل؟

ناشائسته طرز عمل جو ڪجهه نعوذ بالله منه.

حضرت جن تي پنهنجي اولاد تي صدقو وٺڻ به الي يوم القيام حرام ڪري ڇڏيو جيئن سڪ سوال ڪرڻ سندن اولاد جي شان شرف اعليٰ آهي. پر ڪن اڄ ڏني امتي ڪي به سوال ڪرڻ لاءِ منع فرمايون ۽ اهڙي ذليل ترين ڪسب معاش کي سختي سان رد ڪيائون ۽ پنهنجي ٻارن پڙهڻ لاءِ ڪوشش ڪيائون.

نقل آهي ته هڪ ڀيري ڏينهن سندن حضور ۾ ڪنهن سائل انصاري اچي سوال ڪيو. پاڻ پڇيائونس ته تو کي گهر ۾ ڪجهه شئي موجود آهي؟ چيائين فقط هڪ ٽاس جي ٿيڙي جنهن کي بعضي وڇايون ٿا بعضي اوڙهيون ٿا ۽ هڪ پيو وٽو آهي جنهن ۾ پاڻي پيئون ٿا. فرمايون وڃي اهي ٻئي شيون اچي آڻي حضور ۾ حاضر ڪيائين. پاڻ پنهنجن اصحاب کان پڇيائون ته ڪير هي ٻئي شيون خريد ڪندو؟ حاضرين مان هڪ ڀيري چيو آئون هڪ درهم ۾ خريد ڪندس. فرمايون ڪو وڌ ڏيندو. ٻئي عرض ڪيو آئون ٻن درهمن ۾ خريد ڪندس. ته ٿنهن کي اهي ٿيڙ ڏني ۽ ٻه درهم اهڙا وٺي سائل کي ڏنا ۽ فرمايون ته هڪ درهم سان وڃي پنهنجي عيال جو قوت خريد ڪر ۽ ٻيو درهم کڻي بازار مان ڪهاڙي وٺي اچ. هو ڪهاڙي وٺي آيو پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان ان ۾ ڳن وجهي ڏنو ۽ فرمايون وڃي جهنگ مان ڪاٺيون ڪري بازار ۾ وڪرو ڪر ۽ ٻي پندرهن ڏينهن تو کي ڪا نه ڏسان. هو شخص سندن حڪم موجب ڪاٺيون ڪري وڪڻڻ لڳو. تو پندرهن ڏينهن ۾ ڏهه درهم ڪمائي ورتا ۽ تنهن مان ڪجهه ڪپڙو ۽ ڪجهه طعام وٺي آيو ۽ پو حضور ۾ آيو پاڻ سڳورن ان کي فرمايو ته هي ڪم تو لاءِ بهتر آهي جو ماڻهن کان سوال ڪرين. جيڪو سوال تنهنجي منهن تي داغ آهي جو تنهنجي منهن تي قيامت جي ڏينهن هوندو.

شهر مدينه جي گذشته ۽ موجوده حالات

مدينه شريف جو اصلي نالو يثرب آهي. پاڻ سڳورن جي هجرت ڪري اچڻ کان پوءِ ان جو نالو مدينه يا مدينة النبي پيو. ٻيا به گهڻيئي لقب ۽ نالا لڳايا ويا آهن مگر سڀ کان مشهور معروف ۽ سهڻو نالو مدينه آهي.

معجزهٔ شق القمر کا ہے مدینے سے عیاں ۔ مہ نے شق ہو کر لیا ہے دیں کو آغوش میں

مدينو شريف تمام قديمي پراڻو شهر آهي. تواريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلام جي آغوش ۾ اچڻ کان اڳي ڪي ٽي دور اهڙا ويا آهن ته ٽن قومن جي سلطنت ٿي گذري آهي - پهرين هيءُ شهر عمالقه آباد ڪيو آهي ۽ انهن جو سلطانو ٿيو آهي. عمالقه اولاد عملاق بن ارفخشد بن سام بن نوح جا آهن. طوفان نوح کان پوءِ فقط اسي ماڻهون ڪشتي مان سلامت نڪتا جن ”بابل“ ۾ توطن اختيار ڪيو ۽ انهن جي توالد تناسل مان نسل انساني گهڻو پيدا ٿيو ۽ ملڪن ۾ پکڙجي ويا ۽ ڪيترا مختلف ٻوليون پيدا ٿيون. انهن مان سام جي اولاد عملاق بن ارفخشد حجاز ۾ توطن اختيار ڪيو ۽ عربي ٻولي وضع ڪيائون. ٿوري وقت ۾ انهن جي نسل ۾ انهن ملڪ ۽ دولت ترقي ڪئي. تا آنڪه بحرين، عمان، حجاز، شام، مصر انهن جي تصرف ۾ آيا ۽ مصر جا فرعون ۽ شام جا جبابره انهن جي نسل مان پيدا ٿيا ۽ ملڪ ۾ بغاوتون سرڪشيون ڪفر ۽ فساد جا بنياد شروع ڪيائون. جڏهن حضرت موسيٰ ملڪ شام جو فتح ڪيو، فرعون غرق ۽ ڪنعاني هلاڪ ٿيا پوءِ وڏو جرار لشڪر تيار ڪري عمالقه جي سرڪوبي لاءِ حجاز روانو ڪيو. حجاز ۾ حضرت موسيٰ جو لشڪر غالب آيو ۽ عمالقه کي برباد ڪيو. انهن جي جاءِ تي بني اسرائيل جاءِ نشين ٿيا ۽ يهودي دور جو شروع ٿيو. يهودين مدينه عاليه ۾ توطن اختيار ڪيو. خيبر ۽ آس پاس مدينه جي وڏا ڪوٽ ٺاهيائون ۽ پڪا ڪوٽ اڏايون. باغ ۽ زمينون آباد ڪيائون ۽ حضرت نبي آخر الزمان جون صفتون ۽ مدينه ۾ سندن هجرت ڪرڻ ۽ رهڻ جا احوال توريت مان معلوم ڪري سندن بعثت جا هميشه منتظر ۽ سندن شرف صحبت وخدمت حاصل ڪرڻ لاءِ خواهشمند رهندا هوا مگر جي وقت انهن اولادن کي اهڙيون وصيتون ۽ نصيحتون ڪري ويندا هوا - هوڏانهن ورهيه يمن ”جو ملڪ يعرب بن قحطان جو اولاد“ صنعا هو سي به سرڪشي ۽ طغياني ۾ ڪاهي پيا انهن تي عذاب الاهي نعوذ بالله منه سيل جي صورت ۾ نازل ٿيو جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ آيو آهي فارسلنا عليهم سيل العرم انهن ذريعن ۾ انهن جي ميان مڪر وڏي شرف ناڻي عمرو بن عامر هو سو انهن جا

مدينه ۽ عمالقه

مدينه ۾ يهودين جو اچڻ

ٽيون دور اوس ۽ خزرج جو — بني قريظه ۽ بني نضير سان مخالفت

ٽڙي پکڙي سميت يمن مان نڪري ٻين جاين تي وڃي رهيا. سندن ٻچن مختلف شهرن ۾ توطن اختيار ڪيو. انهن ۾ "ثعلبه" ۽ عمرو بن عامر جا اوس ۽ خزرج جو پٽ هو ۽ انصارن جو "مورث اعلى" وڏو ڏاڏو ٿئي ٿو. سندس اولاد سان مدينه شريف اچي رهيو ۽ يهودن سان توطن اختيار ڪيو. ٿورو ئي وقت ڪان پوءِ اهي ٻه زور ور ٿي ويا ۽ ترقي ڪري هڪ وڏا قوم اوس ۽ خزرج جي نالي سان مشهور ٿيو. آخر يهودين جي ٻن وڏن قبيلن "بني قريظه" ۽ "بني نضير" سان انهن جي مخالفت شروع ٿي پاڻ ۾ فساد ۽ خونريزي جو بازار گرم ڪيائون. يهودي زوروارا ملڪي معاملن ۾ هوا - اوس ۽ خزرج تي جيائين جو دائرو تنگ ڪيائون - انهن ڏٺو ته سندن قبيله مان ابو جبله شام جو زبردست طاقتور بادشاه هو ته يهودين جي مظالم جي شڪايت ۽ فرياد ابو جبله وٽ وڃي ڪيو ۽ فريادرسي لاءِ دادخواه ٿيا ته سندن مدد لاءِ هن جو لشڪر هو ڪلي يهودين جي ظلم کان هنن کي ڇڏايو ۽ يهودين کي شهر مان تتر بتر ڪيو - مدينه شريف جي گرد نواحي ۾ اوس ۽ خزرج کي دها ڪيو. يهودي مغلوب ۽ هو غالب ٿي هلندا آيا - اهڙي طرح يهودين جي تسلط جو خاتمو ٿيو ۽ ٽيون دور هنن جي تسلط ۽ حڪمراني جو شروع ٿيو - هر قسم تنعم ۽ عيش عشرت سان وقت گذاريندي آيا - انسان جنهن وقت ۾ دولت ۽ مال مالامال ٿئي ٿو ته ان طرح سخر ۽ ڪامران رهي ٿو طبعا سرڪشي ۽ فساد لاءِ آماده ٿئي ٿو.

اوس ۽ خزرج جي پاڻ ۾ عداوت

آخر هنن ٻن پاڙن يعني اوس ۽ خزرج جي ۾ پاڻ ۾ خانه جنگي شروع ٿي ۽ سندن نزاع جنگ ۽ خونريزي جي صورت ۾ هڪ سئو ويهن[١٢٠] سالن تائين پاڻ ۾ هلندو آيو - تانجو نيّر اسلام هنن تي طلوع ڪيو هنن جي دلين اسلام جي نور سان منور ٿيون ۽ صدها سالن جي دشمني محبت ۽ اتفاق سان بدلجي وئي - حضرت جن جي طفيل پاڻ ۾ شير و شڪر ٿي ويا دائره اسلام ۾ داخل ٿي حضرت جن جا سچا وفادار ۽ جان نثار حلقه بگوش غلام ٿي رهيا حضرت جن جي قدمن مبارڪن تي پنهنجا تن. مال اولاد ۽ عيال قربان ڪيائون - دل و جان سان مددون ڏنيون - اهڙي طرح مدينه شريف جي سعادت خوش

چوٿون دور اسلام جو

نصيبي جو چوٿون دور مسلمانن جي هٿ آيو جو اڄ تائين قائم آهي ۽ انشاء الله تعالى

قيامت تائين قائم رهندو .

فضائل انصار مٿي انصارن جي مدح ۾ جيڪي آيا سي "جن جا ڄڻ عالي ڙ ٻائي كيئي ۽ دل وڏان سان مدد ون ڏينون" اجو ڪي اصطلاح ۾ اهي الفاظ اهڙا موقعي ۾ روا جي ٿيڪيءِ ڪلام خاص ۽ عام ٿي ويا آهن جو ٻائي الفاظن کان سواءِ معني جا محتاج نه آهن - افسوس آهي جو اسان کي ٻيا الفاظ اهڙا اهڙا ڦٽا اهڙن جي سان صحيح طرح سندن ڪرامتن ۽ جان نثارين جي ترجماني ڪري سگهون تنڌهن سندن بعضي واقعات مثال طور پيش ڪريون ٿا - معلوم هجي ته انصارن جي مهمان نوازي ۽ غريب پروري مورو ڏني ذات هئي - ڪڪيوانڙ نه ٿنڌهن جون جو باد شاه مدينه تي لشڪر ڪاهي آيو هن ۽ حملا ور دشمن جو مقابلو شروع ڪيو ۽ جنگ جدال جي بازار گرم ٿي - تنڌهن هن قبيلا انصارين جا ڪيترا هوا جو ڏينهن جو خوب هن سان ۽ سرهيدان ۾ ڏآڙ مان ڪندا هوا ۽ هڪ ٻئي کي مار ڏيندا هوا ۽ رات جو هار ڏيندا هوا جڏهن رات ٿيندي هئي تنڌهن مان ڪيترا ڪري دشمن جي ڪئمپ ۾ موڪليندا هوا ۽ هنن مان ڪاڻ ڪيئن هوا جو ته - هي پرديسي ماڻهون اسانجي ملڪ ۾ مسافر ٿي آيا آهن - هنن کي مان ڪاڻ اسانجو اخلاقي فرض آهي - هي ته هو ماڻهو جاهليت جو - جڏهن هو اسلامي رنگ ۾ رنگجي ويا - اسلامي اخلاق ۽ آداب هنن جي دلين تي پرتو افگن ٿيا - تنڌهن هنن جو ذاتي ۽ مورو ڏني جوهر هيڪاري چمڪي نڪتو ۽ خوب جلوه افروز ٿيو - حضرت جن جي اچڻ کان اڳ ٻن ٽن جماعتن هن جي ڏ مڪه شريف ۾ اچي شرف بہ اسلام ٿي ويا هوا - پهرين سال ڇهه ڄڻا ٻئي سال ٻارهن ڄڻا ٽئين سال يعني تيرهين سال بعثت جي تيهتر ماڻهون داخل اسلام ٿي حضرت جن سان بيعت اسلام ۽ توحيد ۽ نصرت جي ڪيائون ۽ حضرت جن کي مدينه شريف ۾ اچي لاءِ اصرار ۽ هر طرح مدد ڏيڻ لاءِ اقرار ڪيائون "جنهن کي "بيعة العقبه" جو نالو آهي - مگر حضرت جن في الحال هنن سان هلڻ قبول نه ڪيو ۽ امر الاهي جا منتظر رهيا - هيڏانهن وري ڪفار مڪه جون ظالمانه ڪارروايون حد کان ٻاهر ٿي ويون ۽ حضرت جن جي قتل ڪرڻ لاءِ ٻڪا منصوبا ٻڌائون -

انصار جي مهمان نوازي

مدينه شريف ڏانهن هجرت ڪرڻ

حضور جن کي درگاهه الاهي مان هجرت ڪرڻ جي موڪل ملي ۽ پاڻ مدينه شريف ڏانهن روانا ٿيا. جنهن جو مفصل بيان ڪتب تواريخ ۾ موجود آهي. حضرت جن جي تشريف فرمائي کان اڳ ۾ ئي ڪي صحابي ڪافرن جي ايذائن ۽ ظلم کان تنگ ٿي سڀ ڪجهه ڇڏي مدينه ڏانهن هجرت ڪري ويا هوا. ڪي ويچارا ته ٻيو ڪجهه به نه کڻي آيا جن پنهنجو عزيز وطن، ٻار ٻچا، مال متاع، ڏنو ڇڏي ته رب جي پٺيان پروانا روانا ٿيا ۽ مدينه شريف ۾ بي سرو ساماني جي حالت ۾ اچي پهتا. انصارين جو اهو ٿورو موقعو هو انتقالي کان ڪي گهر ٻار جيون ملڪيون باغ باغيچا ويون ۽ هنن کي جان مال

ڀائپيءَ جو رشتو قائم ڪرڻ

۽ مالي جاني قرباني ڪرڻ جو موقعو مليو. هنن نوواردن مهمانن کي پنهنجي دل ۽ جان ۾ جاءِ ڏني. پنهنجي گهرن ۾ ٽڪايو پنهنجي زمينن، پنهنجين ملڪيتن ۾ هنن کي ڀائيوار ڪيو. حضرت جن مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ رشته اخوت ۽ ڀائيچاري جو قائم ڪيو. هڪ هڪ غريب نادار مهاجر کي هڪ هڪ آسوده حال انصاري جي حوالي ڪيو ته ڀائيچاري ۽ برادريءَ جي زماني جي منتظر ٿي جمع خرچ جي بدران هو عملي صورت ۾ ان جو ثبوت پيش ڪن. هنن پنهنجن ڀائرن کي حقيقي ڀاءُ ڪري سمجهيو، پنهنجو مال ورهائي اڌو اڌ ڪري ڏنو. جيڪي گهر، جيڪي زمينون ۽ باغ ورهائي ڏنا، اهو جنهن کي

اخوت ۽ مساوات جي خالي دعوى

پهريون هيون ته هڪڙي ڪلاڪ جي ملڪيت، پر هنن مهاجر ڀائرن کي پڻ ڏنيون. ايمان اهڙو حد تي ڪامل هو جو نه فقط ايترو ڪيائون پر اسلامي ڀائرن کي حقيقي ڀاءُ وانگي وارث ٿيندو هو ۽ فوتيءَ جي متروڪه مال ملڪيت ۾ برابر حصيدار ۽ حصي دار ٿي رهندو هو. اهڙي هئي اخوت ۽ اسلامي برادري نه اڄڪلهه وانگي جا رسمي اخوت ۽ مصنوعي مساوات جو ٻه ٽي رنگين ٻلا بازار مان خريد ڪري هڪڙي ٻئي جي سيني تي ٽنگيو ڇڏيائون. دعوى اخوت ۽ مساوات جي ڪئي. هنن بازار مان بلا خريد ڪري ڪوٽ تي لڳايا، ليڪن سچ پچ اسلامي اخوت ۽ مساوات جو عملي ڪم ٿي ڏيکاريو ٿا. هي هو سنڌن نمونو مالي قرباني جو.

انصارن جي جاني قرباني

جڏهن جاني قرباني ڪرڻ جو وقت آيو ۽ جنگ بدر جي تياري شروع ٿي تڏهن حضرت جن پنهنجي اصحابن مهاجرن يا انصارن کي گهرائي صلاح پڇي امتحان جي وقت ثابت

رهڻ جو وعدو ورتو هو. تنهن تي مهاجرن پنهنجي جان نثاري ۽ وفاداري جون
زوردار تقريرون ڪري ثابت قدمي جي خاطري ڏني. واقعي هو به هي تمام سخت
آزمائش ۽ امتحان جو وقت جو اسلام جي خاطر پنهنجن عزيزن قريبن کي مارڻو ٿي پيو
پاڻ جو پيارن سان پنهنجو پٽ سان مقابلو هو. دوست ۽ آشنا جو پنهنجي دوست ۽ آشنا
جي خون سان هٿ رڱڻو هو. مگر دين اسلام جي خاطر ڪنهن جي وير ۽ دشمني
سبب. پوءِ حضرت جن انصارن ڏانهن نهاريو ته هي نئون پتنگ اسلام جا چاچا ٿا
چون. سعد بن معاذ جو پنهنجي قوم جو معزز رئيس ۽ مطاع امير هو تنهن پنهنجي قوم جي
طرفان تقرير ڪري هنن زرين الفاظن ۾ پنهنجا دلي جذبات اظهار ڪيا: ته اي
رسول خدا جا صلي الله تعاليٰ عليه وسلم. اسان توتي ايمان آندو آهي. اسان توکي دل و
جان سان سچو آهي پنهنجي برحق دين تي اسان ڪلمون شهادت جو پڙهيو آهي اسان
توهنجي اطاعت ۽ فرمانبرداري جا وعدا ڏنا آهن. بيشڪ تون پنهنجو حڪم ڪي هلاءِ. اسين
سڀ تو سان آهيون. قسم آهي خدا تعاليٰ جو جيڪڏهن تون اسانکي سمونڊ ۾ اڇلائيندين
اسين پٺتي نه هٽنداسين. هڪڙو ماڻهو به پنهنجي پٺ نه ڏيندو اسين
جنگ جا ڏاڍا مقابلي ۽ وعده جا سچا آهيون. اميد ته خدا تعاليٰ اسان مان توکي
اهڙيون وفاداريون ۽ جان نثاريون ڏيکاريندو. جو تنهنجي دل خوش ٿيندي.
اهڙا فقط زباني تقرير ۽ وقتي جوش خروش نه هو. بلڪ سچ پچ انهي عمل ڪري ڏيکاريون
۽ آخر دم تائين انهي تي قائم رهيا.

بدر جي جنگ ۾ جتي حريف جو لشڪر مسلمانن کان ٽيڻو هو مسلح فوج ۾ زبردست
طاقت سان مقابلو ڪرڻو هو. مسلمانن جي امتحان ۽ آزمائش جو وقت هو. مسلمانن
جو تعداد به اڻان ٿورو هو. ڪل اصحاب بدر جا ٽي سؤ (٣١٣) ماڻهون هوا. جن ۾ اڪثر
حصو انصارن جو هو. مهاجر فقط چوراسي (٨٤) ۽ انصار ٻه سؤ اڻٽيهه (٢٢٩) هئا. يعني مهاجرن
کان ٽي حصه زياده هوا. مگر همت ۽ استقلال سان هڪ هزار مسلح فوج کي سخت
هزيمت ۽ شڪست فاش ڏني. مظفر ۽ منصور ٿي آيا. مڪان ۽ پوءِ جيڪي وقت بوقت
جنگيون ۽ دشمنان اسلام سان مقابلا ٿيا آهن. تن سڀني ۾ سندن ڪارناما صفحه تاريخ

سعد بن معاذ جي تقرير

جنگ بدر ۾ مسلمانن جو تعداد

تي موجود آهن ۽ اب زمان مرقوم. تنهن جي تفصيلي بيان ڪرڻ جي موقعو آهي
مگر هنن جي قرباني ۽ جوش ايماني جو هنن جي محبت ۽ صداقت جو فقط هڪڙو مثال مشت نمونه
خروار ذڪر ڪريون ٿا. جڏهن احد جي جنگ لڳي تڏهن هڪڙي انصارڻ بي بي
جنهن جو مڙس ۽ پيءُ ۽ ڀاءُ ٽئي ڄڻا جنگ ۾ ويا سي ٽئي ڄڻا هن جنگ جي دوران ۾
هڪ ٻئي بعد ديگري شهيد ٿي ويا. جڏهن بي بي صاحبه کي سندس ٽنهي وارثن وسيلن
جي مارجي وڃڻ جي خبر پئي، تڏهن پاڻ بيتابيءَ مان پڇيائين: ”حضرت جن
پاڻ ته خير سلامتيءَ سان آهن؟“ چيائون ته ها! حضرت جن ته الله سبب خير آهي
سندس دل کي تسلي نه آئي، چيائين: مون کي حضرت جن جو ديدار ڪرايو ته خاطري ٿئي.
(جيتوڻيڪ جنگ ۾ سندس شهادت جي ڪوڙي افواهه ڦهليل هئي) جڏهن حضرت
جن کي پري کان ڏسي خاطري ڪيائين تڏهن چيائين: ڪُلُّ مُصِيبَةٍ بَعْدَكَ جَلَلٌ
يعني توهان جي سلامتيءَ کان پوءِ سڀ مصيبتون آسان آهن. ــــ

توهي بايد که باشي ورنه سهل است ◆ زبان مايه جان و مال

خيال ڪريو ڏسو هڪڙي ضعيف نازڪ عورت جنهن جي دنيا ۾ مڙس ۽ پيءُ ۽ ڀاءُ کان وڌيڪ
عزيز قريب ڪير ٿي سگهي ٿو، تن جو ڪوبه غم نه ٿيو پر جنهن کي غم هو سو
پياري جو غم نه ته هنن جي پيءُ جو غم نه ڀاءُ جو غم پر رسول الله جن جو.
صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم.

اها آهي حقيقي محبت ۽ سچي جان نثاري. قرآن شريف ۾ جا بجا انصارن جي تعريف
موجود آهي ۽ صحيح صحيح حديثن ۾ سندن فضائل ۽ مناقب مذڪور. حضرت جن
آخرين مرض بيماري جي حالت ۾ منبر تي چڙهي حمد ۽ ثنا کان پوءِ فرمايو آهي ته اي
مومنو! آئون اوهان کي انصارن جي باري ۾ وصيت ٿو ڪريان جو ته اهي منهنجا
جگر آهن. هنن پنهنجو حق ادا ڪيو آهي ۽ اوهان جو هنن تي واجب حق باقي رهيو آهي لاءِ
اهڙا حضرت جن جي اوهين قبول ڪريو ۽ انهن جي ڪارنامن جي ۽ درگذر ڪريو
بدڪارن کان. حضرت جن هڪڙي ڏينهن انصارن جي ننڍن ٻارن کي ڪنهن شادي
تان موٽندي ڏٺائون تڏهن فرمايائون ته خدا تعالىٰ جي قسم ته اوهين محبوب ترين ماڻهن جي

آهيو مون وٽ انهيءَ محبوب تريءَ ماڻهن جا آهيو مون وٽ (به دفعا) حديث
شريف ۾ آهي ته آية الايمان حب الانصار وآية النفاق بغض الانصار ايمان جي علامت
محبت آهي انصارن جي، منافق جي علامت انصارن جو بغض. ۽ هي ٻيا ٻڌڻ سڳورن
فرمايو آهي ته انصارن سان محبت نه رکندو مگر مؤمن ۽ انهن سان بغض نه رکندو مگر
جو منافق هوندو. پوءِ جيڪو محبت انهن سان رکي ٿو الله تعالى انهيءَ سان
محبت رکي ٿو ۽ جيڪو انهن سان بغض رکي ٿو الله تعالى انهيءَ سان بغض رکي ٿو. اللهم ارزقنا
حبك وحب من يحبك وحب عمل يقربنا الى حبك.

انصارن جي مدح ۽ تعريف کان پوءِ آمدم برسر مطلب ته:- موجوده وقت ۾ شهر جي حالت تمام افسوسناڪ ۽ قابل رحم آهي. هن ڇوٽي بادشاهه گردشي ۾ يعني ترڪي انقلاب کان پوءِ جنهن شهر ويران ٿي ويو نه وري اڄ تائين برابر ٿيو آهي گهڻيون وڏيون عاليشان عمارتون ويران ۽ خالي ٿيل پيون آهن. شهر جي چئني پاسي قسبوته اروڙيون لڳيون پيون آهن. اسٽيشن جي عاليشان عمارت جا اڳيان پاڻ طاري آبادي ٿي هئي بلڪ اسين پاڻ انهي ريلوي تي جا هي شام ويا هواسين افسوس جو انهي شڪسته حالت خراب ۽ ويران ڏسڻ ۾ آئي. فقط حضرت جن جي روضه مبارڪ جي آس پاس ۽ ڪن بازارين ۾ شهر جي آبادي باقي هٿن جي هلچل ڏسڻ ۾ ٿي ورنه ٿوري اڳتي هلڻ سان ته جايون ۽ محلون ۾ ماڻهن کان خالي نظر اينديون. اسان مدينه شريف ۾ سترهن ڏينهن رهيا سين مگر نئين عمارت ٺهندي يا نئين اڏاوت ٿيندي ڪانه ڏٺي سون. حالانڪ مڪه شريف ۽ جده شهر ۾ گهڻيون نيون عمارتون ٺهيون ۽ ٺهندي ڏٺيوسين جنهن مان انهن شهرن جي ترقي ۽ آبادي وڌڻ ظاهر ٿي ٿي.

مطلب ته مدينه شريف جي اقتصادي حالت تمام سقيم. ڏندي ڌاڙي جي موٽ ڪ پيسو ميسر نه. بي نيشان حالي ماڻهن ۾ گهٽي آهي. فقير فقرا. سوالي ۽ پنندڙ شهر جي گهٽين ۾ ۽ بازارين ۾. رستي تي ۽ دروازن تي ته ايترا آهن جو شمار ئي ڪونهي. فقيرن فقير ۽ سفيد پوش معزز ماڻهو مڙي دڪاندار ۽ پوليس وارا ماڻهو به

موجوده حالت مدينه شريف